سي پيڙيون رکين باجهسين

الطاف شيخ

سي پيڙيون رکين پاڇم سين

سي پيڙيون رکين پاڇم سين

(سفرنامو)

الطاف شيخ

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1997ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ٽيهون

چپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڈو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
چپيندڙ	القادر پرنٽنگ پريس، ڪراچي.
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ	ڪرسٽل ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ سينٽر، قاسم آباد، حيدرآباد سنڌ.
پهريون ايڊيشن	وفائي پرنٽنگ پريس، ڪراچي.
ٻيون ايڊيشن	جون 1982ع
ٽيون ايڊيشن	ڊسمبر 1997ع
قيمت	**-/60 رپيا**
پڪي جلد سان	**-/80 رپيا**

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

SE BERYOON RAKHEEN BAAJH SEIN (A Travelogue in Sindhi) By ALTAF SHAIKH. Published By New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad, Sindh. Pakistan. Second Edition June 1982. Third Edition December 1997. Price Per Copy Rs. 60/-

Book No. 30

Library of Congress No. P-SI 79-931174

ٽائيٽل ڪيليگرافي: راز ناٿن شاهي

انتساب

ڪمانڊر قربان علي ارباب نالي

ڪمانڊر قربان علي ارباب جنهن جو هن ڪتاب "چالنا جي سفر" ۾ نالو آيو آهي اسان جي ڳوٺ هالا جو آهي. هو منهنجو نہ ٿو دوست آهي نہ وري اعليٰ عملدار پر هي ڪتاب ڪين اربي خوشي محسوس ٿو ڪريان جو ارباب صاحب هڪ اهڙو نيڪ انسان آهي جنهن سڄي زندگي ماڻهن جي مدد ڪئي ۽ ڪندو اچي. ڳوٺ جي نوجوانن جي رهنمائي ڪرڻ ۽ ڪين روزگار سان لڳائڻ لاءِ ان لائق بنائڻ ۾ نہ فقط قربان علي ارباب صاحب پر سندن سڄي فئملي اڳيان اڳيان رهي آهي. مونکي ٿو نہ فقط هالا ۽ سنڌ جي ٻين شهرن جا پر پاڪستان جي ٻين صوبن جا ۾ ڪيترائي ملیا هوندا (خاص ڪري نيوي ۽ بئنکن جا) جن هالا جو نالو ٻڌي قربان علي ارباب يا هن جي ٻارن: ڪمانڊر اختر علي ارباب، مسعود علي ارباب (سکر ڊويزن جو سابق چيف انجنير)، منور علي ارباب (UBL جو سنڌ لاءِ ريجنل چيف ايگزڪيوٽو) يا ڪنهن ٻئي ٻارَ جو پڇيو هوندو ۽ دعا ڏني هوندي ٿو هن منهنجي فلاڻي يا فلاڻي ڪر ۾ مدد ڪئي هئي.

گهٽ ۽ ڏيرج سان ڳالهائڻ واري ۽ هميشہ Composed، محنتي ۽ ڏکئي وقت ۾ ڪم ايندڙ هالا جي هيءَ ideal ارباب فئملي اڄ سنڌ يا پاڪستان ۾ هالا جي مخدومن بعد ٻئي نمبر تي ڄاتي سڃاتي ويجي ٿي. قربان علي ارباب اٽن ٻارن ۽ هڪ ٻيٽ زبيده (مومل) ۾

ٻيو نمبر آھي. کانئس وڏو ڀاءُ مرحوم حسين علي ٿيھ سال اڳ گذاري ويو. ھنن ڀائرن لاءِ ڇيو ويندو آھي تہ Self-Made ماڻھو آھن. اھا حقيقت آھي تہ ھنن غريب ھجڻ جي باوجود محنت ۽ ھمت سان نہ فقط تعليم حاصل ڪئي پر ھميشہ مٿاھيون Positions ڪٽي پنھنجي قابليت تي اعليٰ نوڪريون ھٿ ڪيون.

پاڪستان ٿيڻ بعد پھريون سنڌي قربان علي ارباب ھو جيڪو بحري فوج (پاڪستان نيوي) ۾ شامل ٿيو. پاڻ اسانجي ڳوٺ جو پھريون ماڻھو آھي جنھن نياڻين جي تعليم تي زور ڏنو. (سندس وڏي ڏيءُ نسير جنھن جي شادي فاروق نديم صوفي سان ٿي آھي ڈاڪٽر آھي، ٻيو نمبر ڏي رخسانا جنھن جي شادي ھالا جي مشھور شخصيت مرحوم گل حسن ميمڻ جي پٽ ڈاڪٽر اشفاق سان ٿي آھي ڪسٽم ڊپارٽمنٽ ۾ سينئر پروينٽو آفيسر آھي ۽ ٽيون نمبر نندي ڏيءُ، جيڪا ڈاڪٽر غلام علي ارباب جي زال آھي، ايم اي پوليٽيڪل سائنس ۾ ڪئي اٿس).

ارباب صاحب جا وڏا ارڙھين صديءَ جي اڌ ڌاري، مرزا قليچ بيگ جي خاندان وانگر وچ ايشيا کان ٿيندا اچي سنڌوندي جي ڪناري واري ھن ڳوٺ ۾ آباد ٿيا. ارباب تہ عزت خاطر ھر وڏي کي سڏيو ويڄي ٿو پر ھو اصل ذات جا ھلا ھٿا جنھن قبيلي جا ماڻھو اڄ بہ سعودي عرب، ترڪي ۽ ٻين ڪيترن ھنڌ ملن ٿا. اوٺھين صديءَ جي لڏ پلاڻ ۾ ويندي ھن ڪٽنب جا ڪجھ ماڻھو ڪوريا تائين وڃي نڪتا. سندن ھن ذات پويان ھن ڳوٺ جو نالو ھالا پيو. کانئن پوءِ ٻيا جيڪي ھن ڳوٺ ۾ اچي رھيا تن ۾ پڻ ڪيترا اھڙا ھٿا جن جا ڏاڏا پڑڏاڏا ٻاھران- خاص ڪري عرب، افغانستان ۽ وچ

ايشيا کان لڏي، رستي تي کيترن هنڌن تي رهندا، اچي هتي رهائش پذير ٿيا. هالا جا عرساڻي، قريشي، قاضي، ابڙا ۽ ٻيا جيڪي هاڻ اسانجي سنڌي ڪلچر ۾ رچي بسي ويا آهن ۽ جن جون سنڌ ڏرتي لاءِ خدمتون قابل تعريف آهن، اصل ۾ ٻين هنڌن تان آيا.

هالن جي شهر ۾ جن ٻن ڇڻن سڀ کان پهرين مٿرڪ ڪئي انهن ۾ هڪ محمد اسماعيل عرساڻي هو (جنهن جو ٿر بابت ڪتاب 'بدنصيب ٿري' تمام گهڻو مشهور ٿيو) ۽ ٻيو قربان علي ارباب صاحب جو والد صاحب حاجي عبدالغني ارباب هو. پاڻ هالا ۾ محمد پريل جي نالي سان پڻ سڃاتو ويو ٿو. حاجي عبدالغني 1896ع ۾ ڄائو ۽ ڪراچي جي سنڌ مدرسي مان تعليم حاصل ڪيائين. پاڻ 1390 هجري سال (1970ع) ۾ وفات ڪيائين. پاڻ 1963ع ۾ حج ڪيو هئائين. حج تان موٽڻ واري ملاقات مونکي به ياد آهي. اسان انٽر ڪري موڪل تي هالا ۾ هئاسين ۽ بس اسٽاپ وٽ واڪ ڪري رهيا هئاسين ته خبر پئي ته اربابن جا حاجي اچي ويا آهن جن سان گڏ، رسم موجب، سڀ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن وٽ پهتاسين. سندن نوراني چهرو اڃا تائين ياد اٿم. پر ان وقت نه اها ڄاڻ هير نه معلوم ڪرڻ چاهيو ٿي ته ارباب فئملي ۾ تعليم ونڊ جو جذبو پئدا ڪندڙ هي شخص هو. ۽ حاجي عبدالغني ارباب صاحب نه فقط پنهنجن هارن پر ٻين مٽن مائٽن کي به علم حاصل ڪرڻ ۽ پکيڙڻ لاءِ نصيحت ڪئي. سندن نندي ڀاءُ عزت علي جو پٽ عبدالرحيم ارباب صاحب منهنجو پهرين درجي ۾ ڪلاس ٽيچر هو. پاڻ هالا جي جهونن استادن مان هو جنهن منهنجي والد کي به پڙهايو. قربان علي ارباب جو چوٿون نمبر ڀاءُ

ظفر علي ۽ پڻ ماستري جهڙي نوڪري کي آتر ۽ اعليٰ سمجهيو. هو منهنجو ٻئي درجي (يعني ڇهين ڪلاس) ۾ ڪلاس ٽيچر هو. پڙهائي ۽ سان گڏ هن جو راندين ۾ حصو وٺڻ تي پڻ زور هوندو هو. (جنهن ۾ وڏو هٿ اسڪول جي ڳوٺائي هيڊ ماستر سائين غلام رضا پٽو صاحب جو هو جنهن جو وڏو فرزند نواز علي پٽو سنڌ يونيورسٽي ۾ رجسٽرار ٿي رهيو آهي ۽ ننڍي عمر ۾ راڳ جي فن ۾ اعليٰ مقام رکندڙ پري وش جو پيءُ آهي.) سائين ظفر علي ارباب جو وڏو پٽ الطاف آرمي ۾ ڪرنل آهي ۽ اميد آهي ته جلد برگيڊيئر جي رئنڪ تي پهچي ويندو. باقي نيوي ۽ مرچنٽ نيوي ۾ ته هن خاندان جا ڪيترائي آهن. قربان صاحب جو پنجون نمبر پاءُ ڪمانڊر اختر علي ارباب پڻ نيوي ۾ تمام مقبول شخصيت آهي. هينئر رٽائرڊ ٿيڻ بعد ۽ ڊفينس سوسائٽي آفيس ۾ ليگل ايڊوائيزر طور ڪم ڪري رهيو آهي جتي روزانو هن جو ملڪ جي بري، بحري ۽ هوائي فوج جي ماڻهن سان واسطو پوي ٿو.

ڪمانڊر قربان علي ارباب حيدرآباد جي نورمحمد هاءِ اسڪول مان مٽرڪ ڪئي ۽ 1947ع ۾ B.A ڪرڻ بعد نيوي جي Executive برانچ ۾ سب ليفٽيننٽ ٿيو. 1961ع ۾ ليفٽيننٽ ڪمانڊر رئنڪ سان مشرقي پاڪستان جي بندرگاهه ڇالنا ۾ پائلٽ مقرر ٿيو.

جيئن هن ڪتاب جي شروعات ۾ ڏنل "ضروري ڄاڻ" ۾ پائلٽ بابت لکي چڪو آهيان ته هوائي جهاز هلائيندڙ ڪپتن کي به پائلٽ سڏجي ٿو ۽ پاڻيءَ جو جهاز هلائيندڙ ڪپتن جنهن کي ڪنهن خاص بندرگاهه جي ڀرپور ڄاڻ هجي ان کي پڻ پائلٽ سڏجي ٿو. ملڪي توڙي فارين جا جهاز هلائيندڙ ڪپتن پنهنجي

جهاز کي فقط بندرگاهه جي منهن تائين آڻين تا باقي بندرگاهه ۾ اندر وٺي هلڻ ۽ جيٽيءَ سان جهاز کي لڳائي بيهارڻ ان بندرگاهه جي پائلٽ جو ڪم آهي. ۽ چالنا بندرگاهه هڪ ڏکيو بندرگاهه سمجهيو وڃي ٿو جنهن تائين پهچڻ لاءِ جهاز کي ڪلئي سمنڊ کان وٺي پهرين پسر ندي ۾ هلائڻو پوي ٿو- جنهن ۾ ڪٽي ور وڪڙ آهن تہ ڪٽي پاڻيءَ جي اونهائي گهٽ وڌ بہ آهي. قربان علي ارباب چالنا بندرگاهه جو ڏهه سال ڪن پائلٽ ٽي رهيو. ڪين 1965ع واري جنگ ۾ ستاره هرب جو تمغو مليو. پاڻ 1971ع ۾ ڪراچي بندرگاهه جو پائلٽ مقرر ٿيو ۽ 1973ع ۾ پاڪستان نيوي مان رٽائرڊ ڪيائين. ان ئي سال ڪيس پورٽ قاسم بندرگاهه جو هاربر ماسٽر مقرر ڪيو ويو. ان بعد ڊپٽي ڪنزرويٽر ٿيو ۽ پوءِ آخر ۾ PQA جو جنرل مئنيجر (آپريشن) ٿيو. پاڻ پورٽ قاسم ۾ بہ ڏهه سال ڪن رهيو ۽ 1983ع ۾ سٺ سالن جي عمر ۾ نوڪري کان رٽائرڊ ڪيائين.

سرڪاري نوڪريءَ کان تہ ارباب صاحب ڪٽي رٽائرڊ ٿيو هجي پر اهو ماڻهو جنهن سڄي عمر سخت مشغول زندگي گذاري سو ڪيئن ماڻ ڪري ٿو وهي. هو اڄ ڏينهن تائين مختلف خير جا ڪم ڪندو رهي ٿو. سگا وارن جو ڪم هجي يا ڪنهن بي NGO جو، هو پنهنجي هڙان بہ ڏئي ٻئي جي مدد ڪندو رهي ٿو. قربان علي ارباب صاحب جي نظرن ۾ سڀ کان اهم شيءِ تعليم آهي. ۽ هن ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ خوشحالي هن کي تعليم جي اعليٰ معيار ۾ ئي نظر اچي ٿي. شايد اهو ئي سبب آهي جو هو پوتاڻ ڏهتاڻ کي بہ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جهڙي نيڪ ڪم لاءِ آماده ڪندو رهي ٿو. قربان علي ارباب صاحب جو وڏو پٽ سليم پرويز (جيڪو مون سان گڏ

ڪئبٽ ڪاليج پيٽارو ۾ ھو ۽ ھاڻوڪي وزيراعليٰ لياقت جتوئي جو ڪلاس ميٽ ھو) جون ۾ ڏيئون ٿروٽ ۽ سامرينا ۽ پٽ خالد سنڌي اسڪول ۽ ڪراچي اسڪول جھڙن نالين تعليمي درسگاھن ۾ تدريسي ڪم ڪن ٿا ۽ ھن ٽيچنگ جي سڪيا آئرلئنڈ (انگلنڈ) مان حاصل ڪئي آھي. ارباب صاحب جو ٻيو نمبر پٽ اسلم پڻ وڏي ياءِ وانگر بئنڪنگ ۾ آھي.

قربان علي ارباب صاحب جي جنم تاريخ 25- ڊسمبر 1923ع آھي.

الطاف شيخ
آڪٽوبر 1997ع

فهرست

1-	پيش لفظ - سلطانا صديقي	13
2-	اظهار خيال - الطاف شيخ	15
3-	ليکڪ طرفان - نئين چاپي لاءِ - الطاف شيخ	21
4-	جهاز بابت ڪجهه جاڻ	26
5-	چالنا - ٻيلي منجهه بندرگاهه	39
6-	دوحا (قطر)- عربي نار جو هڪ امير ملڪ	53
7-	ڳالهيون هيوسٽن (ٽيڪساس) جون	70
8-	ڪوريا جون ڪجهه يادون	96
9-	ٽڪل ۽ ٽڪل	107
10-	One is enough	122
11-	آمريڪاڊ نيوجرسي، بالٽيمور ۽ نيويارڪ	141

الطاف شيخ جا چپيل ڪتاب

1- انااميڪا
2- منهنجو ساگر، منهنجو ساحل
3- پيار جي گهٽ
4- وايون وڻجارن جون
5- سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين
6- دنيا آهي ڪاڪ محل
7- سموند جن ساٹيهه
8- بندر بازاريون
9- سموند جي سيوين
10- سي ئي جوين ڏينهن
11- بندر ديسان ديس
12- خبرون ڪيڙائن جون
13- ڪويت ڪنارا
14- چا جو ديس، چا جو وديس
15- جاني تہ جهاز ۾
16- جڀان جن جي جيءَ سان
17- ڳالهيون تنهن جڀان جون
18- خدا ڏي خط
19- جڀان رس
20- سانباهو سموند جو
21- موج نہ سهي مڪڙي
22- الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان
23- بهترين سفرناما
24- لندن تائين لفٽ
25- ٻارن جون آکاٹيون
26- مس سدا بهار چنبيلي
27- مڪليءَ کان ملاکا تائين
28- سنگاپور ويندي ويندي
29- ڪوالالمپور ڪجهه ڪوهه
30- ماستر هريام جو ٻنڪاڪ وڃڻ
31- دنگيءَ منجهه درياهه
32- ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آکاٹيون
33- جت جَر وهي تو جال
34- يادين جي اندلڪ
35- ڳالهيون آهن ڪچ
36- اي جرني تو ٽائلينڈ
37- سوزيءَ سان پيار
38- Proverbs of Far-East
39- اوهريا جي عميق ڏي
40- اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا
41- ملير کان مالمو
42- جت برف پئي ٽي جام
43- ڪراچي کان ڪوپن هيگن
44- ارائونڈ دي ورلڈ
45- رڻ آهي گهوٽ سان
46- يورپ جا ڏينهن يورپ جون راتيون
47- اي روڊ ٽ مدينہ

پيش لفظ

الطاف شيخ جا هي مختلف ملڪن جا سفر پڙهي اسان جهڙن جو گهمڻ لاءِ شوق وڌي ٿو. سفرنامو ايترو ته سهڻي ۽ تفصيلي نموني سان لکيل آهي جو مون ان کان اڳ اهڙا سٺا سفرنامه نه پڙهيا آهن. سوچيان پئي ته ڪٿناڀا وڃڻ کان اڳ جي اهي پڙهان ها ته هوند روم ۽ نيويارڪ کان وٺي ڪٿناڀا تائين اهي مسئلا مون سان درپيش نه اچن ها ۽ اها حيراني ۽ پريشاني نه ٿئي ها جيڪا هر نئين ماڻهوءَ کي ڏارين جي ڌرتي تي ٿئي ٿي، ۽ شايد منهنجو سفر وڌيڪ دلچسپ، تفريح آموز ۽ سولو رهي ها.

ادب جي هن حصي (سفرنامي) جي هونءَ به اسان کي تمام گهٽي ضرورت آهي، ۽ مونکي خوشي آهي ته الطاف انهيءَ تي کافي لکيو آهي ۽ اميد ته اڃان به لکندو رهندو.

اڄ فارين ويندڙ ٽوکيو ايمبسي ۾ سيڪنڊ سيڪريٽري مسٽر ظفر شيخ کان ناروي ۾ تعليم وٺندڙ مس ساجده تائين، لنڊن ۾ ڊاڪٽري ڪندڙ اسلم گهلو کان ماسڪو ۾ رهندڙ جيالاجسٽ عبدالرزاق ابڙي تائين شايد ئي ڪو سنڌي هجي جنهن الطاف جا سفرنامه نه پڙهيا هجن.

الطاف جنت، جهنم ۽ هن بناوٽي دنيا جي ٽوائي تي نه، پر ان ٻوائي تي آهي جنهن جو هڪ طرف ادب ڏي آهي ته ٻيو مئرين انجنيئرنگ ڏي. ڪيترن پڙهندڙن کي اهو معلوم نه هوندو ته الطاف

جهاز جي دنيا ۾ هڪ مشهور انجنيئر آهي، جنهن جا مٿرين انجنيئرنگ تي لکيل Technical Papers شايد ڪو جهازي انجنيئر هجي جنهن نه پڙهيا هجن، ۽ ساڳي طرح جهاز جي دنيا ۾ رهندڙن کي شايد اهو علم هجي ته اهو الطاف جنهن جي هٿن ۾ هو هميشه پانا ۽ مترڪا ڏسن ٿا، ۽ جيڪو انجڻ جي گوڙ گهمسان ۽ ساموندي طوفانن واري دنيا ۾ رهي ٿو سو اديب پڻ آهي، جنهن جا ڪتاب نه فقط سنڌ ۾ پر دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ جتي به سنڌي آهن شوق سان پڙهيا وڃن ٿا.

سلطانا صديقي

پاڪستان ٽيليويزن

ڪراچي

تاريخ - جنوري 1980ع

اظهار خيال

ڪتاب ٽن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرين ۾ سفرنامو ڳالهه جي روپ ۾ آهن. ٿوري گهڻي جرنلزم واري رپورٽنگ ۽ تاريخ جاگرافي واري ڪٿا به شامل آهي. ٻئي حصي ۾ افسانوي رنگ آهي ۽ ٽئين ۾ ڊائري نمونو آهي.

دراصل سفرنامو ڪهڙي انداز ۾ وڌيڪ مؤثر ۽ بهتر رهي سگهندو- ان لاءِ شروع کان ڪجهه تجربا ڪري رهيو آهيان- خطن جي روپ ۾، ڪهاڻين ۽ انٽرويو جي ڍنگ ۾، 'گائيڊ بڪ' جي نموني ۾- مختلف ڪتاب اڇي چڪا آهن.

هن ڪتاب جو پهريون حصو هن کان اڳ به پريس جو منهن ڏسي چڪو آهي. 1972ع ۾ طارق اشرف، سهڻي پريس طرفان پاڪيٽ سائيز ڪتابن جو سلسلو شروع ڪيو هو، ان ۾ اهو حصو ڇپيو هو.

اهو حصو سال 1968ع ۽ 1969ع سان تعلق رکي ٿو، جڏهن آئون جهاز تي فٽ انجنيئر هوس. ڪتاب جو ٻيو حصو 1972ع کان 1973ع تائين واري دور جو آهي، جڏهن آئون مختلف جهازن تي ٿرڊ ۽ سينيئر ٿرڊ انجنيئر جي حيثيت سان Sail ڪري رهيو هوس. ان حصي ۾ سفرنامو افسانوي انداز ۾ ڏنل آهن. اهي ڳالهيون مون سان ٿيون يا ٻئي ڪنهن سان، پر پنهنجي جاءِ تي اهي افسانا حقيقتون آهن، جي مون 1st Person Singular ۾ پنهنجو پاڻ بيان ڪيا آهن.

کتاب جو ٽيو حصو جنھن ۾ مون سيڪنڊ انجنيئر جي حيثيت سان Sail ڪيو آھي، سال 1973ع کان 1974ع تائين آھي، ۽ ڊائري نمونو آھي.

ڪجھ پڙھندڙن جو اھو خيال رھيو آھي تہ ھي سفرنامو فقط ڪتابي صورت ۾ اچڻ ۽ اخبار يا رسالي ۾ نہ. اھا بجا ڳالھہ آھي تہ اخبار ۾ اچڻ ڪري اھو مزو نڪريو وڃي، ۽ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اسان وٽ ڪيترا آھن جي ڪتاب خريد ڪرڻ جي حيثيت رکن ٿا. اڄ ڪلھہ جي مھنگي ڇپائي ۽ ڪميشن ايجنٽن جي ھيڪاندي ھيڇ ڪري ڪتاب جي قيمت ڳري ٽيو وڃي ۽ ڪتاب فقط چند شوقين رکاردِ خاطر ونڊي سگھن ٿا، نہ تہ ھي سفرنامو گھٽي کان گھٽن ماڻھن تائين پھچائڻ لاءِ- جيڪا ھر اديب جي تمنا ھوندي آھي، اخبار ئي ھڪ واحد ۽ مؤثر طريقو آھي. بھرحال ھن ڪتاب ۾ پڙھندڙن کي اھڙو ڪافي مواد پڙھڻ لاءِ ملندو جو پھرين نہ ڇپيو آھي.

پڙھندڙن لاءِ ھڪ ٻي ڳالھہ واضح ڪرڻ چاھيان ٿو تہ ھن ڪتاب جو ڪجھ اسڪرپٽ پنج سال اڳ جو لکيل آھي ۽ باقي ٻہ ٻہ سال ڪن اڳ جو آھي. ان بعد ڪافي سياسي ۽ سماجي تبديليون آيون آھن ۽ ساڳي وقت مونکي ٻہ ڪيترائي ٻيا ۽ ساڳيا ساڳيا ملڪ وري ڏسڻ جو موقعو مليو آھي ۽ ظاھر آھي تہ ان دوران منھنجا ڪيترين ڳالھين بابت خيال ۽ رايا بدليا ھوندا. پر ھتي اھو ئي مواد اصلي صورت ۾ ڏنو پيو وڃي.

منھنجي پوزيشن ولائت تي لکڻ جي حيثيت ۾ تمام ڏکي آھي. آئون ولائت ۾ پرديسي ٻہ آھيان تہ ساڳي وقت ملڪ کان وڌيڪ ولائت ۾ وقت گذري ٿو. ڪٽي ولائت جي تعريف ڪئي اٿم تہ

ڪٽي گلا، ساڳي وقت پنهنجي شهر، ملڪ ۽ ڪنڌ جي پڻ. ۽ ميان ٿو ته پڙهندڙن کي ڪيترن هنڌ ڪيترين ڳالهين بابت منهنجي Approach بلڪل Objective نه لڳندي، پر تنهن هوندي به اميد اٿم ته منهنجا مختلف وقتن ۾ مختلف خيال ۽ تبصرا پڙهڻ بعد پڙهندڙن جي دماغ ۾ ضرور ڪا تصوير ايرندي جا ڪين دنيا جي ملڪن، اتي جي مراڻهن، ريتن ۽ رسمن بابت ڪافي قريبي ۽ صحيح Idea ڏئي سگهندي.

– الطاف

ڪراچي 1976ع

نيويارڪ جي ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ متان الطاف شيخ ۽ ٽنڊو
قيصر جو نور احمد نظاماڻي. 1969ع

نيويارڪ U.S.A ۾. ساڄي کان کاٻي: جهڏي جو مبارڪ ٽالپر، ٽنڈو قيصر جو نور احمد نظاماڻي، الطاف شيخ ۽ ڪراچي جو عاشق ميمڻ.

ڪوريا ۽ جپان جي وچ واري سمنڊ تي بينل جهاز ۾: ساڄي کان کاٻي: آصف غيور، الطاف شيخ ۽ عالم شيخ. 1970ع.

الطاف شيخ پنهنجي جهاز جي ڪنڊن پر. (فوٽو 70-1969ع)

ليکڪ طرفان - نئين ڇاپي لاءِ

"سي ٻيڙيون رکين ٻاجھ سين" جو ھي ٽيون ايڊيشن ان ڪري اصلي صورت ۾ آھي جنھن ۾ پھريون ۽ ٻيو ڇپيو. ان وچ ۾ ڪيتريون ڪي تبديليون دنيا جي گولي تي رونما ٿي چڪيون آھن. اوير پاڪستان اڄ بنگلاديش آھي. روس ۽ يوگوسلاويا ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو آھي. يورپ جا ٻيا ملڪ ڳنڍجي ھڪ ڪميونٽي نالن ۾ ڪافي حد تائين ڪامياب ٿي رھيا آھن.

ويھارو سالن کان مٿي، اڳ جا ھي پنھنجا لکيل سفرناما پڙھي ڪن ھنڌن تي پاڻ کي داد ڏنو اٿم جو ھي لکڻ جو ڪم ان عمر ۾ ڪيو اٿم جنھن ۾ ھڪ ھنڌ ڪرسيءَ تي ويھي ڪلاڪن جا ڪلاڪ لکڻ، پوءِ پڙھي درستيون ڪري وري فيئر ڪرڻ ۽ ان کان علاوه ھن قسم جو مواد لکڻ لاءِ ڪيترائي Supportive ڪتاب پڙھڻ، ڪجھ ڏکيو ۽ بور ڪم لڳي ٿو- ۽ سو ٻه انجڻ روم جي گرمي ۽ خراب موسمن ۾، ڏينھن رات ڏيوٽي ڪندي. اھو سڀ ڪجھ سوچي اڄ پنھنجي پٽي پاڻ ئي ٺريان ٿو. ۽ ائين جيڪو وقت ڪاٽيندو رھيس ان تي افسوس نه اٿم. اڄ اھو ٻه سوچيان ٿو ته لکڻ پڙھڻ جو شوق نه ڏاريان ھا ته ڏکھن ساموندي سفرن تي سخت بور محسوس ڪريان ھا ۽ وقت ڏاڍو ڏکيو گذري ھا. پنھنجا ھي سفرنامه پڙھي ڪن ڳالھين تي پنھنجي اڻ ڄاڻائي تي افسوس ٻه ٿئيم ٿو ته ڪھڙ معلومات ھجڻ ڪري ڪيتريون ڳالھيون تفصيل

سان لکي نہ سگھيو آھيان يا ڪن ھنڌن تي details ۾ لکڻ ضروري ھو پر نہ لکيو اٿم. ھي ڳالھ تہ يڪساھي - يعني ھڪ ئي sitting ۾ سڄي ڳالھ نہ لکي اٿم. يڪو وقت نہ ملڻ ڪري قسطن ۾، مختلف ھنڌن ۽ moods ۾ لکيون اٿم. ان ڪري ڪيترن ھنڌن تي jumping ٿي وئي آھي. يعني ڪڏھن ڪٿان ويچي نڪتو آھيان تہ ڪڏھن ڪٿان. ھڪ ڳالھ شروع ڪئي اٿم تہ ٻئي ڏينھن يا ھي موقعي تي لکڻ جو وقت ملڻ تي ان ڳالھ کي مڪمل ڪرڻ بدران ان ڳالھ کي ڇڏي ھي ڳالھ کي اھميت ڏني اٿم. ان ڪري ڪٽي ڪٽي سلسلو ٽٽل ھوندي ۽ اميد آھي تہ پڙھندڙن لاءِ منھنجيون ھي پاءُ (چوٽو) صدي اڳ جون ڪچيون ڦڪيون لکڻيون دلچسپ ثابت ٿيندیون. ھا ھڪ ھي ڳالھ ۽. ڪن ھنڌن تي مونکي لفظ 'عورت' يا 'نوجوان عورت' لکڻ ڪتو ٿي پر ڏسان پيو تہ جتي ڪٽي انھن لاءِ 'ڇوڪريءَ' جو لفظ استعمال ڪيو اٿم. اھو شايد ان ڪري جو جھاز تي اھا ئي termnology استعمال ٿئي ٿي- يا گھٽ ۾ گھٽ انھن ڏينھن ۾ ٿيندي ھئي جنھن موجب جھازين (Sailors) جي نظر ۾ سورھن کان ٽيھ چاليھ سالن تائين (بلڪ نشي جي حالت ۾ پنجاھ سالن جي عمر تائين) جي عورت ۽ 'ڇوڪري' ھوندي ھئي. ۽ ان بعد 'اولڊ وومئن'.

1968-69ع وارا ڏينھن ۽ ڏوحا، جيڪي اڄ جي يورپي شھرن جو مقابلو ڪن ٿا، ان وقت سنڌ جي نوشھري فيروز ۽ روھڙي کان ۽ ننڍا شھر ھٿا جن ۾ ھالا جي بازار کان ۽ ننڍي ۽ ڪچي بازار ھئي. بندرگاھ ھو پر ننڍا ٻيڙا ۽ ٻيڙيون ٻيئيون ٿي ۽ اسانجو ويھ ھزار ٽڻ وارو جھاز 'سندربن' جي ٻيھڻ لاءِ ۽ ڪا سنئين سولي نہ جيٽي

ھئي ۽ نہ اندر اچڻ لاءِ اونھو بندرگاھ. ويھ ميل ڪن پري ڪلئي سمنڊ ۾ وڃي بيٺا ھئاسين. جھاز جو ھڪ ٻہ پائيپ ٽٽي پيو ھو تہ ان کي ويلڊنگ ڪرڻ لاءِ بہ اسانکي وڏي مشڪل سان دبئي مان ڪو ورڪ شاپ وارو ھٿ آيو ھو. ان وقت اسان جھاز جا انجنيئر ھن قسم جون ڳالھيون ڪندا ھئاسين:

"ھتن عرب رياستن وٽ پئسو جام اڇي رھيو آھي. ھڪ ڏينھن پنھنجا جھاز بہ خريد ڪندا. انھن جي مرمت، Dry Docking توڙي سيڊي سامان ۽ Spare Parts لاءِ ھو اسان ڏي ڇڏندا. اسان جي حڪومت کي ڪپي تہ اسانجي ملڪ ۾ ھڪ بدران ٻہ ٽي ڊراءِ ڊاڪ ٺھرائي ڇڏي. ھن پوري ريجن ۾ ٽيڪنيڪلي، انڊين ۽ اسان پاڪستاني سڌريل آھيون ۽ مسلمان جي ناتي ھن پوري علائقي جو جھازي بزنيس اسان پاڪستاني capture ڪري سگھون ٿا..." وغيرہ وغيرہ.

۽ اڄ دبئيءَ جھڙا ننڍا ملڪ (جيڪي تيل نڪرڻ ڪري پئسي جي معاملي ۾ تہ امير ضرور ھٿا پر سائنس ۽ ٻئي علم ۾ اڳيرو نہ ھٿا)، اھي اڄ اسان کان گھٽو گھٽو اڳ نڪري ويا آھن. دبئيءَ ۾ اھي اھي ڪارخانا ۽ اعليٰ نموني جا ڊراءِ ڊاڪ ۽ جھازن جي مرمت جا يارڊ ڪلي ويا آھن جو اڄ اسان جا جھاز Repair Facilities لاءِ اوڏانھن وڃن ٿا. نہ فقط وڃن ٿا پر وڃڻ لاءِ سفارشون ھلائي اڳ واٽ جي انڊوانس بڪنگ ڪرائين ٿا.

دبئي جھڙي رڻ پٽ ۾ نہ مينھن آھي نہ درياھ. سمنڊ جي کاري پاڻيءَ مان منو پاڻي ٺاھي پاڻ بہ استعمال ڪن ٿا ۽ ٻين کي بہ وڪڻي ناڻو ڪمائين ٿا. اسان جي بندرگاھ ۾ ايندڙ جھاز پاڻيءَ لاءِ

پيا دانهون ڪندا. رلائي رلائي ڪن جهازن کي پاڻي مهيا ڪيو ويندو ته ڪن کي نه. نتيجي ۾ ويندي اسانجي ملڪ جا جهاز ۽ دبئي مان پاڻي خريد ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿا. تيل ته اتان ونڻ ئي ونڻ ٿا پر گوشت، پاڇيون، ميوا ۽ اتان خريد ڪن ٿا. دبئي دوح ۾ چار پنسا ڪٽي وڌيڪ مهنگائي هجي پر شيءِ ته وقت تي، جلدي ۽ صاف ستري مليو وڃي. مٽل مينهن ۾ بيمار ڏڪين جو گوشت ته نٽو ملي. اسان جي ملڪ ۾ ٻکري جي نالي ۾ گڏهن ڪتن جي گوشت جي وڪري جو اخبارن ۾ پڙهي دنيا جا ماڻهو (مسلمان توڙي غير مسلم) ڏندين آڱريون ڏين ٿا.

اهي ڏينهن جن ۾ مون هي سفر (Travels) ڪيا ۽ اڄ جي دؤر ۾ جيتوڻيڪ ڪو وڏو عرصو نه گذريو آهي. ڪو ويهه پنجويهه سالن جو فرق مس آهي. پر ان ۾ ڪن ڪن ملڪن (ڪوريا جهڙن) ڇا ته زبردست ترقي ڪئي آهي. اڄ جو نوجوان منهنجي هنن سفرن جي ڪتا پڙهي يقين نه ڪرڻ جي حد تائين تعجب ڪائيندو هوندو ته ڇا اڄ جي سهڻي ۽ ترقي يافته ڪوريا (ڏکڻ ڪوريا) فقط ويهارو سال ڪن اڳ اهڙي غريب ۽ گدلي هئي. هائو. سواءِ سيول (Seoul) گادي واري شهر جي ڪوريا جا باقي شهر ائين هئا. نه صفائيءَ ۾ سٹا هٹا نه هائيجن ۾. معاشي حالت ۾ ڪا خاص نه هئي. ڪپڙن جي سلائي سا سٹي ٿيندي هئي ٻيو مڙيئي خير هو. ڏور اوير جي ملڪن ۾ ٿائلنڈ وانگر ڏکڻ ڪوريا ۾ چڪلن ڪان مشهور ٿي رهيو هو. هيڪاندي بي روزگاري، وڌندڙ آدمشماري ۽ سُستي هن ملڪ کي تباهه ڪري رهي هئي پر پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي ڪو اهڙو جادو يا پير فقير پئدا نه ٿيو پر سڀن ۽ محب وطن اڳواڻن، دل ۾ جذبو

رکندڙ سرڪاري ڪامورن هن ملڪ کي ڇڻ ڪاهيءَ ۾ ڪِرڻ کان ڪنيي مٿي ڪٽي ورتو. هاڻ ڪورين ۽ جپاني ڇڻ هڪ ٿي سگھي ٿا ۽ پاسا ٿي پيا آهن.

سخت محنت، قاعدو قانون (۽ ان تي عمل)، عدل انصاف جي اصولن تي هلي جپان وانگر اڄ ڪوريا پڻ ٻين لاءِ مثال بنجي پيو آهي. جپان وانگر ڪوريا ۾ ۽ ٿا ڇا نہ ٺهي ٿو. ڪارون، جهاز، ڪمپيوٽر، فرجون، ٽي ويون- هر قسم جون مشينريون تيار ٿين ٿيون. ۽ اڄ ڪورين ڪاهل سڏجڻ بدران محنتي ۽ وقت تي ڪم پورو ڪري ڏيڻ ۾ (نہ فقط پنهنجي ملڪ ۾ پر ولايتن ۾ ۽) مشهور آهن.

سعودي عرب جا گرم واريا‌سا رڻ پٽ نہ ڏسو، سئيڊن ۽ ناروي جا برفاني ٻيٽ نہ ڏسو، ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جا مينهوڳي واري موسم نہ ڏسو، وينزوئلا ۽ ڪولمبيا جا گھاٽا جنگل نہ ڏسو- جتي ڪٽي ڪورين جي حوالي وڏا وڏا پروجيڪٽ آهن. ويندي اسان جهڙن ملڪن ۾ ۽ هاڻ وي ٺاهڻ کان وٺي بندرگاهہ ۽ هيوي انڊسٽري جو ڪم ڪورين حوالي آهي. نہ تہ اڄ کان ٽيهارو سال اڳ ڪورين حڪومت طرفان هڪ (Delegation) جٿو پاڪستان آيو هو- اهو ڏسڻ ۽ سکڻ تہ پاڪستان ايڏو تيز رفتاريءَ سان ڪيئن ترقي ڪري رهيو آهي.

الطاف شيخ

5- سيپٽمبر 1997ع

جهاز بابت ڪجھ ڄاڻ

هن ڪتاب ۾ ڪجھ اهڙا نالا ۽ Terms استعمال ٿيا آهن جن جو واسطو جهازي دنيا سان آهي. عام ماڻهوءَ لاءِ انهن جي سمجهاڻي ڏيڻ هتي ضروري سمجهان ٿو.

ڊيڪ (Deck): جهاز جو مٿيون حصو. جهاز جي ڏاڪڻ چڙهي هن حصي تي پهچجي ٿو. هي جهاز جي اڳئين ڪنڌ کان آخري ڪنڌ تائين هڪڙو ٽي حصو (پَٽ) آهي. جهاز کي واڌر تائيٽ رکڻ لاءِ لوهي پليٽن جي هيٺين حصي کي باٽم، ساڃي ۽ ڪاهي پاسي جي پليٽن کي Shell پليٽنگ ۽ مٿين حصي کي ڊيڪ سڏجي ٿو. ڊيڪ جي هيٺان سامان رکڻ جا گدام، انجڻ روم، خلاصين جا ڪمرا ٿين. ڊيڪ جي مٿان ۾ چار ماڙ جون ڇتون ٿين جن تي آفيسرن جا ڪمرا ۽ برج (جهاز جو ڪنٽرول روم) ٺٽي. ڊيڪ جي مٿان وارا ڪمرا وڏيڪ هوادار ۽ سهڻا ٿين جن جون دريون کولي ٻاهر جو نظارو ۾ ڪري سگهجي ٿو. مسافرن جا فرسٽ ڪلاس ۽ ڊيلڪس ڪلاس ڪمرا ۾ مٽي ٿين. ڪجھ ملڪن جي 'مسافر جهازن' تي گهٽ ڀاڙي وارا مسافر ڪٽڻ لاءِ ڊيڪ جي هيٺ سامان جي گدام ۾ هنڌ بسترا لڳايا ويندا آهن. ان ۾ رهندڙ مسافرن کي ڊيڪ ڪلاس پٽسينجر سڏجي ٿو. اسان جي حاجين جي پراڻن جهازن: سفينئ حجاج، سفينہ عرب، شمس وغيره تي پڻ ڊيڪ ڪلاس هو جنهن کي اسان جي سنڌ جا حاجي 'ديڪ' سڏيندا هئا. اونهاري جي ڏينهن

ٻر بحراحمر (ڳاڙھي سمنڊ) جي سخت گرمي مان لنگھڻ وقت ڊيڪ ڪلاس جا مسافر پاڻ کي ديگ ٻر ئي محسوس ڪندا ھئا.

وائيج (Voyage)، عام طرح ساموندي سفر کي وائيج چئجي ٿو. جھازي دنيا ٻر ملڪي بندرگاھ کان نڪري جھاز مختلف ملڪن مان ٿي واپس پنھنجي ملڪ ٻر پھچڻ سان ھن جو ھڪ سفر يعني Voyage ٿئي ٿو. مثال طور ڪراچي کان نيويارڪ تائين جھاز کي وڃڻو ۽ موٽڻو آھي. ويندي ۽ ايندي ٿي سگھي ٿو ساڳين بندرگاھن ٻر وڃڻو پوي يا مختلف بندرگاھن ٻر؛ ويندڙ سفر کي Outward جرني سڏجي ٿو ۽ ملڪي بندرگاھ ڈي موٽڻ واري سفر کي Homeward جرني سڏجي ٿو. جھاز جي سفر شروع ٿيڻ تي سيني آفيسرن ۽ خلاصين کي سفر جي معاھدي Contract تي صحيح ڪرڻي پوندي آھي جنھن کي "Sign On"ڪرڻ سڏجي ٿو. ان معاھدي جو پگھار، ڊيوٽين ۽ سھوليتن جو تفصيل ھوندو آھي جنھن موجب جھازيءَ کي سڄو سفر پورو ڪرڻو آھي ۽ سفر پوري ڪرڻ تي وري رجسٽر تي صحيح ڪرڻي پوندي آھي، جنھن کي 'Sign Off" سڏجي ٿو. ان بعد ساڳيو آفيسر يا خلاصي ٻيو سفر ڪرڻ چاھي تہ ھن کي ان وقت Sign Off ڪري وري Sign On ڪرڻو پوندو آھي.

ڪئبن ٻڌاءِ: ڪمرو صاف رکڻ وارو چوڪرو. ھن جو ڪم ڪئبن (ڪمرو) صاف ڪرڻ، ھٿ جون چادرون بدلائڻ ۽ ماني کارائڻ آھي.

ڊيڪ ڪسب: جھاز جي اسٽور ڪيپر کي ڊيڪ ڪسب سڏجي ٿو. جھاز جون لوھي چادرون صاف ڪرڻ لاءِ ڪرپيون ۽ اسڪريپر، رنگ، روغن، گريز، رسيون وغيرہ ھن جي حوالي

هوندیون آهن جيکي جهاز جي منهن وٽ نهيل استور ۾ رکندو آهي.

پئنٽري: چانهہ، کافي ۽ سئنڈوچون ٺاهڻ لاءِ ننڍڙو رڌڻو.

ردر (Rudder): جهاز جي پويان لڳل سکان کي ردر سڏجي ٿو. جهاز کي ساڄي يا کاٻي موڙڻ لاءِ سکان کي موڙڻو پوندو آهي. ننڍين ٻيڙين جو سکان اسٽيرنگ ويل سان رسين ذريعي ٻڌل هوندو آهي. وڏن جهازن جو سکان (ردر) تمام Complicated ٿئي ۽ هئڊرالک، اليکٽرک يا نيوميٽک ذريعي Steering Wheel سان لاڳو ٿئي. کن جهازن تي اهي سڀ سسٽم گڏ ٿين ۽ اليکٽرانک ۽ کمپيوٽر سسٽم ۾ ٿئي جنهن ذريعي جهاز کي Auto تي رکي سگهجي ٿو. يعني بندرگاهہ کان نکرڻ بعد جيڏانهن جهاز کي وڃي هلڻو آهي اها Data ان ۾ وجهي ڇڏجي ۽ ماٺهوءَ جي مدد بنا اسٽيرنگ ويل سکان کي کنٽرول کري ٿو. جيئن هوائي جهاز جو پائلٽ جهاز کي Auto تي رکي پوءِ هلندو رهندو آهي.

ردار (Radar): ٽي وي نما، گول اسکرين وارو اوزار ٿئي جنهن تي ليکن ۽ دُبن جي صورت ۾ سامهون ايندڙ جهاز، ٻيٽ، زمين ۽ سمنڊ هيٺ ٽکريون ۽ تباهہ ٿيل جهاز نظر اچن. اتراهن ملکن ۾ هر وقت مينهن، برفباري ۽ اونداهہ کري سامهون فرلانگ تائين ۾ نظر نہ پوندي آهي. پر ردار جي شيشي تي چاليهہ ميلن تائين ٻيڙل ۽ چرندڙ شيون ڏسي سگهجن ٿيون. سامهون ايندڙ جهازن جي رفتار ۽ رخ جي ۾ خبر پئجي سگهي ٿي جنهن مان حساب کري اهو معلوم کري وڃبو آهي تہ آيا سامهون ايندڙ جهاز پاسي کان لنگهي ويندا يا اسان کي پاسو کرڻو پوندو. ۽ اگر کرڻو پوندو تہ کڏهن ۽ کهڙي هنڌ تي جيئن حادثو نہ ٿئي.

پورٽ هول: جهاز جي ڪمري (ڪئبن) جي دريءَ کي Port Hole سڏجي ٿو. هي دريون هميشہ واٽر ٽائيٽ ۽ ايئر ٽائيٽ هئڻ ڪپن جيئن خراب موسم ۾ يا اتر قطب جي ويجهو وارن ملڪن ۾ سمنڊ جو پاڻي يا ٺڏي هوا اندر نہ اچي.

گئنگ وي: جهاز جي اها ڏاڪڻ جنهن ذريعي ڪنارِي تان چڙهي جهاز تي پهچجي ٿو Gang-way سڏجي. لنگر کڻڻ مهل هيءَ ڏاڪڻ ڪرين ذريعي مٿي جهاز تي کنئي ويندي آهي ۽ پاسيري ڪري رکبي آهي. هن ڏاڪڻ جي هيٺان ٿيٽا ٿين جنهن ذريعي سمنڊ جي چاڙهہ ۽ لاهہ وقت پاڻهي صحيح ٿي بيهي.

ائلي وي: جهاز جي گهٽين کي ائلي وي سڏجي ٿو.

بٽلر: بورچين مٽان وڌي بورچي کي بٽلر سڏجي ٿو. روز جو کاڌو تيار ڪرائڻ ۽ ڊائننگ ٽيبل تائين پهچائڻ بٽلر جو ڪم آهي.

پرسر: سئلون ڊپارٽمينٽ جي انچارج کي پرسر سڏجي ٿو. جهاز جا بورچي، بئرا، صفائي وارا Purser (پرسر) جي هٿ هيٺ ڪم ڪن. ڪجهہ جهازن جا پرسر ريڊيو آفيسر کي پگهارون ڏيڻ ۽ هي ڏيتي ليتي جي ڪمن ۾ پڻ مدد ڪن جن لاءِ هنن کي جهازن جي مالڪن طرفان ڪجهہ وڌيڪ پگهار ملي.

سُڪاني: انگريزيءَ ۾ ان کي Quarter-Master سڏجي ٿو. سڪاني اهو خلاصي آهي جيڪو ڪئپٽن يا ٻئي ڊيوٽي تي موجود نيويگيٽر سان گڏ چار ڪلاڪ ڏينهن جو ۽ چار ڪلاڪ رات جو ڊيوٽي ڪري. ڪلئي سمنڊ ۾ هن جو ڪم سامهون ايندڙ جهازن تي نظر رکڻ ۽ ان بابت ڊيوٽي آفيسر کي ٻڌائڻو آهي، جيئن هو اڳواٽ پنهنجي جهاز لاءِ کو سلامتيءَ وارو رستو اختيار ڪري سگهي.

بندرگاهه ۾ گهڙڻ يا نڪرڻ وقت سکاني‌ءَ جي ڊيوٽي Steering-Wheel وٽ هوندي آهي ۽ ڊيوٽي آفيسر (ڪيپٽن، چيف آفيسر) يا پائلٽ جي حڪم موجب جهاز کي اوتريون ڊگريون ساڄي يا کاٻي موڙڻو هوندو آهي.

پائلٽ: هوائي جهاز هلائيندڙ ڪيپٽن کي ته پائلٽ چئبو آهي پر پاڻي‌ءَ جي جهاز هلائيندڙ ان ڪيپٽن کي به چئبو آهي جيڪو بندرگاهه جو واقف (سونهون) هجي. ڪنهن به ملڪ جي بندرگاهه ۾ گهڙڻ کان اڳ جهاز کي ان بندرگاهه کان ڏهه پنڌرهن ميل ٻاهر ڪلئي سمنڊ ۾ بيهاريو ويندو آهي. بندرگاهه ۾ اندر وڃي هلڻ لاءِ بندرگاهه طرفان مقرر ڪيپٽن لانچ ۾ چڙهي ايندو آهي ۽ پوءِ جهاز کي اندر وڃي هلندو آهي. ان ڪيپٽن کي بندرگاهه جو پائلٽ ٿو سڏجي. هن کي بندرگاهه جي چپي چپي جي خبر هوندي آهي. ڪراچي جي بندرگاهه کي به اهڙا اٺ ڏهه پائلٽ آهن جيڪي پنهنجي ۽ ڏارين ملڪن جي جهازن کي اندر وڃي ايندا آهن يا رواني ٽيڻ وقت بندرگاهه کان ٻاهر ڪلئي سمنڊ تائين اماڻي ايندا آهن. بندرگاهه ۾ جهاز هلائڻ تمام ڏکيو ڪم آهي جيڪو هر بندرگاهه جا مڪاني پائلٽ سرانجام ڏين. ان ڪم جي في بندرگاهه وارا جهازران ڪمپني‌ءَ کان وٺن جنهن کي Pilotage-Fee سڏجي ٿو.

ڪي ڪي بندرگاهه- خاص ڪري يورپ جا يا جپان ڪوريا جا ايترو ويجهو ٽين جو اهوئي هڪڙو پائلٽ هڪ بندرگاهه مان جهاز کي ڪڍي ٻئي بندرگاهه اندر پهچائي ايندو آهي. اتر يورپ جي ملڪن وارو سمنڊ 'North-Sea' خاص ڪري سياري ۾ اهڙو ته خراب ۽ اونداهو هوندو آهي جو جهازران ڪمپنين جا مالڪ جيترا

ڊينهن جهاز اتر انگلنڊ، پولنڊ، ڊنمارڪ، جرمني جهڙن ملڪن ۾ هوندو آهي ته يڪو هڪ پائلٽ رکندا آهن جيڪو 'نارٽ سي' پائلٽ سڏجي ٿو. جهاز جي ڪپتڻ کي جهازن جي مالڪن طرفان Instructions هوندا آهن ته سياري ۾ نارٽ- سي سمنڊ ۾ جيڪڏهن جهاز هلائي سگهو ٿا ته توهان جي مرضي پر جي ٿورو بہ شڪ يا ڊپ ڊاءُ محسوس ڪريو ته مهرباني ڪري 'نارٽ سي پائلٽ' Hire ڪريو. نارٽ سي پائلٽ جي في جيتوٽيڪ لکن ۾ ٽي ٽئي پر جهاز جي سلامتي ڪارڻ مالڪ اهو ڦاهو ڦڪيندا آهن. يورپ ڊي هلندڙ جهازن ۾ ان قسم جي پائلٽن جي رهائش لاءِ هڪ وڏيڪ ڪئبن پڻ هوندي آهي جنهن کي 'پائلٽ - ڪئبن' سڏجي ٿو.

خلاصي: جهاز هلائيندڙ مٿيون عملو آفيسر سڏجي ٿو ۽ هيٺيون اسٽاف خلاصي (Crew) سڏجي ٿو. خلاصين ۾ ڪي انجن روم جا خلاصي سڏبا آهن ته ٻيا ڊيڪ ۽ ڪٽلي (بورچيخاني) جا. ڊيڪ وارن خلاصين جو ڪم جهاز جي لوهي پليٽن کي سمنڊ جي پاڻيءَ ڪري زنگ لڳڻ کان بچائڻ لاءِ صاف رکڻ، رنگ لڳائڻ ۽ رسا ڇڪڻ ۽ سکانيءَ جي ڊيوٽي ڪرڻ آهي. انجن روم جا خلاصي تيل وارا ۽ آڳ وارا سڏبا آهن. ڪٽلي جي ڊيوٽي ۾ استيوورڊ (بٹرا)، بورچي، پنڊاري (پاڇي ڇلڻ وارا) ۽ ٽوپس (پنگي) اچي وڃن ٿا.

ٿرڊ انجنيئر، فورٿ انجنيئر، سيڪنڊ آفيسر، چيف آفيسر، وغيره وغيره: جهاز هلائيندڙ عملي جا بہ اهم حصا آهن. هڪ نيويگيٽر (جن کي ڊيڪ آفيسر بہ سڏجي ٿو) ۽ ٻيو انجنيئر. ڊيڪ آفيسر (Navigators) جو ڪم سمنڊ تي رستو ڳولهڻ ۽ جهاز کي ان رخ ۾ وٺي هلڻ آهي. مندن موسمن، سمنڊ ۽ هوائن

جي ڇاڻ رکڻ ۽ ان جي نقصانن کان جهاز کي بچائڻ، بندرگاھ ۾ کارگو (سامان) رکڻ ۽ لاھڻ آهي. انجنيئرن جو ڪم جهاز جي انجڻين کي هلائڻ ۽ انهن جي نگهباني ڪرڻ آهي. جهاز هڪ شهر مثل آهي، جنهن ۾ نہ فقط جهاز هلائڻ جي انجڻ آهي، پر اليڪٽرسٽي پيدا ڪرڻ، پاڻي ۽ تيل جا ڪيترائي پمپ هلائڻ، بٹالر، جنريٽر ۽ ٻيون مشينون پڻ آهن. ڏيڪ آفيسرن جو سڀ ۾ وڏو باس جهاز جو ڪپتان آهي. ڏيڪ ڪئپٽ سڀ ۾ جونئر ڏيڪ آفيسر آهي، ان بعد فورٿ آفيسر، ٿرڊ آفيسر، سيڪنڊ آفيسر ۽ پوءِ چيف آفيسر آهي. اهڙي طرح انجنيئرن ۾ سڀ کان ننڍو انجنيئرنگ، ڪئپٽ يا جونئر انجنيئر سڏجي ٿو. ان بعد ففٿ انجنيئر، فورٿ انجنيئر، ٿرڊ انجنيئر، سيڪنڊ انجنيئر ۽ آخر ۾ سڀ کان مٿاهون چيف انجنيئر آهي.

دنيا جي هر ملڪ جي هر جهاز تي انجنيئرن ۽ ڏيڪ آفيسرن جون ڏيوٽيون مقرر ٿيل آهن. مثال طور ٿرڊ انجنيئر جي ڏيوٽي رات جو ۽ ڏينهن جو ٻارهين کان چئين تائين جهاز هلائڻو آهي ۽ بندرگاھ ۾ سندس ڪم جنريٽرن جي سار سنيال آهي. ٿرڊ انجنيئر سان گڏ واري ڏيوٽي ڏيڪ آفيسرن مان سيڪنڊ آفيسر ڪندو آهي. هڪ ٻي وقت جاڳي ڏيوٽي ڪرڻ ڪري هر جهاز جي ٿرڊ انجنيئر ۽ سيڪنڊ آفيسر جي سڻي دوستي رهي ٿي. اهڙي طرح ٻين انجنيئرن ۽ ڏيڪ آفيسرن جي ڏيوٽي مقرر آهي.

ريڊيو آفيسر: انجنيئرن ۽ ڏيڪ آفيسرن کان علاوه هر جهاز تي هڪ ريڊيو آفيسر پڻ هوندو آهي. ريڊيو آفيسر جو ڪم ريڊيو ذريعي ٻين جهازن ۽ بندرگاهن ڏي نياپا موڪلڻ ۽ وٺڻ آهي. جهاز

تي کر کندڙ آفيسرن ۽ خلاصين جي پگهارن جو حساب کتاب ۽ مختلف ملکن ۾ وڃڻ لاءِ Visa ۽ ٻيون کاغذي کارروايون پوريون کرڻ پڙ ريڊيو آفيسر جو کر آهي.

اليکٽريکل انجنيئر ۽ فرج انجنيئر: مٿين انجنيئرن (جيکي مئرين انجنيئرآهن) کان علاوه جهاز تي ٻ کن اليکٽريکل انجنيئر ۽ هک فرج انجنيئر پڙ ٿئي. جن جو خاص کري اليکٽرسٽي ۽ ريفريجريشن جو کر هوندو آهي. اهي انجنيئر سيکنڊ انجنيئر ۽ چيف انجنيئر جي هٿ ۾ کر کن ٿا.

نيويگيشن: سمنڊ تي رستو ڳولڻ جي هنر کي Navigation سڏجي ٿو. سمنڊ تي خشکي جي رستن وانگر رستا نہ آهن. سمنڊ تي رستو ڳولڻ ۽ لڱندڙ هوائن ۽ لهرن کان فائدو ولي يا بچاءُ کري جهاز هلائڻ نيويگيٽرن (ڊيک آفيسرن) جو کر آهي. نہ فقط جهاز هلائڻ پر ڏينهن ۾ ٽي چار دفعا سج، چنڊ ۽ تارن جي مدد سان جانچڻو پوندو آهي تہ جهاز واقعي صحيح رستي ۽ رخ ۾ هلي پيو يا نہ. البت هاڻ کجهہ اهڙا اوزار نڪتا آهن جن ذريعي وقت بوقت اها خبر پوندي رهي ٽي تہ جهاز ڊرتي جي گولي تي کهڙي هنڊ آهي. ان اوزار کي Sattelite Navigator سڏجي ٿو.

جهازي: هر اهو ماڻهو جيکو جهاز تي کر کري ٿو ان کي جهازي يعني Sailor سڏجي ٿو. هونءَ Sailor ۽ Seaman نيوي جي جنگي جهاز تي هيٺين عملي جون Ranks پڙ آهن.

سيکيورٽي انجنيئر: بندرگاهہ ۾ موکل کرڻ وقت هک سينئر انجنيئر ضرور جهاز تي چڏبو آهي، جيئن هو باهہ لڳڻ جهڙي ايمرجنسي کي منهن ڏئي سگهي. ان انجنيئر يا ڊيک آفيسر

کي سيڪيورٽي انجنيئر يا سيڪيورٽي آفيسر سڏجي ٿو. سيڪيورٽي انجنيئر سان گڏ هڪ يا ٻه جونئر انجنيئر يا ففٽ انجنيئر ٻه هوندو آهي، جنهن کي انجن روم ۾ رهڻو پوندو آهي.

انجڻ روم: جهاز جي انجن روم سمجهو ته پنج ڇهه ماڙ پلازا بلڊنگ آهي، جنهن جي هر فلور تي ڪيترين ئي مشينون آهن. جهاز جو پنکو Propellor هلائڻ واري مشين Main Engine سڏجي ٿي، جيڪا تي چار ماڙ ٿئي. جنهن جو هڪ هڪ سلينڈر ايڏو وڏو ٿئي جنهن ۾ تي ماڻهو آرام سان بيهي سگهن ۽ اٺ نو فٽ ڊگهو ٿئي. مين انجن کان علاوه ٻيون اهم مشينون هي آهن. جنريٽر، پمپ، پيوريفائر، بئالر، ايئرڪمپريسر، ايووپريٽر، ڪولر، هيٽر، Sewage پلانٽ، وغيره.

پروپيلر: جهاز جي ٻئين پاسي ٻاهر لڳل پنکي کي Propeller سڏجي ٿو. جهاز کي قيتا نه ٿين. پنکي هلڻ سان جهاز اڳيان پويان وڌي ٿو. جهاز جو پنکو هلائڻ واري انجن کي مين انجن سڏجي ٿو.

سيلنگ بوٽ: جيڪا ٻيڙي سڙهه (Sail) تي هلي ان کي Sailing Boat سڏجي ٿو. انجڻ جي ايجاد ٿيڻ کان اڳ ڀاڙيءَ جا جهاز سڙهن تي هلندا هئا ۽ Sailing Ships سڏبا هئا. جيڪي ٻيڙيون ڪاٺ جي چپن سان هلن ٿيون اهي Rowing Boats سڏجن ٿيون.

درياءِ ڊاکنگ: لڳاتار سمنڊ ۾ بيهڻ ڪري جهاز جي تري تي سپون ۽ ٻيون سامونڊي شيون (Sea-Growth) چهٽيو وڃن جيڪي جهاز جي لس هلڻ ۾ رخنو وجهن ٿيون ۽ رفتار ڏينهون ڏينهن گهٽجڻ لڳي ٿي. جهاز جي تري جي صفائي ۽ چڪاس لاءِ جهاز کي خشڪ گوديءَ ۾ اڇي بيهاربو آهي جنهن کي درياءِ ڊاڪ

(Dry-Dock) سڏجي ٿو. ڊراءِ ڊاڪ ۾ ڪيل صفائي، رنگ روغن ۽ مرمت کي Dry-Docking سڏجي ٿو. هر ڪارگو جهاز لاءِ ضروري آهي ته ٻن سالن ۾ هڪ دفعو ڊراءِ ڊاڪنگ ڪرائي ۽ مسافر جهاز لاءِ هر سال هڪ دفعو ضروري آهي.

جيٽي: بندرگاهه جو ڏڪو جنهن سان جهاز لڳي بيهي ٿو جيٽي سڏجي ٿي. ڪن جهازن کي بندرگاهن ۾ جيٽي نه ملندي آهن ته پوءِ جيٽي سان لڳل جهاز جي پرسان ٿي بيهندا. اهڙي صورت ۾ چٻو آهي ته اسان جو جهاز بندرگاهه جي فلاڻي جيٽي تي بيٺل فلاڻي جهاز جي Alongside آهي. هانگ ڪانگ، سنگاپور جهڙن مشغول بندرگاهن ۾ جهازن کي عام طرح 'الانگ سائيڊ' ۾ بيهاريو ويجي ٿو. اهڙي صورت ۾ جهاز جو ڪارگو ڪناري بدران سمنڊ واري پاسي بيٺل بارجز ۾ لاهڻو پوندو آهي. بارج (Barge) تانگهي ۽ بنا انجڻ واري ٻيڙي ٿئي جنهن کي 'ڊگ بوٽ' يا عام لانچ چڪي.

ڊيرڪون: جهاز تي سامان چاڙهڻ يا لاهڻ لاءِ بندرگاهه تي ڪرينون (Cranes) ٿين. ڪن بندرگاهن ۾ اهي نه ٿين ۽ جهاز تي لڳل ڪرين ذريعي سامان لاٿو ويندو آهي. جهاز جي Cranes کي ڊيرڪ Derrick سڏجي ٿو.

ڪئبن: جهاز تي رهائشي ڪمرا ڪئبنون (Cabins) سڏجن ٿيون.

ڊيوٽي ميس: جهاز کي هڪ وڏي ميس ٿئي جنهن کي Dinning Saloon سڏجي ٿو جنهن ۾ سڀ آفيسر گهٽو ڪري يونيفارم ۾ ماني کائين. سئلون کان علاوه هڪ نندڙي ڊيوٽي ميس ٿئي جنهن ۾ ڊيوٽي وارا انجنيئر ۽ ڊيڪ آفيسر ماني کائين. ڊيوٽي ميس خبرن ۽ ڪچهري کان مشهور ٿئي. هرڪو فري استائيل ۾

ٻناڪ سناڪ هٿندو آهي. بئرن ۽ وڏن آفيسرن جي اڇ وچ نه هجڻ ڪري ناقابل اشاعت لطيفا، شعر و شاعري ۽ پنهنجا پراوا Scandal آزادانه نموني سان بيان ڪيا ويندا آهن.

برج روم: جهاز جي ڪنٽرول روم کي برج سڏجي ٿو. برج جو هڪ حصو چارٽ روم هوندو آهي، جنهن ۾ هلڪي روشنيءَ جو بندوبست هوندو آهي، جيئن مختلف سمندن جا چارٽ ڏسي ۽ ماپي سگهجن. باقي حصي ۾ اونداهه ڪئي ويندي آهي جيئن رات جو سامهون ايندڙ جهاز ڏسي سگهجن. برج جي ڪاپي ۽ ساڄي پاسي واري حصي کي Wing سڏجي ٿو.

بل ورڪ: جهاز جي چوڌاري ڏنل ٻنوڙي کي Bulwark سڏجي ٿو.

بنڪر: جهاز جون مشينون هلائڻ لاءِ جيڪو تيل ونجي ٿو ان کي Bunker سڏجي ٿو. بنڪر ونڊ وارو سڄو ڏينهن يا رات انجنيئرن لاءِ ڊيوٽي ڊوڙان جو هوندو آهي. جهاز لاءِ هڪ قسم جو تيل نه پر ڪيترن ئي قسمن جو ٿئن جي حساب سان ونجي ٿو، جنهن کي مختلف ۽ مقرر ٽيل ٽانڪين ۾ جمع ڪيو وڃي ٿو. هڪ ويهه هزار ڪن ٿن جهاز لاءِ اٽڪل هي تيل ونبا آهن، جيڪي مهينو ڪن هلن ٿا.

هيوي فيول H.F.O - ٻارهن سؤ ڪن ٿن

مئرين ڊيزل آئل - چار سؤ ٿن

ڪرئنڪيس آئل - چار هزار گئلن

سلينڈر آئل - ٻه هزار گئلن

ٽربائين آئل - هڪ هزار گئلن، وغيره وغيره.

اينڪر: جهاز جي اڳئين منهن وٽ لنگر (Anchor) ٽئي ٿو

جيڪو سمنڊ ۾ جهاز کي بيهارڻ مهل هيٺ زمين تي کيرايو ويندو آهي. اٽنکر زمين جي تري ۾ وڃي ڦاسندو آهي ۽ جهاز کي اڪيان وڌڻ نه ڏيندو آهي. وري جڏهن جهاز کي هلڻو هوندو آهي تہ ونڊلس مشين ذريعي لنگر کي ٻاهر ڇڪي کيبو آهي. بندرگاهہ ۾، جيٽيءَ پرسان جاءِ ملڻ تي لنگر کيرائڻ بدران جهاز کي جيٽيءَ تي کتل کلي سان ٻڌو ويڄي ٿو. لنگر (Anchor) لاءِ مشهور ڳجهارت آهي تہ اها کهڙي شيءِ آهي جنهن جي جڏهن ضرورت پوندي آهي تہ اڇلائي ويندي آهي ۽ جڏهن ضرورت نہ هوندي آهي تہ پٺ تان کڻي رکي ويندي آهي.

اٽنکريج: جهاز سڄو سفر پورو کري جڏهن کنهن ملڪ ۾ پهچي ٿو تہ هن کي اجازت نہ آهي تہ بندرگاهہ ۾ يڪدم گهڙي پوي. بندرگاهہ ۾ اچڻ کان اڳ کلئي سمنڊ ۾ لنگر (Anchor) کيرائڻو پوي ٿو. پوءِ بندرگاهہ اٿارٽي طرفان ان ملڪ جي کسٽم ۽ اميگريشن جو عملو کلئي سمنڊ ۾ جهاز تي پهچي جهاز، جهاز جي عملي ۽ مسافرن وغيره جي ڪاغذن جي چڪاس کري ٿو. ان بعد بندرگاهہ طرفان پائلٽ اچي ٿو جيڪو جهاز کي آهستي آهستي کري اندر بندرگاهہ ۾ مقرر کيل جيٽيءَ تي اچيو بيهاري.

هر بندرگاهہ جي ٻاهران، کلئي سمنڊ جو اهو حصو جتي جهاز اٽنکر کيرائي اندر اچڻ لاءِ انتظار کري، ان کي Anchorage (اٽنکريج) سڏجي ٿو. اٽنکريج تي بيهڻ وارو وقت جهازيءَ لاءِ آرام ۽ انتظار جو هوندو آهي. آرام جو ان کري جو اٽنکريج تي نہ جهاز هلائڻ جي ڊيوٽي کرڻي پوي ٿي نہ ڪا مشينري کولي ان جي مرمت (Overhauling) کرڻ. سو مسافري جو ٽڪ پيڄڻ ۽ آرام

لاءِ ائنڪريج سنو آهي. ساڳي وقت انتظار ۾ ڪرٽو پوي ٿو ته خبر نه آهي جهاز کي ڪڏهن اندر گهرائن جيئن ڪناري تي پير رکي سگهجن ۽ گهمي ڦري سگهجي. اڄ ڪلهه ڪيترائي بندرگاهه مادرن ٿي ويا آهن ۽ ڏينهن اڃ جي انتظار بعد اندر گهرايو ويي ٿو. هڪ اهڙو ۾ سفر ياد اٿر جنهن ۾ ڪراچي کان ڪيوبا سفر ۾ مهينو لڳو. ان بعد ڪيوبا جي ائنڪريج تي انتظار ۾ مهيني کان ۾ متي لڳو. ان بعد مهيني کن لاءِ جڏهن جهاز بندرگاهه ۾ گهڙيو ته ڪيوبا جي ڪميونسٽ حڪومت اسان کي ڪناري تي پير رکڻ جي هڪ ڏينهن جي ۾ اجازت نه ڏني.

ائنڪريج کي ڪڏهن ڪڏهن فقط ائنڪر ۾ چيو ويي ٿو. چي اسان جو جهاز چار ڏينهن ائنڪر تي بيٺو ان بعد اندر آيو.

ڊيوميسٽڪ فرج: جهاز تي ۾ ٽي ڪمرا، گوشت، مڇي ۽ ياڄي ميوي کي ٺڏو رکڻ لاءِ هوندا آهن. انهن ڪمرن کي جنهن مشين ذريعي ريفريجريٽر وانگر ٺڏو رکيو ويندو آهي ان کي 'ڊوميسٽڪ - فرج' سڏجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ته ٻن ٽن مهينن جي سفر جو راشن اڪل چاليهه کن ريدون، ٻکريون ۽ ڍڳيون هوندیون آهن. ان خيال کان ڊوميسٽڪ فرج مشين تمام اهر سمجهي ويي ٿي، جنهن جي خراب ٿيڻ تي سڄو گوشت خراب ٿي سگهي ٿو - جنهن کي پوءِ سمنڊ ۾ ٿي اڇلڻو پوي ٿو ۽ نئين گوشت لاءِ ويجهي بندرگاهه جو رخ رکڻو پوي ٿو.

چالنا- پيلي منجهه بندرگاهه...

هي منهنجو ٽيون ساموندي سفر هو. اسان آگسٽ 1969ع جي پهرين هفتي ۾ چانورن سان جهاز پري ڪراچيءَ کان چالنا ڏانهن رخ رکيو. اڻ ڏينهن جو سفر، خراب سمنڊ ملڻ ڪري، ڏهن ڏينهن ۾ پورو ڪري، خليج بنگال جي طوفانن ۽ مانسون (Monsoon) جي مينهن ۾ سڀا اچي پُسر نديءَ جي ڇوڙ وٽ سمنڊ ۾ لنگر ڪيرايو.

اوپر پاڪستان ۾ ٻه ساموندي بندرگاهه آهن. هڪ چٽگانگ ۽ ٻيو چالنا. هونءَ ته سڄو بنگال دريائن جو ديس آهي ۽ جتي ڪٿي دريائن جي ڇار ويڇائي پئي آهي. هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچڻ لاءِ ٻيڙين، آگبوٽن ۽ اسٽيمرن کان ڪر ورتو ويڄي ٿو. ۽ بنگال جو هرهڪ شهر، ڳوٺ وستي بندرگاهه آهي ۽ اهي ندين ۽ درياهه آخرڪار سمنڊ ۾ اچيو ڇوڙ ڪن. پر 'ڪرناڦلي' ندي جيڪا چٽگانگ شهر وٽان لنگهي، اچيو سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي ۽ ٻي 'پُسر' ندي جيڪا ڪلنا شهر وٽان لنگهي خليج بنگال ۾ ڇوڙ ڪري ٿي، سي ايتريون اونهيون آهن ۽ سندن پيٽ ايترو ويڪرو آهي جو روز جنهن وقت ويرِ چڙهي ٿي، ان وقت چڱا خاصا وڏا جهاز اچي نديءَ جي ڇوڙ وٽ لنگر ڪيرائين ٿا. ۽ پوءِ بندرگاهه کان ڪو پائلٽ اچي جهاز کي اندر وٺي هلندو آهي.

ڇوويهن ڪلاڪن ۾ ٻه دفعا دنيا جي هر سمنڊ ۾ ويرِ

چڙهندي آهي ۽ ٻه دفعا لهندي آهي، ۽ پاڻي متي چڙهي ايندو آهي. اها ڪشش چند ۽ سج جي ڪري ٿئي ٿي. ان وقت سمنڊ جي پاڻيءَ جي ليول درياءَ جي پاڻيءَ جي ليول کان متي چڙهي ويندي آهي ۽ سمنڊ جو ڪارو پاڻي درياءَ جي پاڻيءَ کي پٺتي ڏکي ڇڏيندو آهي يا مٿان چڙهي ويندو آهي. بهرحال ٻنهي صورتن ۾ درياه جي ليول ٻه ڪجهه وڌي ويندي آهي. اهوئي سبب آهي جو ويڑهه وقت درياءَ جي پيڙي واري حصي جو پاڻي ڪارو ٿي ويندو آهي. سمنڊ ۽ درياءَ جي ليول متي چڙهڻ ڪري وڏا جهاز ٻه آساني سان لنگهي سگهندا آهن، نه ته تانگهي پاڻيءَ ۾ جهاز (جنهن جو اڌ کان وڌيڪ حصو اندر پاڻي ۾ رهي ٿو- انڪل ٽيهه فوٽ ڪن) سو درياءَ جي تري سان لڳي Ground ٿي سگهي ٿو.

منهوڙي تي ويجو ته سمنڊ جو ڪنارو ڪڏهن تمام پري نظر ايندو، پوءِ ٻه چار ڪلاڪ ڪن ترسبو ته ڏسبو ته سمنڊ وڌين لهرن جي صورت ۾ ويجهو ايندو رهندو ۽ منهوڙي تي رکيل سيمنٽ جي بينچن ۽ هوٽل کان اڇي نڪرندو. پوءِ هڪ حد تائين پهچي وري آهستي آهستي پٺتي هٽندو آهي. ساڳيو لقاءَ ڪراچي ۾ ڪلفٽن، سئنڊس پٽ، هاڪس بي، پيرادائيز پوائنٽ، بابا پٽ آئلنڊ ۽ ٻين هنڌن تي نظر ايندو. ڪلفٽن جن ويجهڙائيءَ ۾ ڏٺو هوندو، انهن کي معلوم هوندو ته اڇڪلهه ڪلفٽن واري سمنڊ جي چوڌاري سيمنٽ جي ڇهه فٽ ڪن پٽ ڏئي ڇڏي اٽن، جيئن ويڑهه تي پاڻي اڇتي نه وڌي، نه ته ٿي چار سال اڳ جڏهن اها پٽ نه هئي، ته پاڻي روزانو ويڑهه وقت اڇي 'داجم پارڪ' ۽ 'ماهي خاني' وٽ پهچندو هو. ان ويڑ جي روزاني چڙهڻ ۽ لهڻ کي بنگال ۽ ڏکڻ

هندستان جا رهاڪو 'جوار' ۽ 'ياتا' (Ebb and Tide) سڏين ٿا ۽ اسان وٽ ويڑ جو چڑھڻ لھڻ، آيامڻ ڦاٽڻ، نشيب و فراز سڏيو وڃي ٿو.

غريب ماڻھن جي زندگيءَ تي ان جوار ياتا جو وڏو اثر آھي. غريب ماڻھو ۽ مھاڻا جن وٽ بنا انجڻ يا سڑھ جي، ڪمزور ننڍيون ننڍيون ٻيڙيون آھن، سي ان جوار ۽ ياتا جو انتظار ڪندا آھن، جڏھن ويڑ لھندي آھي، ۽ پاڻيءَ جي ليول لھندي آھي، تہ ظاھر آھي تہ درياءَ جي پاڻيءَ جو وھڪرو سمنڊ جي طرف ھوندو آھي. ان وقت ھي مھاڻا پاڻيءَ جي وھڪري جي آڌار تي سمنڊ جو رخ ڪندا آھن ۽ سڌائي ھنڌ تي لنگر ڪيرائي مڇيون ماريندا آھن ۽ ويڑ چڑھڻ وقت ھو واپس پنھنجي ماڳ ڏي موٽندا آھن.

○

اسان جي Marine Academy، ڇتگانگ جي پرسان ھڪ جابلو ٻيٽ 'جُلديا' تي ھوندي ھئي. جتان ڪرناڦلي ندي، سمنڊ جي ڇوڙ (Delta) تائين صاف ۽ چٽي نظر اچي ٿي. ويڑ لھڻ وقت نظر ڪبي، تہ ھزارين ننڍيون ننڍيون ٻيڙيون (سمپان)، سيئي سمنڊ طرف لڙھنديون ويندیون. اھي مھاڻا سمنڊ مان مڇيون ڦاسائڻ خاطر اوڏانھن رخ رکندا آھن. ويڑ چڑھڻ يا لھڻ جو روزانو ساڳيو وقت مقرر نہ ھوندو آھي، پر چنڊ جي ايڑ ۽ لھڻ مطابق وقت ڦرندو رھي ٿو. روزانو چنڊ پنجاھ منٽ ڪن دير سان ايري، ساڳيءَ طرح ويڑ جي وقت ۾ بہ فرق اچي ٿو. مثال طور ھڪ ڏينھن ويڑ ٻارھين لڳي وڌي ڇيھ ڪيو تہ ٻئي ڏينھن ان جي حد ٻارھين لڳي پنجاھ منٽن تي ٿيندي.

جيئن تہ شروع ۾ لکي آيو آھيان، تہ پاڻيءَ جو اھو لھڻ ۽ چڙھڻ سڄ ۽ چند جي ڪشش ۽ ڇڪ ڪان آھي. انھيءَ ڦيرگير ۾ جڏھن رات جي وقت وير لھندي آھي، تہ ان وقت تہ ھن ٻيڙين جو نظارو ويتر پرڪشش ھوندو آھي. ھر ٻيڙيءَ ۾ ھڪ يا ٻہ ڏيا ضرور ھوندا آھن. اھڙي طرح رات جو پري سمنڊ ڏي ڏسبو تہ ھتي جي غريب ۽ بيوس ماڻھن جي تمنائيندڙ زندگين وانگر ھزارين تمنائيندڙ ڏيا سمنڊ تي لڏندا نظر ايندا. اھي ڏيا ۽ سندن سمنڊ تي اولڙا شب برات يا ڏياري جي رات جو ڏيک ڏين ٿا. ايترا سارا ڏيا فقط سلون ۾ ٻڌن جي پگوڏائن ۾ گوتر ٻڌ اڪيان ھرندي نظر اچن ٿا.

پاڻ سان لالٽين رکڻ جو وڏو سبب (نيويگيشن کان علاوہ) مڇين کي پاڻ ڏي ڇڪڻ آھي. مڇي فطري طور روشني طرف وڌي ٿي ۽ اڇيو پنھنجو پاڻ کي ڇار منجھ ھٽي. وير چڙھڻ جو وقت جڏھن ويجھو ايندو آھي، تہ سڀ پنھنجي پاڻ کي ستائون ڪري، ڇار ڇڪي، واپس ورڻ جا سانباھا ڪندا آھن. پوءِ جڏھن سمنڊ جي پاڻيءَ جي ليول چڙھندي آھي ۽ پاڻي درياءَ طرف رخ رکندو آھي تہ ان وقت ھي ان سان گڏ واپس ورندا آھن.

چوڏھينءَ جي چنڊ تي سڄ، ڏرتي ۽ چنڊ ھڪ سڌي ليڪ ۾ اچڻ تي پاڻيءَ ۾ وڌيڪ ڇڪ ٿئي ٿي ۽ عام وير کان وڌي وير چڙھي ٿي. (پوءِ پلي چنڊ ۽ سڄ ٻئي ڏرتي جي ھڪ ئي پاسي ھجن يا ڏرتيءَ جي ھڪ پاسي سڄ ۽ ٻئي پاسي چنڊ) اھڙي وير کي انگريزيءَ ۾ Spring-Tide اسپرنگ ٽائيڊ سڏجي ٿو. ۽ جڏھن سڄ ۽ چنڊ، ڏرتيءَ سان گوني ڪنڊ Right-Angle ٺاھي ٿو، تہ اھڙي وير کجھ ننڍي ٿئي ٿي ۽ ان کي Neap-Tide سڏجي ٿو.

O

اسان جي جھاز پسر ندي‌ء جي ڇوڙ وٽ اچي لنگر کيرايو، ۽ ويڙ چڙھڻ جو انتظار کرڻ لڳاسين. ان ڏينھن ٻي لڳي منجھند جو ويڙ چڙھي راس ٽيڻ جو وقت ھو. ٻن ٻ ڪجھ وقت ھو تہ چالنا بندرگاھ جو پائلٽ ٻيڙي‌ء ذريعي اسان جي جھاز تي پھتو ۽ جھاز جي انجڻ استارٽ کرڻ لاء چيائين ۽ جھاز پسر ندي‌ء جا ڏکيا وروکڙ اکرندو چالنا طرف وڌڻ لڳو.

ھر جھاز کي بندرگاھ ٻ آڻڻ لاء ان بندرگاھ جا مقرر پائلٽ وٺي اچن ٿا، جي ان اٿانگي رستي جا آزمودگار ۽ سونھان ھوندا آھن. ڪمانڊر 'قربان علي ارباب' چالنا جي پائلٽن مان ھڪ پراٿو ۽ آزمودگار پائلٽ آھي. ان ڏينھن اسان جي جھاز کي وٺڻ لاء ارباب صاحب آيو ھو. ڪمانڊر ارباب صاحب اسانجي ڪوٺ ھالا جو آھي، پاڻ ڪجھ وقت پاڪستان نيوي ٻ رھڻ بعد مرچنٽ نيوي جي جھازن جو پائلٽ آھي. ان وقت آءُ ڊيوٽي تي نہ ھوس، سو ساٿس ملڻ لاء ڪنٽرول روم (برج) تي پھتس. ارباب صاحب سفيد قميص، نِڪر ۽ يونيفارم ڪٽ ٻ سمارٽ لڳي رھيو ھو. ساٿس ٻہ سال اڳ عيد تي ڪوٺ ٻ ٿي ملاقات ٿي ھئي، ان کان پوء ھتي جھاز تي ٿي. ھڪ ٻئي سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي. ڪيتري دير خبرون چارون ڪندا رھياسين. خاص ڪري ڪوٺ جو حال احوال معلوم کرڻ لاء ارباب صاحب آتو ھو.

اسان جو جھاز پسر ندي‌ء ٻ آھستي آھستي رڙھي رھيو ھو. چوڌاري بنگال جو مشھور ٻيلو 'سندربن' ھو. جيستائين نظر وٺي ٿي، گھاٽا ۽ ڊگھا ڊگھا وڻ ۽ گاھ ھو. رکيو رکيو ڪٽي پنن جو

چرڙاٽ ٿيو ٿي، پکين ۾ ٽاھ پيو ٿي ۽ ڪڏھن ڪڏھن پڃندڙ جانور جي پٺ نظر آئي ٿي. ارباب صاحب ٻڌايو ته ھن ٻيلي ۾ ھر قسم جا جانور ٿين. ايجان تائين کي کي آدمخور شينھن پڻ رھن ٿا جن بابت انگريزي جي مشھور ليکڪ ۽ شڪاريءَ 'جم-کاربيٽ' کيترين ئي کھاڻيون ۽ مشاھدا لکيا آھن. پر اڇکلھ ته کي اھڙا بہ شڪاري نڪري پيا آھن، جي بند ڪمري ۾ ويھي، ٽيبل تي خيالي بندوقن ۽ ڪتن ذريعي اھي خوفناڪ شڪار قلمبند ڪن ٿا، جو پڙھڻ وارا دنگ رھجيو وڃن.

(ڪنھن سڄ چيو ته اڇکلھ جا ڊائجسٽ جيڪر جھنگل جا جانور پڙھن، ته ڪِلي ڪِلي ڪيرا ٿي پون. جيئن ھڪ ڪتا مشھور آھي، ته ھڪ آرٽسٽ ھڪ تصوير ٺاھي شينھن کي ڏيکاري، جنھن ۾ ھو ڪنھن شينھن کي دَسي، ان مٿان لَٽ رکيو ٻيٺو آھي. شينھن تصوير ڏسي وراٽيس، "منھنجا ڇھيلا ياءُ! اھا تصوير تو ٺاھي آھي، جيڪڏھن کو شينھن ٺاھي سگھي ھا ته توکي ھيٺ دسيل ڏيکاري ھا ۽ پاڻ کي مٽي.")

پسر ندي‌ءَ وارو رستو ايجان اڌ کان گھٽ پورو ٿيو ھو، ھڪ ھنڌ ندي‌ءَ ڪجھ وکڙ ڪاڏو جنھن کي اکرڻ لاءِ ارباب صاحب جھاز جي رفتار گھٽائڻ لاءِ انجڻ روم ۾ ٽيليگرام ذريعي نياپو موڪليو. جھاز ھاڻ جونءِ وانگر سُرڻ لڳو. انھي‌ءَ موڙ وٽان لنگھندي، ننڍا ننڍا ٻار پنھنجين ننڍين ٻيڙين کي اسان جي جھاز ۾رسان آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

نٽھڻ اُس ۾ سندن منھن ۽ اگھاڙا پٺا ڪاراٽيل نظر اچي رھيا ھٿا. سڄو جسم ضعيف ۽ ڏُھرو، پيٽ پٺي‌ءَ سان لڳل ۽ اکيون ڏرا

ڏنل، متو پير اکاڙا، هيٺ تي فقط قاتل ميرو انگوڇو ويڙهيل هين يا ڪچو. ويچارا نڏڪا ۽ گهبرايل لڳي رهيا هئا. پنهنجي پيٽ طرف اشارو ڪري جهاز جي ڊيڪ تي ٻيئل ماڻهن کان بچيل سچيل کاڌو گهرڻ لڳا. ڪن کين متان ٻيهي گاريون ڏنيون، ته جهاز کان پري هٽو نه ته گرم پاڻيءَ جا قوهارا هٽنداسين، ڪن سندن نهل حال تي ٽٽولي ڪئي. ڪن کين 'بکيو بنگالي' سڏيو. ايتري ۾ جهاز جو بنگالي بورچي هڪ وڏي ڪچري جي باردي، جنهن ۾ منجهند جو بچيل پَتَ، ٻوڙ، چوسيل هڏا، دال، بصر ۽ پٽاٽن جون ڪلون پيل هيون، انهن اڇيان هيٺ اڇلائي. سرٽن وانگر، انهن ٻارن پنهنجيون کاٽ جون نندڙيون ٻيڙيون چڏي، جان جو ڪو خيال نه ڪندي، ڪٽي ان تي لامارا هنيا. پاڻيءَ ۾ هيٺ ٻڏل کان کاڌو بچائي پنهنجين ٻيڙين جي تخن تي رکندا ويا. پوءِ مزي سان بصر ۽ پٽاٽن جون ڪلون کڌي، پٽ کائڻ لڳا. اڌ ۽ چوسيل هڏا چاڙڻ لڳا.

منهنجيون اکيون آليون ٿي ويون. نڙيءَ ۾ ڄڻ ڪو ڳنڍو ڦاسي پيو. وڌيڪ مون کان ڏٺو نٿي ٿيو. خبر ناهي ڇو ڪڏهن ڪڏهن انسان بي قصور هوندي به پاڻ کي ڏوهاري سمجهندو آهي. آئون به پنهنجو پاڻ کي ان وقت مجرم سمجهڻ لڳس. هن غربت، بيروزگاري ۽ بک جو جوابدار ڪير-؟ اسانجي ملڪ جو ليڊر، سياستدان، ٻارن جا ماءُ پيءُ، ماحول-؟ ڪير به هجي. پر آءُ پنهنجو پاڻ کي ان لاءِ ڏوهاري سمجهڻ لڳس. جهاز جو چيف آفيسر، جو منهنجي پر ۾ بيٺو هو، سو منهنجي سوچ جو مطلب سمجهي مون سان اتفاق راءِ ٿيو:

"هتي غربت ڏاڍي آهي." هن چيو.

مون کي سنڌ جو ويران ٿلو، دادو ۽ ٽرپارکر ضلعا ۽ سندن ڏٺڙيل ۽ غريب ماڻھو اکين اڳيان ڦرڻ لڳا. کيڏي نہ ھکجھڙائي آھي.

ندي۽ جو خطرناک وکڙ اُکري ويو. پائلٽ جھاز جي رفتار وڌائڻ لاءِ چيو.

"آئون توھان کي جھاز ڇھين کان اڳ چالنا پُڄائي ڏيندس. تون جيکڏھن اڄ رات ڊيوٽي تي نہ ھجين تہ پلي مون سان گڏ کلنا ھل."

ارباب صاحب ھتي گھٽي عرصي کان رھيل آھي. اڄ کان ڇھ سال کن اڳ جڏھن اسان چٽگانگ جي مٿرين اکيڊمي ۾ جھازراني۽ جو علم سکي رھيا ھئاسين تڏھن کان کلنا گھمڻ جو ارادو ھو. پر چٽگانگ کان کلنا By Road پھچڻ ڏکيو ھجڻ کري موکلن ۾ سلھٽ ۽ راجشاھي۽ کي ترجيح ڏيٽي پوندي ھئي. اڄ بندرگاھ ۾ رات جي ڊيوٽي اٽين کان چار ھئي. مون موکل واري انجنير سان ڊيوٽي بدلائڻ چاھي:

"يار اڄ رات تون ڊيوٽي ڪر، ان بدران يورپ جي جنھن بہ بندرگاھ ۾ چوندين، تنھنجي ڊيوٽي ڪندس."

"ڪمال ٿو ڪرين. ميان، ھتي جھڙي رات يورپ ۾ بہ نہ ملي سگھندي." ھن مونکي جھاز تي ٽي رکڻ چاھيو ٿي.

ارباب صاحب کي نہ ھلڻ لاءِ ڪو بھانو ٻڌائي ڇڏيم.

ٿورو جھاز اڳتي ھليو تہ، اوچتو بنگال بابت تازيون ٻڌل خبرون ياد آيون ۽ ارباب صاحب کان پڪ ڪرڻ چاھيم.

"ڪراچي۽ ۾ ھئاسين تہ ٻڌڻ ۾ پئي آيو تہ بنگال جون اڇکلھ حالتون خراب ٿيندیون وڃن. ايٽرندي پاڪستان جي رھاڪن کي بنگالين مان خطرو پيدا ٿي پيو آھي، ۽ ڊپ کان ڪراچي

پيا موٽن. بنگالي هونءَ تہ مهمانوازي ۽ صلح پسندي جا مجسما سڏائيندا آهن، هاڻ هي ظلم ڇو شروع ڪيا اٿن؟"

"بس سمجھ ۾ نٿو اچي تہ ڇا ٿي رهيو آهي ۽ ڇا ٿيڻ وارو آهي. ماحول ۾ عجيب گھٽ پيدا ٿيندي وڃي. بنگالي چون ٿا تہ توهان ايرندي پاڪستان وارا اسان کي حق نٿا ڏيو ۽ هاڻ اسان مغربي پاڪستانين سان پائر ٿي نہ رهنداسين."

"مون تہ ٻڌو تہ ڪيترن اڙدو ٻالهائيندڙن کي ڇڪڻانگ، سلهٽ ۽ نواکلي طرف ماريو ۽ اٿن. توهان وٽ تہ اهڙو ڪو واقعو نہ ٿيو آهي؟"

"هيستائين تہ ڪا اهڙي ٻالهہ نہ ٿي آهي پر تازو هڪ اهڙو واقعو ٿيو آهي جنهن هٿي سڄي شهر ۾ خوف طاري ڪري ڇڏيو آهي. هڪ ڏينهن اندر ڪيترا لڏي ويا آهن ۽ ٻيا تيارين ۾ آهن. ٿيو ڏينهن هڪ آرمي‌ءَ جي ڪئپٽن کي جيئري وڻ ۾ ڪلين سان ٽوڪي ماري ڇڏيائون. ان سان گڏ سندس زال ۽ ٻارن کي پڻ. ايتريقدر جو سندن بورچي ۽ نوڪر کي ٻہ ٻي درديءَ سان ماري ڇڏيائون."

"نوڪر ۽ بورچي تہ سندن بنگالي ئي هوندا انهن کي ڇو ماريئون؟" مون پڇيو.

"اهي بنگالي نہ هئا، نہ تہ شايد انهن کي ڇڏي ڏين ها. هو ٻہ ڪئپٽن سان گڏ سيالڪوٽ کان آيا هئا." ارباب صاحب ٻڌايو.

مون کي ائين لڳو جڻ پسر نديءَ جي پاڻيءَ جو رنگ ميرانجهڙي مان ڦري انساني خون سان ڀاڙهو ٿي ويو هجي.

هي خوف، هي خطرو، هي هراس ۽ غير حفاظت جو احساس. هي ٻاءُ کي ٻاءُ جو قتل ڪرڻ. اڄ کان ٻاويهہ سال اڳ جن ٻائر

ٿي گڏ رھڻ لاءِ قربانيون ڏنيون ۽ وچن کيا، سي اڄ جدا ٿيڻ لاءِ ھک ٻئي جي جان جا دشمن ٿي بيٺا آھن. ايڏي نفرت ايڏي ڏکارا!

ڇھن ۾ ويھ منٽ ھوندا جو اسان چالنا بندرگاھ ۾ درياءَ جي پيٽ ۾ اچي لنگر کيرايو. پائلٽ ماڳ تي پھچائي الوداع ڪئي. مزور سامان لاھڻ جي تيارين ۾ لڳي ويا.

برج تان لھي ھيٺ ڊيڪ تي ٻين انجنيرن ۽ ڊيڪ آفيسرن سان اچي ٻيٺس. سامھون ڪنارو ھو ۽ پري کان ڪيترائي گھر ۽ جھوپڙيون ۽ انھن جي پويان بنگال جو سڄ ٻڌي رھيو ھو. ڪن ڪن جھوپڙن ۽ گھرن جي رڌڻن مان دونھون نڪري رھيو ھو. ڪناري وٽ ست اٺ سنھڙيون بنگالي ڇوڪريون ۽ زالون اسان طرف ھٿ لوڏڻ لڳيون. سندن اکين ۾ دعوت جو سنھيو ھو. سندن رنگين ساڙھين جا پلاند رکي رکي ھوا ۾ اڏامي رھيا ھٿا. جھاز جا سڀ 'آف-ڊيوٽي' ھمراھ اکيلا اکيلا يا ٽولن ۾ سمپان ٻيڙيءَ ذريعي ڪناري طرف وڃڻ لڳا. ڪي انھن عورتن طرف ٻہ وڌيا. ڪي ھتي جا اڳ آيل ھتي جي گھاٽ گھاٽ ڪان واقف ڪافي پري ويندارھيا.

منھنجي ڊيوٽي شروع ٿيڻ ۾ ايڪا ٻہ ٻہ ڪلاڪ ھٿا. فورٽ انجنير چوڌري کي اکيلو ويندو ڏسي ڪناري تي پير رکڻ جي تانگھ وڌي وئي. آخر ھن جي ٻہ ڊيوٽي مون سان گڏ ھئي ۽ ھو منھنجو سينئر پڻ ھو. اسان ٻئي گڏ ڪناري تي چکر ھڻڻ لڳاسين. گاريون ڏيڻ ۽ سگريٽ ٽوڪڻ نہ فقط سندس وندر آھي پر چوويھ ڪلاڪن جي تات آھي. دستور موجب ھو دونھين جون گرڙيون ڪندو ايندڙ ويندڙ ماڻھو، جانور، وٽن ٽٽن کي گاريون ڏيندو ھلندو

رھيو. اونداھ ٿي چڪي ھئي پر اسان کجھ اڃڪي نکري ويا سين. اڄ کي پڄڻ لاءِ ڪجا ناريل وٺي انھن جو پاڻي پيتو سين ۽ کجھ انناس خريد ڪيا سين.

"متان ھتي جو پاڻي پيتو اٿئي،" چوڌريءَ مون کي خبردار ڪيو، ڇڻ منھنجو ڪو بنگال سان پھريون دفعو واسطو پيو ھجي، "ھتي جا ماڻھو انھيءَ تالاب ۾ وھنجن، ھنگن، ڪپڑا ڌوئن ۽ اھوئي پاڻي پيئن. آبِ حيات ھتي ملي تہ اھو ٻہ اوھاري پيئجي."

بھرحال چوڌريءَ جي ڪاب ڳالھ دل ۾ نہ ڪرڻ ڪپي. نفرت جو جذبو ھن کي ھر ھڪ لاءِ آھي- پنھنجو پاڻ لاءِ ٻہ.

واپسيءَ تي ٻي رستي کان ڦري پئي آياسين. رستي تي ٻہ چار گھر چڱيرڙا نظر آيا. ھڪ اڃيان ٻہ ٻار مينھن جي ڪني پاڻيءَ ۾ چيلھ تائين اندر بيٺا ھئا، ۽ چار سان مڇيون ڦاسائڻ جي ڪري رھيا ھئا. سج لھي چڪو ھو، سندن منھن ڇڻو نظر نہ پئي آيو. سندن ۾ ۾ ھڪ ڪتو پڻ بيٺو ھو، جو شايد پاڻي پي رھيو ھو. انھن جي پريان ٻہ وڏي عمر جون ڇوڪريون بيٺيون ھيون. اسان کي پري کان ايندو ڏسي ھڪ اندر وٺي ۽ ڏيو ڪٽي آئي. اسان سندن پرسان ڳالھيون ڪندا لنگھياسين. ھڪ ڇوڪريءَ بنگاليءَ ۾ کجھ رمارڪ ڏنو. اسان کجھ نہ ڪيو. ٻي ننڍي قد واري ڇوڪريءَ مون کي ٻانھن کان اچي جھليو. آئون بيھي رھيس. سندس چھرو جيتوڻيڪ جذبات کان خالي ھو پر سندس نوريڻي جھڙيون اکيون چنجھي روشنيءَ جي باوجود سھڻيون لڳي رھيون ھيون. سندس ھٿ ھڏائان ھجڻ جي باوجود، ڇھاءَ مان عجيب ڪيفيت محسوس ٿي رھي ھئي. پاڪستاني فلمن جي روايتي ھيرو وانگر بنجڻ جي

کوشش کيم، جنھن جي ٻيڊ روم ۾ رات جو مينھن ۾ پسيل هيروئن ٽپي اچي سڄي رات Erotic ناچ ڪري، پر همراھ جي ڪن تي جوءِ ٻہ نہ سري؛ پر سڀ مون لاءِ ناڪام رهيو. چوڌري سعيد ٽورو اڳتي وڃي چڪو هو، پر مون کي پنڌتي ترسيل ڏسي وري موٽيو. مون کي پنھنجي پراڻي انگريز پرنسپال جو قول ياد آيو.

"When a lady love interferes with a course of duty, either the lady or the duty should be abandoned."

مون ٻيو نمبر شيءِ کي Abandon ڪرڻ لاءِ پنھنجي سينئر انجنير کي اطلاع ڏيڻ چاهيو ٿي پر ان کان اڳ هن مون کي چڪي هلڻ لاءِ چيو ۽ ان سان گڏ ڏيئي واري چوڪريءَ جي روڪيل هٿن جو ناجائز فائدو وٺي سندس ڇاتيءَ تي زور سان ٻلي وارا رانيوتا هٽي چوڻ لڳس:

"ڊيوٽي هے ڊيوٽي." جواب ۾ هن جي چپن تي فقط مرڪ هئي پر اکيون آليون هيون. ان وقت مون محسوس ڪيو تہ مشرق جي عورت مغرب جي عورت کان ڪيڏو نہ ڪمزور آهي. پوءِ ڪٽي ڇالنا هجي، رنگون يا ٻئنڪاڪ، مشرقي عورت صدين کان ڪيترو نہ ٻيسيل رهي آهي. مغربي عورت ڪجھ ٻہ هجي پر اٿين بي عزتي برداشت نہ ڪندي.

چوڌري پنھنجن هيڊ جھڙن ڏندن سان مسڪرائي تاڙا ڪري 'هيڊ جو اشتهار ۽ موڪلائڻ جي ادا' هڪ ئي وقت پيش ڪئي. پر نوريڙي جي اکين جھڙي چوڪريءَ هاڻ ڪيس ڇڏي ٻہ روپيا بخشش طور گهرڻ لڳي. هوءَ ٻہ سمجهي وئي تہ اسان ۾ وڏو هو آهي ۽ هن جي ٿي هلي. پاڻ ڪيس ٻہ روپيا ڏيڻ بدران پنجابيءَ ۾

هڪ وضوءَ ٽوڙ گار ڏيندي چيس:

"او مسلمان جي ڏيءَ کجهه شرم کر. ڇو پنهنجي عصمت لٽائي ملڪ جو نالو بدنام ٿي کرين."

هن چوڌريءَ جو فلمي ڊائلاگ نه سمجهيو. چنگانگ واري زبان ۾ چوڻ لڳي ته سندس ماءُ کي سخت بخار آهي. پيءُ جيل ۾ آهي. پنهنجي پيٽ تي هٿ رکي چيائين: "غريب آهيان، ٻن ڏينهن کان بکايل آهيان."

"بي غيرت! ان لاءِ تون عصمت وکڻڻ چاهين ٿي،" چوڌريءَ کيس به شايد جونئر انجنير سمجهي، دڙکو ڏنو.

"مان ته عصمت ٿي وکڻان،" هن ايترو ئي زور سان اڌ اڙدو اڌ بنگاليءَ ۾ وراڻيو. "منهنجي جاءِ تي تون هجين ته سڄو جسم وکڻين."

جهيڙو ٽڏو کرڻ لاءِ فورٽ انجنير چوڌريءَ کي گوهي کيل گڏهه وانگر هش هش کري اڳتي ڌکڻ لڳس. کيسي ۾ جيکي کجهه سکا هٿا سي کڊي ڇوکريءَ کي ڏنر. پنهنجا ۽ چوڌريءَ جا انناس ٻيءَ کي ڏنر ۽ جهاز طرف وڌڻ لڳاسين. هو ٻئي اسان کي آگوٺا ڏيکاري چيڙائڻ لڳيون. چوڌريءَ جو پارو هاڻ وڌيڪ مٿي چڙهي ويو ۽ هن کي کجهه چوڻ بدران مون تي کاوڙ کرڻ لڳو:

"هڪ بنگالڻ ڏليل کيو ٻيو تو وري انهن کي انناس به ڏئي ڇڏيا. مفت جا هٿا ڇا-؟"

"ان کري ڏناماس 'چار صاحب' جو آهي هن جي ئي ڏرتيءَ جا هٿا. پهريائين هن کي کائڻ جو حق آهي." مون وراڻيو، پر هن کي کا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي.

جهاز تي پهچڻ سان اسان ڊيوٽي تي وجي چڙهياسين ۽ اڳهين

کندڙ ڊيوٽي انجنير کي Relieve ڪيوسين. ٿوري دير ٿي وئي هئي، پر هن دل ۾ نہ ڪيو. صبح تائين منهنجي اڳيان گذريل ڏينهن جا واقعا ڦرندا رهيا.

چالنا ۾ مينهوڳيءَ جي موسر ۾ هڪ قسر جا جيت ٿيندا آهن، جن جي پيرن مان هڪ پائوڊر ڇٽندو آهي ۽ اهو پائوڊر جتي لڳندو آهي اتي سخت خارش ٿيندي آهي. سڄي رات ڊيوٽي دوران اهو پائوڊر اڏامندو رهيو. صبح جو چئين لڳي ڊيوٽي ختر ڪري ڪمري تي آيس. ننڊ ٿي ڪانہ پئي آئي. سڄو بدن پچي رهيو هو. آخر جهاز جي ڪولڊ اسٽور مان وڏيون برف جون ڇپون ڪٽي اڇي ٽپ ۾ وڌم. پاڻيءَ جو نلڪو کولي ٽب ڪي ڀري، ان ۾ ليٽي پيس. تڏهن مس مس باهہ جهڪي ٿي.

چالنا ۾ اسان جو جهاز ڪو گهٽو وقت نہ هو. پنجين ڏينهن چالنا جو بندرگاهہ ڇڏيوسين. چالنا ۾ چانور لاهي، انگلينڊ لاءِ سٽي، جرمنيءَ لاءِ مڇي ۽ بيلجم لاءِ گانگٽ ۽ ڏيڏرن جون ٽنگون ڪنيونسين.

(سال 69-1968ع)

دوحا (قطر)- عربي نار جو هڪ امير ملڪ

دبئي کان پوءِ اسان جي ٻي منزل دوحا هئي. دبئي شهر، شام جو دير سان ڇڏيوسين ۽ دوحا صبح ٽيڻ کان اڳ پهچي ويا سين. دوحا بندرگاهه 'قطر' رياست ۾ آهي، جنهن تي حڪومت شيخ حاڪمن جي آهي، پر سڀڪو دوحا ۽ دبئي جو ساڳيو آهي. هر نوٽ تي دبئي ۽ قطر لکيل آهي. البت دبئي پوسٽ جون ٽڪليون مختلف آهن. دوحا مڙيئي ڪجهه امير ۽ سهڻو شهر آهي. گهٽ ته دبئي ۾ نه آهي، ڇو جو ٻي انتها تيل هٿ غريب ۽ واريا سن رڻ پٽڻ کي هڪ رات اندر امير بنائي ڇڏيو آهي. پيٽرول ڪيڏ ۽ صاف ڪرڻ جو سڄو ڪم انگريزن ۽ امريڪن جي هٿ ۾ آهي. انهيءَ کان علاوه ٻيو واپار وڙو پڙ ڏارين جي هٿن ۾ آهي، جن ۾ ايشيا ۽ افريڪا جا واپاري اچيو وڃن ٿا.

هتي جا اصلوڪا رهاڪو عرب، ايا ايترو پڙهيل ڪونهن، ۽ نه انهن ڪمن کان واقف آهن. هاڻ مڙيئي اسڪول کلي رهيا آهن، پر ترقي جي رفتار تمام سست آهي. انهيءَ ڪري هتي جي دولت جو گهڻو حصو ڏارين جي هٿن ۾ هليو وڃي، باقي 'ٽورو' هتي جي رهاڪن جي حصي ۾ اچي ٿو، سو به ڪنهن خزاني کان گهٽ ڪونهي. يورپ جي گهڻن ملڪن جي ايتري ڪمائي نه هوندي جيتري هتي جي عربن جي آهي، پر انهيءَ دولت کي ايان تائين چگيءَ طرح ڪم نه پيو آندو وڃي ۽ نه ئي پورو فائدو ٿو ورتو

وڃي. گھٽي پئسي جو استعمال عياشي ڏي آھي.

يورپ ۾ ھڪ ڏينھن سخت بارش کان بچڻ لاءِ ھڪ ھوٽل ۾ اچي پناھ ورتيم. اتي ھڪ ڇوڪريءَ سان ملاقات ٿي. کيس جڏھن خبر پيئي تہ آءٌ پاڪستان جو آھيان تہ ھوءَ پنھنجي ٽيبل تان اٿي مون وٽ آئي ۽ پڇيائين:

"توھان جي ملڪ ۾رسان ھڪ ملڪ آھي. مون کان نالو وسري ويو آھي، اھو ملڪ بيحد امير آھي."

"محترمہ، توھان کي غلط فھمي ٿي آھي. اسان جي اوسي پاسي وارا ملڪ، غريب ايشيائي آھن. جن کي کائڻ لاءِ آھي تہ پھرڻ لاءِ کونھي. پھرڻ لاءِ آھي تہ کائڻ لاءِ کونھي."

"نہ، نہ. توھان انڪساريءَ کان ڪم نہ وٺو. اھو ھڪ تہ ڇا، ٻيا ڪيترا عرب ملڪ امير آھن، پر اھو ملڪ سڀ کان وڌيڪ دولت مند آھي ۽ دنيا ۾ سڀ کان گھٽي اتي جي Income per captia (ڪمائي)آھي."

سوچيم تہ ھيءَ سڄ ٿي ڳالھائي ۽ ٻڌايومانس تہ ان ملڪ جو نالو ڪويت آھي.

"ڇا مون کي ايتري معلومات ڏئي سگھندا تہ اتي پھچڻ جو سولو ۽ سستو ڪھڙو طريقو آھي."

مون کيس ھوائي جھاز ۽ ڪار ذريعي وڃڻ جا سڀ طريقا ۽ رستا ٻڌايا، جن جي مونکي ڄاڻ ھئي. ھوءَ سڊني (آسٽريليا) کان يورپ آئي ھئي، ۽ ھاڻ ڪويت وڃڻ ٿي چاھيائين. مون کي سندس انھيءَ ڏکھي ۽ عجيب سفر تي تعجب لڳو. ٻاھر مينھن جا شپڪا ايان جاري ھٿا. وقت گذارڻ خاطر، ذاتي سوال ڪيومانس:

"ڇو خير تہ آھي. ھتي يورپ ۾ اچڻ ڪيئن ٿيو ۽ ھاڻ ڪويت جو ارادو ڇو آھي؟"

"ھتي آءُ روزگار جي تلاش ۾ آئي ھيس. مون سوچيو ھو تہ يورپ ۾ مون کي سئي نوڪري ملي ويندي ۽ ڪافي ڪمائي سگھنديس. پر اڇکلھ يورپ خلاص آھي. يورپ...." ھن سڃي يورپ کي ھڪ ناقابل اشاعت گار ڏيئي وسکيءَ جو گلاس خالي ڪيو ۽ ٻئي جو آرڊر ڪيو. ھوءَ ڪجھ ڪجھ نشي ۾ ھئي ۽ ڏکويل پئ. جملي جملي کانپوءِ ڊگھو ساھ کڻڻ ٿي پيس، "يورپ ختر ٿي چکو آھي. انگلينڊ، فرانس، جرمني، اسپين، ھالنڊ سڀ، فقط ڪالونين تي پئي ھليا. آفريڪا ۽ ايشيا جا ملڪ ڇا آزاد ٿيا، يورپ پينگيو ٿي ويو آھي."

"لڳي ٿو اوھان کي ڪا سئي نوڪري نہ ملي سگھي آھي؟" مون پڇيو.

"سئي تہ ڇا، پر معمولي بہ نہ ملي سگھي آھي. ايجان سفر جا ئي سڃا پئسا نہ ڪيڊي سگھي آھيان." ھن وراٹيو.

"تہ پوءِ ڪويت وڃڻ مان ڪھڙو فائدو؟ جڏھن توھان کي ھتي ئي نوڪري نہ ملي آھي جتي ھيترا ڪارخانا، آفيسون، اسڪول ۽ اسپتالون آھن. ڪويت ۾ رکيو ئي ڇا آھي؟"

"رکيو تہ سيڪجھ آھي،" ھن پولار ۾ گھوريندي ۽ مرڪندي چيو، "اتي مون لاءِ سڀ ڪجھ رکيو آھي."

آءُ سندس اھا ڳجھارت سلي نہ سگھيس ۽ نيٺ پڇي ويٺس، "انھيءَ ۾ ڪھڙو راز آھي."

ٿوري منجھندي سنجھندي ھيڏانھن ھوڏانھن نھاري، آيل

وسڪيءَ جو ڏڪ ٻه ٻي، بيباڪ نموني سان جواب ڏنائين: "بس اتي جو ڪو امير تاڙيندس. رڳو اتي پهچڻو اٿر. پاٿهي ڪو نه ڪو ڪچي ڏاڪي ٻر ٻڌجي هليو ايندو. مهنو ڪن ٻه سندس قبضي ٻر رهيس ته ڪافي آهي... منهنجي من جون مرادو پوريون ٿي ويندیون. مايا ديوي منهنجي قبضي ٻر اچي ويندي..." ٿوري مرڪي راز واري انداز ٻر چيائين، "جنهن ساهيڙيءَ مونکي اها سهٽي صلاح ڏني آهي، سا پڻ هڪ عرب جي بستر جي سونهن ٿي رهي، ۽ هينئر - هوءَ پاڻ آهي ۽ ٻي انتها دولت!"

هوٽل ڏانهن نهارينديِ چيائين، "هن کان ٻه وڌي هوٽل مئيجر ٻر اچي ڪولي اٿس."

مان سندس ڳالهيون ٻڌي وائڙو ٿي ويس. ڪو جواب نه اکليو. قدرت جڏهن مهربان ٿي، ته واريءَ جون ڏهون ڦري تيل جا تلاءَ ٿي پيا ۽ انهيءَ تيل مان اڻ مئي ملڪيت جون چوليون چلڻ لڳيون. ٻر اسين انهيءَ مان صحيح فائدو حاصل نه ڪري سگهيا آهيون. ڏاڍي افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته مغرب جي نظرن ٻر اڄ جو عرب اجائي سجائي شاپنگ ۽ Sex جو سمبل ٿي پيو آهي. مون کي انهيءَ هوٽل ٻر مليل اجنبي چوڪريءَ جو هڪ هڪ لفظ عربن تي ٽٽولي ڪندي محسوس ٿيو. ۽ هينئر جڏهن هتي عرب ملڪن ٻر ڪا يورپ جي حسينا ڏسان ٿو ته اها يورپ جي هوٽل واري اجنبي چوڪري ياد ٿي اچي.

○

ڏٻئي کان دوحا ويندي رات جي وقت سمنڊ مان پري کان ڪيترائي باهه جا شعلا نظر آيا، جن بابت پوءِ خبر پئي ته اهي

Oil-Rigs آھن جن ذريعي تيل سمنڊ جي تري مان نڪري صاف ٿي رھيو آھي ۽ مختلف بندرگاھن ۽ جھازن ڏي پائيپن ذريعي وڃي رھيو آھي. دوحا ۽ دبئي ايراني نار جي ڏاکڻي ڪناري تي آھن ۽ ٻي پاسي ايران آھي، جنھن جي ڪري سمنڊ جي انھي حصي کي ايراني نار سڏجي ٿو. جا اڃتي وڃي عربي سمنڊ سان ملي ٿي.

پر اڇڪلھ ڏکڻ پاسي وارن عرب ملڪن - دوحا دبئي وغيرہ انھيءَ ڳالھ تي جھيڙو لڳايو آھي، تہ انھيءَ کي ايراني نار بدران عربي نار سڏيو وڃي. ايتري قدر جو اسان جا ڪيترا خط، جن تي ايراني نار لکيل ھو سي ضايع ڪيا ويا. اھو نڪو سمجھ ۾ اچي تہ ڇا نالي مٽائڻ سان سمنڊ جو رنگ يا سواد ڦري ويندو. ان حساب سان تہ پوءِ ايرانين کي ٻہ عربي سمنڊ جي نالي تان وڙھڻ کپي ۽ عربي سمنڊ بدران ڪيس ايراني سمنڊ چوڻ جو حق ھجڻ کپي. بھرحال انھن نالن جو تاريخ سان واسطو آھي ۽ کو ٻہ تاريخ مٽائي نڪو سگھي. عربي سمنڊ کي دنيا عربي سمنڊ ئي سڏيندي، چاھي اسان ھن کي 'پاڪستاني سمنڊ' سڏيون يا سومالي لئنڊ وارا 'سومالي سمنڊ' سڏين.

دوحا جا عرب ايترو بدو قسم جا نڪا لڳن جيترو دبئيءَ جا. دوحا ۾ پارت، پاڪستان ۽ ٻين ملڪن جا ماڻھو گھٽ نظر اچن ٿا. ھتي ھرھڪ شيءِ ھتي جا اصل باشندا پنھنجي قبضي ۾ ڪري رھيا آھن پر ان ھوندي ٻہ واپار جو وڏو حصو گجراتين، ڪوجن، بورين ۽ ھندن جي ھٿ ۾ آھي. پاڪستان مان پنجاب جا پڻ ڪافي ماڻھو آھن. ڪجھ ھوٽلون ۽ دڪان لبنانين ۽ اردني ماڻھن جا آھن.

دوحا ۾ پڻ واري ۽ ريتي ھٽڻ ڪري ڪا پوک ڪانہ ٿئي، ۽ نہ

ٿي کارخانا آهن. انهيءَ کري هر شيءِ پاهران گهرائي وڃي ٿي. ٽئڪس نہ هئڻ کري، هر شيءِ تمام سستي ملي ٿي ۽ واپار خوب هلي ٿو. نندا نندا معمولي قسر جا دکان ۾ اعليٰ درجي جي ريڊيو، واڇن ۽ ڪپڙي سان پريا پيا آهن، جن کي ڏسي اسان جون غريب اکيون بند ٿيو وڃن.

عورتن لاءِ اهڙين بازارن ۾ عيد هوندي آهي، سو هر بازار ۾ مردن کان وڌيڪ عورتن جا ميلا متل آهن. هتي جا کيترا دکان يورپي فئشن ۽ معيار جا آهن- خاص کري Hygine جي خيال کان. گوشت، مڇي ۽ پاڇي جا دکان ايئرکنڊيشنڊ ۽ صاف ستڙا ملندا ۽ گهٽو کري شيون Deep-Freezers ۾ يا Vacuum-Tight ڏهن ۾ ملن ٿيون. آئيس کريم، ٺڏا مشروبات ۽ کير-۾ آمريڪا يا يورپ کان درآمد ڪيو وڃي ٿو ۽ کپت مطابق اڇي ٿو. ڪو زمانو هو جو دنيا کي اها ۾ ڄاڻ نہ هئي تہ کا عربي زبان ۾ آهي پر هاڻي هر ولايت جي شيءِ تي عربي ۾ ان جو نالو ۽ استعمال جا طريقا لکيل نظر اچن ٿا.

دوحا جو بندرگاهہ تمام معمولي آهي، جتي ۾ يا ٽي نندا جهاز بيهي سگهن ٿا. اسان جو وڏو جهاز آهي، اندر تانگهي پاڻيءَ ۽ نندي جيٽيءَ تي اچي نٿي سگهيو انهيءَ کري بندرگاهہ کان کافي ميل پري، کلي سمنڊ ۾ لنگر کيرائي بيٺاسين جتان شهر ۾ گهمڻ لاءِ ايندا هٺاسين. هڪ Speed-Boat (تيز رفتار ٻيڙي) پڻ جهاز تي آهي پر ان ۾ ٿورا ماڻهو ويهي سگهيا ٿي. ان کان علاوه دوحا بندرگاهہ جون پاڙي جون لانچون ۾ ايندڙون رهيون ٿي.

دوحا ۾ خريداري ڪرڻ کان وڌيڪ شوق زمين تي هلڻ چلڻ

جو ھئوسين ڇو تہ سمنڊ تي گھٽا ڏينھن رھڻ کان پوءِ زمين تي پير رکڻ جي سڪ ٿئي ٿي؛ ۽ ٻيو ھوندو ھو پاکستاني ۽ ھندستاني فلمن تي مارو، جن لاءِ دوحا ۾ ايجان سئنيما گھر تہ نہ ٺھيو آھي پر مختلف گھرن، اوطاقن ۽ گئراجن ۾ ھلن ٿيون. جتي پاکستاني ۽ ھندستاني کلب يا Associations پاکستان يا ھندستان کان فلمون ونڊي ھلائين ٿا. ھڪ ٻہ سئيون جڳھيون ھيون اتي ۾ واري اسکول مان بينچن رکڻ جو بندوبست ھو ۽ سئو کن ماڻھو ويھي سگھيا ٿي، باقي ٻين ھنڌن تي ويڙ لاءِ رستي تان سر ٽکر ڪڻي ويڙو پيو ٿي ان تي ويھڻ لاءِ. يا امرجنسيءَ لاءِ رومال تہ رکبو ئي ھو.

ھڪ دفعي مون کي کاڻ جو وڏو بلاک گئريج ٻاھران ملي ويو. ڏاڍو نوابن وانگر ان تي چڙھي ويٺس، ۾ پويان ويٺلن آرام سان ڏسڻ نہ ڏنو. ھڪ تہ جھاز جي ئي انجنير (يعني اھو معلوم رھي تہ ھر ھنڌ اڏ کان وڌيڪ ڏسڻ وارا جھازن جا ھوندا ھئاسين) ڪٽي بلاک کي لت ھنئي تہ بلاک ۽ آئون پروجيڪٽر سان وڄي لڳاسين. اڏ کلاک لاءِ فلم بند ٿي وئي، جيسين پروجيڪٽر وارو ٽيبل سڌو ڪيو وڃي ۽ فلم کي ڪنڊيو وڃي. مون کي کاڻ جو بلاک ڇڏي پٺ تي ٻي عوام وانگر ويھڻ لاءِ ڇيو ويو، ۾ پوءِ مون ٻہ ان بلاک جي ٻچر نہ ڇڏي. پڙدي جي پويان اڪيلو ويھي فلم ڏسڻ لڳس، جو پڙدو سنھي ڪپڙي جو ھئڻ ڪري ٻنھي پاسي فلم نظر آئي ٿي، فقط اڪر ابتا ھئا.

ڪي ڪي عرب پاڻ سان ٽيپ رکاردر ٻہ ڪٽي اچن پوءِ ريل بدلائڻ وقت يا انترويل ۾ يا واپسي تي گھر وڃڻ تائين اھو ٽيپ رکاردر سڄي آواز تي وڄائيندا ھلن. اسان جي جھازين مان ٻہ ھڪ

ٻن اھا ترڙپائي ڪئي، پر پوءِ ترت ئي دل ڪئي ٿي پين ۽ جھاز تائين پھچڻ وقت ٻيڙيءَ ۾ ماڻ رھي ٿي. باقي خريداريءَ جو گھٽو شوق ان ڪري نہ ھوندو اٿئون، جو ھر دفعي ۽ ھر بندرگاھ ۾ اھو فيصلو ڪندا آھيون، تہ ٻئي ھنڌان خريداري ڪنداسين. يا ان لاءِ اھي مثال ڪافي آھي تہ: ڪنيز جي گھر ۾ سڄو ڏانو نہ ملندو آھي.

○

جھاز تي ساڻي ساڻي ماني ڪائي ورڇي پوندا آھيون، تنھن ڪري بندرگاھ ۾ ھجڻ وقت ڪوشش ڪري، ٻاھر ھوٽل ۾ ڪائيندا آھيون ۽ ٻاھر جي ماني ڪيتري بہ سادي ھجي مزو ڏيندي آھي. پھرين ئي ڏينھن دوحا جون صاف ستريون ھوٽلون ۽ بيروت وانگر سڄيون ڪڪڙيون سيخن تي پچنديون ڏسي ٻئي ڏينھن ھوٽل ۾ ماني ڪائڻ جو پروگرام ٺاھيوسين.

ٻئي ڏينھن شام جو ٽورو سوير ڪنڊٽ غضنفر، ففٽ انجنير بديع الزمان ۽ آءٔ لانچ لاھي ھلڻ وارا ھئاسين، تہ ڪنھن ٻڌايو ۽ جھاز جي ڊيڪ تان ئي دانھن ڪيائين تہ ايجان نہ ويجھو، ۽ منٽ ترسجو. ڪپتان بہ ھلڻ چاھي ٿو، ان ڪي بہ وٺي ويجھو. اسان ڪي ترسندي اڌ ڪلاڪ ٿي ويو. دل جلدي وڃڻ تي پئي ٿي، جو فلر ڏسڻ کان اڳ ماني بہ ٻاھر کائڻي ھئي. ايتري ۾ وري نوڪر اچي ٻڌايو تہ: بس ۽ منٽ ٻيا بہ ترسو، ڪپتان صاحب ماني کائي ختر ڪرڻ وارو آھي. خير سائين، ھو آيو. تيسين ھڪ ۽ خلاصي بہ تيار ٿي ھلڻ وارا ٿيا. ٻيڙي ھلائيسين ۽ بندرگاھ وٽ ٻيڙي ٻڌي در کان ٻاھر نڪري ھرھڪ ترڻي پکڙي ويو. اڃتي ھلي اسان ٿئي دوست ٿڪسي لاءِ ھيڏانھن ھوڏانھن واجھائڻ لڳاسين، تہ سامھون

وري ڪپتان اڇي لنگھيو. اسان کان پڇيائين تہ ڇو اتي بيٺا آھيو. ۽ پروگرام ڇا آھي. ٻڌايوسين تہ فلم جو پروگرام آھي.

"ڪھڙي فلم جو -؟"

"حبيب ٻنڪ جي ٻرسان جا ھلي رھي آھي."

"اچو اچو. آءٌ ب اھائي فلم ڏسڻ وڃي رھيو آھيان." ڪپتان چيو.

آءٌ ايڇا چوڻ وارو ھوس تہ ٽئڪسيءَ جي انتظار ۾ بيٺا آھيون. پر ان کان اڳ پاڻ چيائين:

"ڪو خاص پنڌ ناھي، ٻہ ميل کن مس ٿيندو. پنڌ ٿا ھلون. ٽنگ ب ڊگھي ٿي ويندي ۽ ماني ب ھضر ٿي ويندي."

ظاھر آھي ھاڻ ڇا چئون، جڏھن ھڪ پوڙھو مڙس پنڌ ڪرڻ لاءِ تيار تہ اسان جوانن لاءِ ڪھڙو عذر. ڳالھيون ڪندا ھلياسين. نہ وقت گذري، نہ رستو ڪٽي. پيٽ ۾ ڪٽا ڊوڙي رھيا ھٿا. اسان جي پيٽ ۾ تہ ماني ھئي ڪانہ، ھضر وري ڇا ٿئي. ۽ ٽنگون ڊگھيون ٿيڻ بدران ڇپيون ٿيڻ لڳيون. ڪپتان صاحب دوحا تي تبصرو ڪندو رھيو. پنھنجي واقفيت جي ٻنڌار مان ٿوري معلومات اسان جي حوالي ب ڪندو ھليو.

"... ھتي دوحا ۾ ايتريقدر، جو پاڻي ب ٻاھران گھرايو ٿو وڃي. اسان جيڪي رومانيا مان سيمنٽ جا پائيپ آندا آھن، انھن ذريعي ھاڻ پاڻي شھر ۾ آندو ويندو. ھي ملڪ پاڪستان مان چانور، ڪپڑو ۽ ڪاٽ درآمد ڪري ٿو..."

ايتري ۾ اسان ھڪ خوبصورت ھوٽل اڳيان لنگھياسين جنھن جي اڳيان شيشي جي ڪٻٽ ۾ ھڪ ئي وقت ڏھ ڏھ ڪڪڑيون اليڪٽرڪ ذريعي سيخ تي ڦري پچي رھيون ھيون. زمان انھن ڏي

ڏسي مونکي اک ھنئي. ڪپتان پنھنجي گفتگو جاري رکي.

"... آءُ چوان ٿو تہ ھتي جي ھر شيءِ حلال ۽ ڪانھي. خاص ڪري ھي ڪڪڑيون، جيڪي ڊئنمارڪ کان ڪَسجيو، برف ۾ بند ٿي اچن ٿيون. ھاڻ اھي ڪڪڑيون ڪي حلال ٿيون-؟ آءُ تہ انھن کي ھرگز حلال نہ چوندس."

مون واڇ ۾ ڏئو تہ فلر شروع ٿيڻ ۾ باقي ڪو اڌ ڪلاڪ ھو، ايڏا تڪيڙ ونڊي ھئي. ھاڻ ماني کيڻ کائجي، خاص ڪري ڪڪڑ جي نالي کڻڻ جو تہ سوال ئي نٿي پيدا ٿيو. ڪفر جي اڌ فتويٰ تہ ملي چڪي ھئي. ڪئپٽ غضنفر خان کي ڪپتان جي ڀَالھ ٻڌندو ڇڏي، زمان مونکي ٿورو پٺتي ڇڪي چيو:

"ٻيلي ھڏي بک ۾ پاڻ کان فلر ڏئي کائہ ٿيندي. مون منجھند جي ماني ۽ ان آسري تي چگيءَ طرح نہ کاڌي آھي."

"تہ پوءِ ڇا ڪريون. گوريلا جنگ تہ منھنجي پيٽ ۾ ڪڏھوکو جاري آھي. ڪا پلان سوچ."

"پلان منھنجي کيسي ۾ آھي." اھو چئي اڳتي وڌيو ۽ ڪپتان کي ٻڌايائين تہ سندس، چاچي جي پٽ جي ماسات جو ڪو مائٽ ھتي سامھون گھٽيءَ واري دڪان تي ڪم ڪري ٿو. ان سان اسان سيني کي ملٹو آھي. ٻھانو سنو رھيو. لعل ۽ لڏو پريت ۽ رھجي آئي يعني ڪپتان فلر ڏي ھليو ويو، اسان گھٽيءَ مان ڦري اچي ھوٽل ۾ ويٺاسين.

مالڪ کي گھرائي گوشت جي حلال ۽ حرام جي پڪ ڪئيسن. تنھن قسم کڻي پڪ ڏني تہ حلال آھي ۽ بي فڪر رھو. پوءِ تہ بس اھا کائڻ ڇرين جي ويڙھ ڪئيسين جو منٽ ٿي ويا.

کائي ٻاھر نڪتاسين، تہ زمان چيو. "جي ھاڻ ڪپتان جي ڳالھ سچي آھي، تہ پوءِ ڇڻ ڪانگ ڪاڏوسين."

ان ڏينھن کان پوءِ اڄ تائين جھاز تي خميس ۽ آخر ڏينھن جڏھن ڪڙ اڇيان ايندي آھي تہ ھڪ ٻئي کي چوندا آھيون: "خيال رکجانءِ، متان ڪڙ بدران ڪانگ نہ ھجي."

خميس ۽ آچر ڏينھن ان ڪري جو سيني پاڪستاني جھازن تي انھن ڏينھن تي ڪڙ ضرور ھوندي آھي پوءِ ڪٿي نموني ڪھڙي ٻر ٻہ ھجي: چڪن برياني، چڪن ڪري، اسپرنگ چڪن يا روسٽيڊ چڪن.

○

ڪڙ تان ھڪ ٻي ٻہ ڳالھ ياد آئي، جا پڙ عرب ملڪ جي آھي. عرب اصل کان کائڻ جا شوقين ۽ مڙس ماڻھو آھن. بيروت ٻر ھڻاسين تہ اتي ٻہ ڪڏھن ڪڏھن تبديلي خاطر جھاز جو کاڏو ڇڏي، ھوٽل تي وڃي کائيندا ھڻاسين. دل تہ روز کائڻ تي چوندي ھئي پر ٻٽونءَ ٻر نوٽ گھٽ ھوندا ھڻا، ڪاڳر ۽ رسيدون گھٽيون ھونديون ھيون. ففٽ انجنير جو پگھار ئي ڇا ٿو ٽئي. ڪئپٽ غضنفر (جي. يو. خان) جو تہ ايجان ٻہ گھٽ ھو. لبنان ٻر اسان ٽئي ڇڻا ان قسر جون ڪڙيون، آچار ۽ چٽنيون مشھور آھن. پھرين ڏينھن بيروت جي ھڪ ھوٽل ٻر ويھاسين تہ ھڪ ھمراھ سامھون واري ٽيبل تي سڄي ڪڙ ھڪ ھٿ ٻر ۽ ٻئي ٻر بيئر جي وڏي بوتل جھلي، چھٽيو پيو ھوس. ٿورو پرتي ھڪ سنھڙي جسر واري عربياڻي، کائڻ جو ڪم ختم ڪري سليماني چانھ پي رھي ھئي ۽ ڪڙ جو سڄو ھڏائون پيرو اڇيان رکيو ھوس.

بيرو آردر ونڻ لاءِ اسان جي اڇيان اڇي بيٺو. اسان منجھي

پياسين تہ اسان کان ھيڏي ساري ککڙ تہ ڪاڏي ڪانہ ٿيندي ۽ اڌ ککڙ ھڪ ھڪ لاءِ خبر ناھي آڻي يا نہ جو ھتي تہ سڄيون ککڙيون پيون پچن. آخر دل ٻڌي چيوسينس تہ، "ھڪ ککڙ آڻ."

"ھر ھڪ لاءِ ھڪ ھڪ؟" ٻڙي ادب سان پڇيو.

"نہ، ڪنھي لاءِ فقط ھڪ." اسان جواب ڏنس.

"ھون!" بيرو ٿڏو ساھ ڪڍي اسان ڪنھي جو منھن ڏسڻ لڳو. شايد اھو ڏسي رھيو جي تہ ھي پيمر پھلوان ڪٿي جا آھن، جو چانورن جي گاڏي کائڻ وارن جي ملڪ ۾ اچي نڪتا آھن.

ھتي ۽ ٻين ڪيترن عرب ملڪن ۾ تسبي ڪٿي ھلڻ جو ڏاڍو رواج آھي. خاص ڪري ٽيڪسيءَ ۾. ھلندي ڦرندي، بس ۾، مجلس ھوٽل ۾ تسبيءَ جا ڪٽا ضرور ڦيرندا رھندا. ڪڏھن ڪڏھن تہ ڳالھين ڪندي بہ عادت طور تسبيءَ جا ڪٽا آڱرين جي آڌار تي ڦرندا رھندا. ۽ پڙھڻ (عبادت) کان وڌيڪ فئشن لڳي ٿو. طرابلس (لبنان) ۾ تہ ھڪ سئينما ھال جو گيٽ ڪيپر، ھر وقت ٽڪيٽون بہ چيڪ ڪندو رھندو ھو تہ تسبي بہ گھمائيندو رھندو ھو. ائين تسبي ڦيرڻ وارو اسان جي ڳوٺ ۾ فقط ھڪ چشمي سان پوڙھو دوڪاندار آھي، جو پڻ ھر وقت ڦيرندو رھندو آھي ۽ اھا حرڪت ان وقت ايان تيز ٿي ويندي آھي جڏھن ٻھراڙيءَ جو ڪو مت جو موڙھيل گراھڪ سندس دڪان تي چڙھي ايندو آھي ۽ ابتي کل لھرائي ويھندو آھي.

تسبي کان پوءِ ٻيو نمبر ھتي شڪرو پڪي پالڻ جو رواج آھي. جيئن يورپ ۾ عورتون پاليل ڪتو ڪٿي جتي ڪٿي ھلنديون آھن. ساڳيءَ طرح ھتي وري شوقين عرب شام جو گھمڻ وقت يا ڪنھن

مجلس يا محفل ۾ وڃڻ وقت، هٿ تي شڪرو ويهاري سير تي نڪرن ٿا. انهيءَ پکيءَ کان شڪار جو ئي ڪم ورتو ويو ٿو. هونءَ هڪڙو شڪرو شير شاهم جو به چوٽين ۾ ٻڌبو آهي جو شايد گهر جا ڪڪڙ ماريندو هو. بهرحال اهو شوق وڏن ماڻهن جو ئي آهي جيئن اسان وٽ شڪار لاءِ هڪ تتر مارڻ لاءِ بندوق ۽ ڪارتوس ونڊجن (سو به الائي نشانو لڳي يا نه. يا تتر ئي چيتون چيتون ٿي ويڃي) تنهن کان ته سعيدآباد مان سوا رپئي جيئرو ڪوڙڪي جو قاتل تتر ڇو نه خريد ڪجي- ايڏا به ڏزن جي حساب سان سستو.

هتي دوحا ۾ نئين ٺهيل خوبصورت عمارتن مان پاڪستان جي حبيب بئنڪ ۽ P.I.A جي آفيس پڻ ڏسڻ وٽان آهي ۽ انهن عمارتن وٽان لنگهندي، ڪجهہ ڪهڙين لاءِ پنهنجائپ جو احساس ٿئي ٿو ۽ پنهنجي وطن جي ياد ۽ تانگهہ هيڪاندي وڌي ٿي.

دوحا شهر نون ايرندڙ شهرن مان آهي. هر روز اوسي پاسي جي ملڪن جا ڪاروبار يا خريدوفروخت ۽ واپار وڙي لاءِ ماڻهو ايندا رهن ٿا ۽ شهر جي آدمشماري جلدي جلدي وڌي ويڃي رهي آهي. هتي جي اصلوڪي رهاڪن عربن کان وڌيڪ هندستان، پاڪستان، ايران، آفريڪا جا نوان آيل ماڻهو ملندا. ڪيترا غريب مڪراني، هروچ ۽ پٹاڻ جاين ۽ رستن ٽاهڻ جي ڪمن تي مزوري ڪندي نظر ايندا. ڪيترا درزي، ڏوبي، ٽئڪسي ڊرائيور پاڪستاني، هندستاني ۽ سلوني ملندا. چانهہ جون نندڙيون هوٽلون هلائڻ وارا بنگالي، ملباري ۽ ڪوڪني ملندا. بازار ۾ خريدار به پانت پانت جا ملندا. افريڪن، ايشين کان وٺي يورپين تائين. ڇو ته هر اها شيءِ جا آمريڪا ۽

يورپ ۾ ٻہ مھنگي آھي سا ھتي سستي ملي ٿي، جو ٽئڪس بلڪل نہ برابر آھي. ان ڪري خريدارن جا ھر وقت بازار ۾ انبوھ آھن. مختلف ملڪن جا مختلف زبانون ڳالھائيندي ملندا ۽ انھن کي منھن ڏيڻ لاءِ دوڪاندار ٻہ ڪيترين ئي زبانون سکيل آھن. ھڪ ئي وقت ھڪ گراھڪ کي عربي ۾ جواب پيا ڏيندا تہ ٻئي کي فارسي يا انگريزي ۾"

○

آءٌ ۽ ففٽ انجنير بديع الزمان دوحا جي ھڪ دڪان تي خريداري جي خيال کان چڙھياسين. دڪان تي جيڪي ٻہ چار وڪڻڻ وارا ھئا، سي پھرين آيل گراھڪن سان مشغول ھئا، سو اسين تيستائين ٻين دير سان آيل گراھڪن وانگر شين جو جائزو وٺڻ لڳاسين. (گڏوگڏ پنھنجي کيسي جو ٻہ). اسان جي بلڪل ۾ ۾ ٽي چوڪريون ڪٻٽن ۾ سينگاريل شيون ڏسي رھيون ھيون. سندن وار انگريزياڻين وانگر ڪٽيل (بلڪل Continental Style)، پوشاڪ ايراني عورتن جھڙي سليولس، ۽ ميڪ اپ ۾ مصري عورتن کان ٻہ رتيون وڌيڪ. ھيترن ڇٽن ۾ جھجھڪندڙ لباس ۽ چھري سبب پري کان نمايان لڳي رھيون ھيون. اسان جون ٻہ نگاھون، بلڪ بيحد سکايل نگاھون پاڻھي ھنن ڏي ڪڇي ويون. پوءِ زمان مون کان سوالي نگاھن سان پڇيو، "ڪير ٽي سگھن ٿيون؟"

"ڪجھ سمجھ ۾ نٿو اچي. شايد عرب چوڪريون ھجن ڪنھن Developed ملڪ جون."

"عرب ملڪ ڪو Developed ٻہ آھي ڇا؟ عربي ۾ ذرا پڇين تہ ڪٽي جون آھن." بديع الزمان مون کي ٽونڊ ھڻي چيو ۾ ايترو زور

سان، جو ھو ب اسان جي اڙدو ۾ ڪسر پسر چگيءَ طرح ٻڌي رھيون ھيون.

منھنجو بنگالي دوست بديع الزمان جنھن کي جھازن جي انجڻ سڃاڻڻ کان وڌيڪ اونو دنيا جي ڇوڪرين سڃاڻڻ جو آھي، تنھن سان ساڻي ڳالھ تان ھن کان اڳئين Voyage ۾ ب ڪٽ پٽ ٿي ھئي. جنوريءَ جي سخت سرد ۽ برفاني موسم ۾ بلغاريا جي ھڪ ھوٽل ۾ ويٺا ھئاسين. سڄو ھال سنسان ھو. فقط سامھون ٽيبل تي ھڪ Tourist عورت ويٺي ھئي. شڪل ۽ شبيھ ۾ بلغاري ڇوڪرين کان مختلف، حسن ۽ سونھن جو ھڪ مجسمو ھئي، جا ساھ کڻي رھي ھئي. زمان ساٽس پاڻ Introduce ڪرائڻ لاءِ اٿيو، پر پوءِ ٻي گھڙيءَ کو خيال آيس يڪدم ويھي چوڻ لڳو:

"الطاف، ميانءِ جي ان سان دوستي رکي ڏيکارين."

"ڇڏ يار، ڪنھن ٻي مريد يا سرڪس جي مسخري کي تاڻ. اوپري ماٺھوءَ سان ڳالھائڻ - 'مان نہ مان، مين تيري خالا جان' وارو ڪم ڪريان ڇا؟"

منھنجو اھو چوڻ ۽ پوءِ سندس ليڪچر شروع ٿيڻ: "ڪمال آھي. ھڪ عورت سان ملڻ جا Guts نہ آھن. توھان سڀ اديب فقط وڌيون ڳالھيون ڪندا آھيو، باقي عملي زندگيءَ ۾ توھان کان ڪٿ ڪک پڇي ٻيٽو ب نٿو ٿئي. ڪھاڻيءَ ۾ تہ ھڪ ڇوڪريءَ کي ھيرو سان ملائڻ جا پنجاھ طريقا تخليق ڪنداؤ. ڪوھن جا فاصلا منٽن ۾ طيءَ ڪرائيندؤ. ستن ڪوٽن مان ھيروئن کي ڪڍي اڇي ھيرو جي ھنج ۾ ويھاريندؤ. باقي ھاڻ ڳالھايو ب نٿو ٿئي..."

اڄ ضد ڪرڻ بدران مون انھن کان پڇڻ مناسب سمجھيو. آخر

ٿوري گهڻي عرب ملڪن مان سکيل عربي زبان جو ٻه مظاهرو ڪرڻ لاءِ سڏ موقعو هو. عربي ۾ جملو تيار ڪري، ٻه ٽي دفعا دل ۾ ورجائي، پوءِ انهن محترمائن ڏي منهن ڪري هڪ ئي ساهه ۾ چيو، جنهن جو مطلب هو: "معاف ڪجو، ڇا توهان عرب ڇوڪريون آهيو-؟"

ٽنهي اسان ڏي پهرين فلمي دنيا جي ظالم ماڻيلي مائن وارين نگاهن سان گهوري ڏٺو، ان کان پوءِ هڪ اڇتي وڏي سرائڪي گڏيل پنجابيءَ ۾ چيو:

"چريا ڇو اچي ٿيا آهيو. اسين ٻه توهان وانگر پاڪستاني آهيون، ملتان جون."

○

دوحا (قطر) ۾ اٽڪل پندرهن سورهن ڏينهن ٽي ويا هئا. جيتوٽيڪ پروگرام، ڪم مطابق ٻن ٽن ڏينهن جو هو. پي منزل ڪراچي هئي. ڪراچيءَ ۾ اسان جي هن جهاز "سندر بن" جو سخت انتظار ٿي رهيو هو، جو هي نئون جهاز يوگوسلاويا مان ورتل پهريون دفعو پنهنجي ماڳ مالڪن جي ملڪ ۾ اچي رهيو هو. اسان ان کي وٺڻ يوگوسلاويا هوائي جهاز رستي ويا هئاسين. روز ڪراچيءَ کان وائرليس ايندي هئي ته ڪڏهن ٿا ڪراچيءَ پهچو. اخبار ۾ ريڊيو ٻه هن جهاز جي چڪي پبلسٽي ڪئي هئي، سو ڏسڻ وارا تجسس ۾ هئا. آخر ڪراچي پهچڻ جي تاريخ ۾ تائيم موڪليوسين، پر اتفاق اهڙو ٿيو جو هڪ بارش سبب ۾ ٻيو هتي جي سست مزورن ڪري اها تاريخ ٻه چڙهي وئي ۾ نئين تاريخ جي ڪا خبر نٿي پيئي.

هوڏانهن ڪراچي ۾ جهاز جي اچڻ جون خبرون اخبارن ۾

اچي ويون. جنھن صبح جو ڪراچيءَ پھچڻو ھيوسين، ان رات فنر ڏسي موٽي رھيا ھئاسين، تہ رستي تي ريڊيو پاڪستان تان رات واريون خبرون ڪن تي پيونسين جنھن ۾ ٻڌايو پئي ويو تہ سياڻي صبح جو نئون جھاز "سندر بن" ڪراچي پھچي رھيو آھي. سندس تور ھيتري، ڊيگھ ھيتري، رفتار وغيرہ ھيتري. جيتوڻيڪ اسان ان اعلان کانپوءِ بہ ڪيترن دوھا ۾ ترسي، پوءِ ڪراچيءَ لاءِ لنگر کنيوسين، ۽ ھڪ ڏينھن کن پنڌ ۾ بہ لڳا. تيسين ڪراچي جي ماڻھن، اسان جي آفيس وارن، جھاز جي عملي جي مائٽن ۽ دوستن کي سخت پريشاني ۽ انتظار ڪرڻو پيو.

(سال 1969ع)

ڳالهيون هيوسٽن (ٽيڪساز) جون

امريڪا جو شهر جنهن جي ڏسڻ جو مونکي پهرين موقعو مليو سو هيوسٽن آهي. هيوسٽن شهر امريڪا جي ڏکڻ رياست ٽيڪساز جو وڏو شهر ۽ بندرگاهه آهي. ٽيڪساز جو نالو ٻڌي ذهن اڳيان، امريڪا جون Western-Movies (جن ۾ ماٺهن کان وڌيڪ گهوڙن جي اداکاري هوندي آهي)، کائو ٻائز Cow-Boys، ڇهه ڇهه فٽن کان ڊگها شيدي ۽ گورا، خونريزيون، مال جون چوريون ۽ سهڪندڙ گهوڙا ڪُرن ٿا. ٽيڪساز انهن مڙني ڳالهين کان مشهور آهي. هونءَ هتي جي هر شيءِ وڏي آهي. ماڻهو ته اهي به سگهارا ۽ جانڪا آهن، چوپايو مال ته به متارو ۽ تندرست، ميوو ته به وڏو ۽ ڳُرَ سان ڀرپور. هتي جون زمينون دنيا جي ٻلين زمينن ۾ شمار ٿين ٿيون. هر شيءِ سائنس جي جديد اصولن تي پوکي ۽ لٽي وڃي ٿي. صحيح مند ۾، صحيح بج ۽ ياڻ ذريعي ۽ گهٽي محنت سان ڄائنءِ کان پٽاتي تائين، مٽرن کان مکئي تائين، هتي هر ميوو ۽ پاڄي اعليٰ قسم جي ٿئي ٿي. هونءَ به هن رياست (ٽيڪساز) لاءِ چوٽي مشهور آهي ته هتي جي هر شيءِ وڏي آهي:

Texas-Where evreything is big.

هڪ لطيفو مشهور آهي ته هڪ همراهه ڪنهن عورت جي هيڪاندي وڏين ڇاتين ڏي ڏسي ڪانئس پڇيو:

"ڇا تون ٽيڪساز جي رهاڪو ته نه آهين-؟"

O

ٽيڪساز امريڪا جي سڀ کان وڏي ۽ امير رياست آهي جنهن ۾ سمجھو ته وڏا وڏا امير، پير، سردار، وڏيرا رهن ٿا. سابق صدر جانسن به ٽيڪساز جو رهاڪو آهي. ۽ ٽيڪساز ئي آهي جنهن جي هڪ ٻئي شهر 'ڊالاس' ۾ صدر ڪينيڊيءَ جو قتل ٿيو هو. خونريزن ۽ ڏاڙن کان به Texas سڄي دنيا ۾ مشهور آهي. ايتريقدر جو اسان جو هڪ نواب شاهه جو دوست اتي جي خونريزين جون ڳالهيون ٻڌائي وڏي فخر سان چوندو آهي ته 'نواب شاهه از ٽيڪساز آف سنڌ'.

ٽيڪساز نقشي تي انهيءَ ويڪرائي ڦاڪ تي آهي، جنهن تي ملتان ۽ سنڌ جو مٿيون حصو آهي. ان ڪري هتي جي آبهوا به اهڙي آهي، جهڙي اسان وٽ آهي. مينهن تمام گهٽ پوي ۽ سردي پڻ ايتري نه ٿئي. اسان اونهاري ۾ ويا هئاسين، سو اهي ئي سنڌ واريون جهڪون، لُکون، لُوهون ۽ چٽ! وڏيون وڏيون عمارتون، صاف ستُرا ۽ ويڪرا رستا، گلڪاريون ۽ وڏا وڏا ڪارخانا، گورا ماڻهو ۽ راکاسن جهڙا شيدي نه ڏسون ها، ته هرگز اعتبار نه اچي ها، ته هيءَ 'امريڪا' آهي يا 'جيڪب آباد'"

هتي جا شيدي پڻ گورن وانگر پوءِ آيا. هتي جا اصل رهاڪو جيئن آسٽريليا ۾ Aborginies آهن تيئن هتي جا ريڊ انڊين آهن. جيئن ئي ڪولمبس 1492ع ۾ امريڪا ڳولي لڌو ۽ اها ڄاڻ ڏنائين ته الهندي پاسي جتي سمنڊ ختر ٿئي ٿو اتي به زمين آهي، ته نه فقط ڪولمبس جي ملڪ اسپين جا پر ٻين يورپي ملڪن جا ماڻهو پڻ هيڏانهن اچڻ لڳا، ۽ امريڪا کنڊ جون ٻليون زمينون، ٻيلا، ڪاٽيون نديون، جبل ۽ خوبصورت ڪنارا ڏسي ديرو ڄمائيندا ويا ۽ ويا حصا پتيون ڪندا. اسپين ڏکڻ امريڪا جو ڇڇ حصو پنهنجي قبضي

ٻر ڪيو. انگريز ڪٽنڍا ۽ اتر امريڪا ٻر ڇائنجي ويا. ان کان علاوه پورچوگالن، فرينچن، ڊچن پنهنجا پنهنجا ملڪ ٺاهيا ۽ اتي جا اصلي باشندا Red-Indians انهن کي سندن جاهليت ۽ ٿورائي ڪري ختم ڪندا ويا يا قبضي ٻر آڻي ڇڏيائون. نتيجي طور اڇڪلهه ورلي ڪٽي ڪٽي نمائش طور ريڊ انڊين نظر اچن ٿا.

○

يورپين کي امريڪا جون زمينون ته پليون لڳيون پر سوال ٿي پئدا ٿيو ته گرمين، مينهن، سردين ٻر ان کي ڪير ڪيڙي، جبلن کي ٽڪي منجهائنس ڏاتو ڪير ڪڍي. اها سورهين صديءَ جي ڳالهه آهي. اڄ کان چار سادا چار سؤ سال اڳ جي ڳالهه آهي، تڏهن ايجان مشينريون ايجاد نه ٿيون هيون. پاڻيءَ جا جهاز هلندا هٿا سي به سڙهن ۽ ڇپن تي. بهرحال ان محنت جي ڪر لاءِ آفريڪا جو شيدي جواب هو. آفريڪا تي ته يورپين جو قبضو ٿي چڪو هو. سو هرهڪ يورپي ملڪ پنهنجي افريڪي بيڙڪ مان جهازن جا جهاز شيدين سان ڊوڙي پورهئي لاءِ امريڪا پهچايا جن مان ڪيترا ته انهن ڏينهن جي ڏکئي سفر ۽ بکن، ايجن ٻر مري ويا ٿي.

جيڪي جيڪي آمريڪا پهتا ٿي، تن کي غلامن وانگر زمينن، ٻيلن، جبلن، کاٽين ٻر ڏينهن رات ڪر ڪرٽو پيو ٿي ۽ اڄ جي هيءَ خوبصورت امريڪا هنن شيدين جي ٿي محنت آهي. اهوئي سبب آهي جو اهي کارا جن کي يورپي گورا غلام ڪري وڻي آيا سي هاڻ هنن لاءِ جنجال ٿي پيا آهن ۽ آزادي جي روپ ٻر حق گهرن ٿا ته هن راکيڙي دور ٻر جڏهن ته يورپي، آفريڪي ۽ ايشيائي يا ٻيا جيڪي هتي لڏي اچڻ بعد سڀ امريڪي سڏجن ٿا ته ساڻن قانون ۽

سماج جو سلوڪ ٻہ هڪجهڙو هئڻ کپي.

هونءَ اسان جهڙي نئين آيل Tourist کي امريڪا ۾ اهو عجيب لڳندو تہ رنگ جي بنياد تي انسان کي ٻن طبقن ۾ ورهائي هڪ کي اتاهون ۽ ٻئي کي هيٺاهون قرار ڏنو ويو. جهاز تي ڪم هلندو هو تہ گورن ۽ ڪارن جون ٽوليون الڳ الڳ ڪم ڪندیون هيون. ڪارن لاءِ هر شيءِ جدا. کيترين اسپتالن، آفيسن، ڪالیجن ۽ اسڪولن ۾ ڪارن کي اڇڻ نٿو ڏنو ويو. ساڳي وقت ساڳي پورهئي ۽ ڪم لاءِ ڪاري کي پگهار گوري جي ٻيٽ ۾ گهٽ ڏنو ويو ٿو ۽ وري ساڳي ڏوهہ لاءِ ڪاري کي گوري کان وڌيڪ سزا ڏني ويو ٿي. کيترن هنڌن تي گهمڻ جون جڳهيون، سمنڊ جا ڪنارا Beaches ۽ ايتريقدر جو عبادت لاءِ چرچ ٻہ الڳ آهن. ڇڻ ڪارن ۽ اڇن جو مختلف خدا هجي.

هڙي وڏي امير ملڪ ۾ جتي دولت ۽ ڪاڏو اڻ ميو آهي، ايتريقدر جو هر سال انيڪ ٽن اناج سمنڊ ۾ لوڙهيو يا ساڙيو وڃي ٿو (جيئن بازار ۾ اڳهہ نہ ڪرن) پر تہ ٻہ توهان کي هتي کيترائي شيدي جن کي هتي نفرت جي زبان ۾Nigger سڏين ٿا، بکيا ۽ اڌ اڳهاڙا ملندا ۽ اسان ايشين کي اها سوچ بي چين ڪندي آهي تہ هي وڏا وڏا ملڪ، جيڪي ٻين اسان جهڙن ڏورانهين غريب ملڪن کي امداد ڏين ٿا، پر پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جو ڇو نٿا خيال رکن. آخر اسان کهڙا گورا يورپي آهيون. ۽ اهي هٿ ٽوکيون امدادون کهڙي ڪم جون، جيڪي صحيح نموني ضروتمند تائين نہ پهچن. ۽ انهيءَ امداد سان گڏ گورن صلاحڪارن جو پَڇَ پڻ شامل هوندو آهي. پوءِ اها امداد مثال طور لک جي آهي، تہ انهن گورن جي پگهار

۽ رهائش تي اسان جو خرچ ڏيڍ لک ايندو. ۽ اها امداد کڏهن کڏهن اسان جهڙن غريب ملکن لاءِ "اڇو هاٿي" ثابت ٿيندي آهي. هونءَ اسان ايشيا جي رهاکن کي پنهجي پيرن تي بيهڻ سکڻ کپي. آخرڪار چين جهڙا ملک به ته بنا ٻي ملک جي مدد جي ترقي ڪري رهيا آهن.

O

ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي ته امريڪا ۾ ڪارن سان مختلف برتاءُ ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪي ڪي سهوليتون هن کي موجود نہ آهن پر ان هوندي بہ امريڪا ايترو ته سڌريل ۽ ترقي يافتہ ملک آهي، جنهن جو مثال ڏيئي سگهجي ٿو، پر جيترو چڪجي اوترو هتي شيدين ترقي نہ ڪئي آهي. تمام گهٽ سنجيده ۽ اعليٰ نوڪرين، سياست، تعليم ۽ واپار ۾ آهن نہ ته شايد هن جي فطرت ۾ ئي مستي ٻريل آهي جو هو هر نچڻ ٽپڻ، ڳائڻ وڄائڻ ۽ راندين جهڙن ڪمن ۾ فقط اڳيان اڳيان آهن.

شيدي مرد توڙي عورتون رستي تان هلنديون ته بہ سندن چال ۾ نچڪو ضرور هوندو. ڳالهہ ڳالهہ تي دانهون، ڪوڪارٽ يا گاريون ڏينداِ ۽ جيڪي شيدي شهر کان پري Slum- areas ۾ رهن ٿا اتي ته ڏاڍي گندگي ۽ گدلائي نظر اچي ٿي. شام جي وقت بندرگاهہ کان ٻاهر نڪرڻ تي ڪيترا شيدي پيرين اگهاڙا وچ رستي تان کائيندا نظر ايندا، پٽيان ٻلي کو شريف کار وارو هارن ڏيندو رهي. خالي ڏٻا بيئر يا ڪوڪا ڪولا جا، يا ڪلون جتي ايندن اڇليندا ويندا. ڪپڑا بہ عجيب رنگن ۽ نمونن جا پائيندا، جيتوٽيڪ سندن Counter Part جيڪي آفريڪا کان هينئر هتي نوڪري يا

پڑھڻ لاءِ شيدي آيل آھن تن جي حالت تمام سڌريل آھي. پر امريکا جا هي ڏاڏا نرالا آھن ۽ ٿوري گھڻي ڳالھ تي جھيڙو فساد ۽ عام اٿن. ڪيتريون ان بابت ڳالھيون ٻڌبيون.

اسان کي هيوسٽن ۾ پھچڻ سان پنھنجي آفيس طرفان چيو ويو ته رات جي وقت کو شيدي نشي جي حالت ۾ پٽسا گھري ته مقابلو نہ ڪجي. نيويارڪ ۾ شالامار دڪان جي مسز پروين شاھ ٻڌايو ته ڪين اھو چيو ويو آھي ته کو شيدي کا شيءِ ڪٽي پٽسا نہ ڏئي ته ضد نہ ڪجيس. پاڻ ٻڌائين ته ھڪ ڏينھن پاڻ دڪان تي اڪيلي ھئي، ۽ آفتن جھڙا ڊگھا شيدي سونو ڪنگڻ شو ڪيس مان ڪيرائي ڏسڻ لڳا.

"ھونءَ اسان اھڙيون قيمتي شيون اڳيان ڪري نہ رکندا آھيون،" پاڻ ٻڌائين، "پر ان ڏينھن ٿوري دير اڳ ڪولمبيا يونيورسٽي جي ڇوڪريءَ ڏسڻ لاءِ گھريو تنھن کي ڏيکاري اتي ئي رکي ڇڏيو. ۽ ھاڻ ھنن شيدين جي خوفناڪ نموني مان ئي سمجھي ويس ته پٽسا ته کونہ ملندا، ھاڻ رکو اھو ھڪڙو کنگڻ ڪٽي وڃن. اڃا اھو سوچيو پئي ته ھنن مان ھڪ دانھن ڪري ٻئي کنگڻ لاءِ پڇيو، جو پڻ اتي ئي پيو ھو ۽ مجبوراً ڏيڻو پيو. ۽ مون پئي سوچيو ته ھاڻ پک ٽيليفون ڪٽي ڇڏندا يا ائين ئي گولي ٽا ٿين. اتي ٻئي ھمراھ کنگڻ جي قيمت پڇي. مون اڳھ ٻڌايومان ته ھڪ سؤ نوي (190) ڊالر آھي. ھن مون ڏي خارن مان ڏسي، کنگڻ پنھنجي کوٽ جي اندرين کيسي ۾ وڌا ۽ پوءِ سوٽ جي پوئين کيسي مان سؤ سؤ ڊالرن جا ٻہ نوٽ اڳيان رکي 'ٿئنڪ يو' چئي ھليا ويا. منھنجو گلو ايترو خشڪ ٿي چڪو ھو جو ڪين باقي

بچيل ڏھ ڊالر کڻي وڃڻ لاءِ ٻہ چئي نہ سگھيس."

ھک ٻيو دلچسپ واقعو ھک ٻئي دڪاندار دوست ٻڌايو. سندس دڪان ۾ ٻہ ڪارا شيدي چڙھيا ۽ شيون ڏسندي ئي ڏسندي پيالي۽ ۾ رکيل ٽي چار پٽرن جون منڊيون ھک ڇٽو ڪٽي ولي ويگو. "مون ولي گوڙ ڪيو تہ جھليوس. پر بيئلن مان ڪنھن ٻہ نہ جھليو ۽ پوءِ ٻيو ٻہ ان پٽيان ولي ويگو. تيسين مون پوليس کي فون ڪيو. فون ڪري بس ڪيم تہ سندس ٻيو ساٿي سھڪندو واپس آيو. اڇڻ سان مون کي ٽو چوي: Give Me Five Dollars "پڇيومانس ڇو خير تہ آھي؟ چوڻ لڳو: 'ھن چور کي جھلڻ لاءِ پگس، سو ان جو اجورو تہ ڏي'. مون چيومانس: "چور تہ نہ جھليو."

وراٽيائين: "گھٽ ۾ گھٽ مون Try تہ ڪئي." بس سائين متو ئي ڪائي ويو. دڪان جي شيءِ ٻہ ويئي، چور ٻہ نہ جھليو ۽ ويتر ھن کي، جو چور جو ساٿي ھو، پنج ڊالر انعام ٻہ ڏيو. چگو جو ايتري ۾ پوليس اچي ويئي ۽ انعام ونڊ واري کي تہ کنيي وئي."

○

ھيوسٽن ۾ اسان جو جھاز ولائتي پاڻ (Fertilizer) کڻڻ آيو ھو. اسان يڪا پندرھن ڏينھن کن اتي ھٽاسين، تيسين سامان جھاز تي چڙھندو رھيو. ھيوسٽن جي بندرگاھ ۾ گھڙڻ لاءِ پنجاھ ميل کن سمنڊ کان اندر ندي۽ ڏي اچڻو پوي ٿو. ندي۽ جي ٻنھي ڪپرن تي سوين فئڪٽريون ۽ گدام امريڪا جي بي انتھا دولت جو ڏيڪ ڏين ٿا. ھتي گھٽو ڪري ھر ڪم آٽوميٽڪ مشينري سان ٿئي ٿو. اسان جو جھاز بلڪل پاڻ جي فئڪٽري جي ڀرسان اچي بيٺو ھو. اتي پاڻ مشينري ذريعي پاڻھي ڳوٽين ۾ بند ٿي، پئڪ ٿيڻ کان پوءِ پٽن

ذريعي اهي ڳوٽيون کڄي ٻاهر آيون ٿي. پوءِ کريٽن ذريعي مٿي کڄي جهاز ۾ اندر رکيون ويون ٿي.

نہ فقط اهو، پر ٻيون ب کيتريون ئي شيون هتي آٽوميٽڪ آهن. هتي هر وقت پاڻ سان ريزو رکڻ ضروري آهي جو هر هنڌ ٽکيٽ وٺڻ يا مشين ۾ سکو وجهڻ سان پاٿي ڪم ٿيو ويي. ڪار ڏوئڻي آهي تہ ب سکو مشين ۾ وجهي ڪار جا رڳو شيشا چاڙهي ڇڏجن. نلکي مان پهرين صابڻ جي گجي نڪرندي، پوءِ ڏهن منٽن کن لاءِ پاڻيءَ جي تکي پچکاري جنهن سان ڪار جي سروس ٿيو ويي.

ڪپڙن ڏوئڻ جي دڪانن تي ب فقط Washing Machines رکيون آهن دڪاندار ٽهي کونہ. ڪپڑا وجهي مشين ۾ اوترا پئسا وجهو، پاٿي منٽن ۾ ڪپڑا ڏوپجي، نپوڙجي، صاف ٿي سڪل حالت ۾ ٻاهر نڪري ايندا.

جڳهہ جڳهہ تي مختلف شين جا ڪيٽ رستن جي ڀرسان آهن، جن جي ٻاهران انهن شين جون تصويرون ٽهيل آهن. مثال طور سگريٽ جو پاڪيٽ کپي تہ سگريٽن واري باکس جي سِير ۾ سکو وجهي ان خاص سگريٽ جي برانڊ جو بٽڻ دٻائڻ سان اهو پاڪيٽ هيٺ ڪيٽ جي کيسي ۾ اچي ڪرندو. ساڳي طرح کولڊ-ڊرنکس Cold-Drinks جا ڪيٽ، مختلف کيرن جا ڪيٽ، ٺڏو کير، گرم کير، چاڪليٽ وارو، پستن وارو وغيرہ. کيرن ۽ ٺڏن مشروبات ۾ امريڪا جو انگلنڈ ۽ يورپ ب مقابلو نہ ڪري سگهندو. نہ فقط کير پر مختلف کاڌا پڻ. ٺڏو گوشت، گرم فراءِ ٽيل گوشت، ٻاجي وغيرہ وغيرہ، ايئر ٽائيٽ لفافن ۾ هيٺ اچي ڪرندا.

○

شام جي وقت پوسٽ آفيس بند هوندي هئي تہ سڪو باڪس ۾ وجهي ان سڪي جون ٽڪليون ڪڍندا هئاسين. سڀ کان وڏيڪ مزو اسان کي ڪير ڏيندو هو. روز رات جو سمهڻ کان اڳ اسان جونير (انجنير ۽ ڊيڪ آفيسر) بچيل سڪا ڪٽي جهاز تان هيٺ لهندا هئاسين. بلڪل سامهون ڪير جي مشين لڳل هئي ۽ هرڪو پنهنجي پسند جو ڪير ڪڍي پيئندو هو. منهنجي پير واري ڪئبن ۾ ڪئپٽ غضنفر خان رهندو هو. ڪنهن رات ڪير پيئڻ جي ڳالهہ وسري ويندي هئي، تہ ننڍ مان اٽاري ۾ وڃي هلندو هو تہ ڪير جو وقت ٿي ويو آهي. چوندو هو تہ هڪ ڏينهن جڏهن جهاز جو ڪئپٽن ٽيندس تہ جهاز تي خلاصين لاءِ اها مشين هٽائيندس ۽ ٻيو ڪوبہ شير شاهہ سوريءَ وارو سڏارو نہ ڪندس.

"۽ تيسين آئون چيف انجنير ٿي تنهنجي ان مشين جا جونيئر انجنيرن هٿان ارزا پرزا ڊلا ڪرائيندس." مان ڪيس تنگ ڪندو هوس ۽ هو معصوم شڪل ٺاهي ڪير جو آخري ڏڪ پي پنهنجي سڪل سيني تي هٿ ڦيرندو هو. هيوسٽن ڇڏڻ کان هڪ رات اڳ ڪير پيئندي ڪئپٽ غضنفر منهن ٺاهي چيو:

"يار، سياڻ کان مونکي تہ ننڍ نہ ٻيندي."

"چو-؟"

"چو جو هاڻ بنا چاکليٽ-ملڪ جي کهڙيون ننڍون. عادت، جا چاکليٽ واري ڪير جي ٿي ويئي آهي."

عادت تان هڪ ڳالهہ ياد آئي تہ موڪلن ۾ ڪراچي جي ميٺارام هاسٽل ۾ زين پٺاڻ جي ڪمري ۾ عالم شيخ ۽ آءٔ ڪجهہ

ڏينھن لاءِ اچي رھياسين. ميٺارام ھاسٽل جيڪا ڪاٽ جي ٺھيل آھي (ھاڻ تہ دوربين سان يا چتائي ڏسبو تہ ڪاٽ تہ نظر نہ ايندو پر اڏوھي ۽ سندس بيشمار بيضا نظر ايندا) ان جي ڪمرن جون پٽيون (جيڪي ھوٽل جي پٽين وانگر سمھڻ وقت سنھيون ٿي ويندیون آھن، ۽ پر واري ڪمري ۾ ٽيندڙ ھر قسر جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو ۽ سمھڻ نہ ڏيندو. پر ساڳي وقت جڏھن معلوم ڪرڻ وقت پٽ تي ڪن رکبو تہ پر واري ڪمري ۾ ڪھڑيون ڳالھيون پيون ٿين تہ اھي پٽيون ٽلھيون ٿي ويندیون آھن ۽ ڪجھ بہ سمجھ ۾ نہ ايندو). سو سائين، زين جي پر واري روم ۾ ھڪ اردن جو عرب سڳورو رھندو ھو، جنھن کي ريڊيو ٻڌڻ جي پٽَ ھئي. اسان يارھين لڳي ڏاري سمھڻ جي ڪندا ھئاسين ۽ ھن جون ان وقت عربي اسٽيشنون شروع ٽيندیون ھيون، ۽ ھي شخص ريڊيو جو سڄو آواز رکي روز رات جو چئين تائين، نہ فقط عربي گانا ۽ خبرون ٻڌندو ھو، پر 'اڄ جا اڳھ' 'موسر جو حال'، ويندي 'چوڪرو گر ٿي ويو آھي ڪيس ڪجھ نہ چيو ويندو'، تائين لڳاتار بنا ساھہ جي ٻڌندو ھو. پھريون ٻہ چار راتيون اسان ڪيس جھازي سائيز گاريون ڏنيون پر ھن عرب آڻ نہ مجي ۽ آھستي آواز نہ رکيو. آخر اسان بہ ٺھي وياسين ۽ وقت تي ننڊ اچي ويندي ھئي. مھني ڪن ڪانپوءِ ھاسٽل ڇڏي ھڪ ٻئي دوست جي گھر وڃي رھياسين، جتي پاڙي ۾ ڪو عرب نہ رھندو ھو. رات جو ٽين لڳي ڏاري اڪ ڪلي تہ ڏسان تہ عالم ايجان پاسا پيو ورائي. پڇيومانس: "چو ايجان ننڊ نٽي اچئي چا-؟" چوڻ لڳو: "يار ھاڻ تہ عربي گانن بنا ننڊ نہ ايندي."

سو عادت جي چا ڳالھہ ڪجي، پوءِ ڪٽي عربي گانن ٻڌڻ جي

هجي يا Choclet-Milk پيئڻ جي.

○

سڀ کان مزيدار ڀالهہ انهن آئوميٽڪ ڪپڙن جي اها ت، جيڪڏهن اهو مقرر سڪو نہ هجي ت وڏو بہ وجهي سگهجي ٿو. پهريون دفعو منهنجو اتفاق ڪوڪا ڪولا ونڊ جو ٿيو. ڪوڪا ڪولا جي قيمت جو سڪو (پنڌرهن سينٽ) نہ هئا سو ڏهندي ڏهندي آسرو لاهي اڏ ڊالر (پنجاهہ سينٽ) جو سڪو ان ہر وڌم، ت ڏڙام سان پهرين بچيل پئسا پنجٽيهہ سينٽ اچي ٻاهر ڪريا، ان کان پوءِ ڪوڪا ڪولا جو ڏهو.

امريڪا ہر جيتري ڪوڪا ڪولا ءِ ان قسم جا اوٽ پٽانگ شربت هلن ٿا، اوترو شايد پاڻي بہ نٿو پيتو وڃي. ان کانسواءِ ٻيو ڪو چارو آهي بہ ڪونہ. گس پنڊ، هلندي چلندي، ڪٽي بہ اڄ لڳي ت پاڻي ڪٽان ملي. هتي اسان جي ملڪ وانگر جتي ڪٽي سَبيل جا مَٺ يا رحمدل هوٽل وارا ت نہ آهن، جو پاڻي پيارين. ءِ نہ فرصت آهي ڪنهن ڪي. هتي هر شيءِ لاءِ پئسي جي ضرورت آهي پوءِ چاهي پيئڻ لاءِ پاڻي حاصل ڪرٿو هجي يا انساني همدردي.

هونءَ هڪ ٻي بہ ڀالهہ آهي ت گلاس پاڻيءَ لاءِ، جو ڪٽي مفت جو هجي، پر ٻُري ڪي ويهہ سينٽ ڪن ٽِپ ڏجي ءِ وقت الڳ سيڙائجي، ان کان ت بهتر اهو آهي ت پنڌرهن سينٽن ہر ڪوڪا ڪولا جو بند ٽيل ڏهو ڪنهن مشين مان ڪڍي پيئجي، جي مشينون پبلڪ ٽيليفونن جي بُوٿن وانگيان رستن تي جتي ڪٽي نظر ايندیون.

سڀ کان وڌيڪ مزيدار امريڪا جون اخبارون آهن. هتي اشتهار بازي ڏاڍي هلي ٿي. ان ڪري اهي فقط اشتهارن سان ڀريل

آھن. ھڪ ھڪ اخبار پنجويھ ٽيھ صفحن جي. آچر جي اخبار جي ته ڇا ڳالھ ڪجي. ڪڏھن ڪڏھن سؤ صفحن کان بہ مٿي ٽپي ويندي آھي. پر رڳو اشتھار ئي اشتھار. ايڊائي سيرن جي اخبار ۾ وڏي ڇيھ سان ڪو ڏيڍ تولو ڪن خبرن جو ملندو.

○

امريڪا جي ٻين شھرن وانگر ھيوسٽن ۾ بہ ڊپارٽمينٽل اسٽور (Departmental Stores) جتي ڪٿي نظر اچن ٿا. جن ۾ اڪثر ھر قسم جي شيءِ سَئي سڳي کان ٽي-وي، ريڊيو، ھنڊ بستري ۽ بورچيخاني جي سامان تائين، ملي ٿي. امريڪا ۾ جيڪڏھن ڪا سستي شيءِ آھي، ته موٽر ڪارون، بجلي جو سامان، ايئرڪنڈيشنر وغيرہ يا مشينري جو سامان ۽ سينگار جو سامان، نہ ته ٻي ھر شيءِ اسان جي سڪي جي مقابلي ۾ مھنگي آھي. خاص ڪري اھا شيءِ مھنگي آھي جنھن ۾ ھٿ جو ڪم ٿيل آھي.

ھر دڪان ۾ ھر شيءِ جي قيمت ان سان گڏ لکيل رھي ٿي، پوءِ ساڳي شيءِ جي قيمت ٻين دڪانن تي ڪٿي گھٽ وڌ ھجي، پر جنھن دڪان تي جا مقرر آھي، ان تي ئي ملي ٿي. ان ڪري اڳھن تي گھٽي ريڙھ پيڙھ نٿي ڪرٽي پوي، جيئن ايشيا ۽ افريڪا جي ملڪن ۾ عام آھي. ھر شيءِ دڪان تي اھڙي نموني سان سينگاري رکي وڃي ٿي جو ڏسڻ واري کي ان لاءِ ڪشش ۽ موھ پيدا ٿئي ٿو. چند سينٽن جي شيءِ بہ رنگين پنين ۽ گلن ڦلن جي وچ ۾ ائين رکي ھوندي جڙ ڪا وڏي ڳالھ ھجي.

اسان جي جھاز جو يڪو ٽولو ھر دڪان تي گڏ چڙھندو آھي ۽ خريداري کان وڌيڪ ونڊو-شاپنگ ٿيندي آھي ۽ جھڙو ھٿين خالي

چڙهندا آهيون تهڙو لهندا آهيون، سيني کي اها شڪايت رهندي آهي ته امريڪا ۾ مهنگائي آهي. هانگ ڪانگ يا سينگاپور ۾ ته ساڳي شيءِ هيتري ٽي ملي. هونءَ سنگاپور، هانگ ڪانگ، دبئي، عدن جهڙن ڊيوٽي فري بندرگاهن جي بازارن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي جتي خاص ڪري عورتن جون ته اکيون ۽ پرس کلئي جا کليا رهجي ويندا آهن ۽ دل دماغ ۽ هوش حواس، ڪجهه به ٺڪاڻي نه هوندا آهن. پر امريڪا جي ٻي ڳالهه آهي.

اسان به ڊپارٽيمينٽل اسٽور ۾ گهڻو ڦرياسين تڏهن اسان جي هڪ انجنير کي خيال آيو ته هٽين خالي هن اسٽور مان نه نڪرجي. ڪجهه ته ونڊجي. آخري ڪپڙي واري سيڪشن ۾ هڪ نندڙي ٻار جو چيني مٽيءَ جو ٿهيل ماڊل پسند اچي ويو جو هڪ ڳاڙهي رنگ جي جهالر واري ڪچي ۾ هڪ ٻانهن ڊگهي ڪري بيٺو هو. قيمت جي چٽڪي سندس آڏر ۾ لڙڪي رهي هئي، جنهن تي ڏهه ٻارهن رپين کن جيترو امريڪي سڪو لکيل هو. قيمت بلڪل معمولي هئي ۽ اهو ڪڏو جهاز تائين کڻي هلڻ به سولي ڳالهه هئي. جڏهن دڪاندار کان قيمت جي پڪ ڪئي وئي ته هن ٽيٽ ميڪسيڪن لهجي واري انگريزيءَ ۾ ٻڌايو: "جي ها، هن واش ائنڊ ويئر ڪچي جي قيمت اها ئي آهي. توهان کي ٻين رنگن ۾ به ملي ويندا." "۽ هي ڪڏو-؟" اسان پڇيس.

"اهو ته هن دڪان جي پراپرٽي آهي ۽ هڪ سؤ ڊالرن کان به مٿي جو هوندو." اسان ڏاڍو شڪي ٿياسين. ساڳي وقت افسوس به ٿيو ته مس مس ته اسان شاپنگ لاءِ دل ٻڌي هئي.

○

هيوسٽن امريڪا جو ڇهون نمبر وڏو شهر آهي جتي انڪل ٻارهن وڏا ڪاليج ۽ يونيورسٽيون آهن. ٽي ميڊيڪل ڪاليج ۽ ٽي ميڊيڪل ريسرچ سينٽر آهن. ان کان سواءِ هڪ تمام وڏو ميڊيڪل سينٽر آهي، جنهن ۾ مريضن لاءِ ڏهه اسپتالون آهن ۽ هڪ سؤ چونڊيل ايڪڙن جي ايراضيءَ تي آهي. ان هوندي به منهنجو هتي جو امريڪن واقفڪار دانهون ڪندو هو ته "يار هتي ته ڪا سهوليت ڪانهي. اسان جي پاڙي ۾ پنجاهه کان وڌيڪ گهر آهن، تن لاءِ فقط هڪ ليڊي ڊاڪٽر آهي." ڪيس جيڪڏهن ٻڌايان ها ته اسان جي شهر جي پنجويهه هزار آدمشماريءَ لاءِ سالن کان ڪا هڪ به ليڊي ڊاڪٽر ناهي ته جيڪر دل جو دورو پويس ها. پر مون به نڪ جو پڪو ٽي چيو هوس:

"ڪمال آهي! اسان جي شهر هالا کان به هيوسٽن ڪو ڇَٽ آهي. اسان جي ڳوٺ جي ماڻهن کي ته هر قسم جون طبي سهولتيون مليل آهن. دراصل ڳالهه هيءَ آهي ته اسان جي شهر جا چونڊيل نمائندا سجاڳ آهن. اسان جي ٽائون ڪميٽيءَ چونڊيل ميمبرن کي ڏينهن رات شهر جي ڀلائيءَ جو فڪر رهي ٿو..."

۽ اسان جو امريڪي يار دل ئي دل ۾ هيوسٽن ڇڏي هالا لڏڻ جا سهانا سپنا (يا خوفناڪ خواب) ڏسڻ لڳو هو.

هتي امريڪا ۾ جيتري ڪمائي ڊاڪٽرن جي آهي، اوتري شايد ئي ٻئي جي هجي. ڪيترا سنڌ کان آيل ڊاڪٽر مختلف اسپتالن ۾ ڪم ڪن ٿا. ڊاڪٽر سولنگي، عذرا شيخ، خورشيد چنا، قاضي، نسرين، عقيلي وغيره. ڊاڪٽر جي ڳرين فين ڪري گهٽو ڪري ماڻهو پنهنجي ڇاڻ مطابق دڪان تان دوا خريد ڪري استعمال

ڪن. فقط وڏين بيمارين ۾ يا امير ماڻھو ڊاڪٽر وٽ وڃن. اھا ٻي ڳالھ آھي تہ ھتي جو ھر ٻيو ماڻھو انشورنس ٽيل آھي يا امير آھي جنھن کي انھن بلن جي پرواھ ناھي ۽ ھتي جي نازڪ مزاج امريڪن لاءِ ٻہ ڏينھن ڏڍ ھلڻ ٻہ وڏي ڳالھ آھي. ۽ بقول لاڙڪاڻي جي ڊاڪٽر نسرين قاضيءَ جي، موت کان ڈاڍو ڈا ڪنبن. اسپرو ڪٽي چڀين آني جي ھجي ۾ ان کي ڪائڻ جي ٻڪ ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽرن کي چار سؤ رپيا ٻہ ڏينڍ لاءِ تيار ھوندا.

ھوشيار ۽ غريب امريڪن فئمليون دوا درمل ۽ ڳرين فين کان بچڻ ۽ ڊگھي علاج لاءِ، انگلنڊ ھليون ويندیون آھن، جتي وري ھرھڪ جي دوا ذري گھٽ مفت ٿئي. ۽ امريڪن لاءِ گھمڻ جو گھمڻ، دوا جي دوا. خاص ڪري ويھ لاءِ جيئن زال مڙين مھينن کي پھچندي تہ ھمراھ (زال مڙس) Holidays ملھائڻ جي ٻھاني انگلنڊ جو رخ رکندا.

اسان جو جھاز جنھن ڏينھن ھيوسٽن پھتو، تنھن کان ٻہ ڏينھن اڳ مونکي سخت زڪام ۽ بخار ٿيو. ھيوسٽن پھچڻ سان انشورنس ڪمپني طرفان ڊاڪٽر کي گھرايو ويو. جنھن تپاس ڪري فلو قرار ڏنو ۽ ان جي دوا ڏيئي ويو. بل فقط اچي ڏسڻ جو پنجاھ ڊالر (پنج سؤ رپيا ڪن) ۽ دوائن جو بل الگ. چڱو جو اھا مصيبت منھنجي انشورنس ڪمپنيءَ جي ڳچيءَ ۾ پيئي نہ تہ مون غريب جي سڄي سفر جو ملير غير ملڪي ناٽو دوائن ۽ ڦيٽن ڦڪين پئيان وڃي ھا.

O

امريڪا ۾ ڪپڑن جو ھر موسم ۾ مسئلو رھي ٿو. سياري جا

کپڑا هتي جي Overheated گهرن، آفيسن ۽ دڪانن لاءِ تمام گرم لڳن تا ۽ اونهاريءَ ۾ کانٽن جي کپڑن ۾ هتي جي Airconditioned گهرن ۾ ٽڏ لڳي ٿي. عورتن جي لباس جي ته اڇکلهه ڳالهه ئي نرالي آهي. اسان جي مشرق جا عورت کي وڏي برقعي يا چادر ۾ ڍڪڻ جا قائل، تن کي ته هتي جي عورتن جي چال ڍال ۽ لباس ڏسي ائين لڳندو جڻ بي حيائي ۽ بيهودگيءَ جا جنازا اصل ڪفن ڦاڙي، قبرون چيري، وچ رستي تي ڪُٻري ڊانس جو آخري منظر پيش ڪري رهيا آهن. عورت جو فئشن مطابق چولي جو مٿيون حصو هيٺ ڍرڪندو اچي ۽ هيٺيون اسڪرٽ مٿي سسندو وڃي. اڇکلهه ته مائڪرو مني اسڪرٽ (Micro-Mini-Skirt) جي لهر پئي هلي جنهن اسڪرٽ کي ته ڪيڙو ئي سمجهڻ ڪپي ۽ هو مثال ياد ٿو اچي ته هڪ ماڻهوءَ ٻئي کي چيو:

"خبر اٿئي اڄ ڪلهه منهنجي زال ايتري ته بچت ڪري رهي آهي جو پنهنجي پراڻي ڪيچي مان مونکي ٽاءِ ٽاهي ڏئي ٿي."

"بس نه،" ٻئي وراڻيس، "اهو ته ڪجهه به نه آهي. منهنجي زال ته منهنجي پراڻي ٽاءِ مان پنهنجي لاءِ ڪيڙو ٽاهيندي آهي."

سو هي مني مائڪرو اسڪرٽ به ٽاين مان ٽهيل ٽا ڏسجن. اڄ ڪلهه ته ڪن نوجوانن جي لهر ايري آهي جن جو نعرو ئي آهي ته مني اسڪرٽن جو ساٿ ڏيو ۽ امريڪا کي خوبصورت بڻايو.

(Support Mini Skirts And Make America Beautiful)

جڻ ڪنهن ملڪ کي خوبصور بنائڻ جو فقط اهوئي طريقو وڃي بچيو آهي. ان ليکي سان، پوءِ ته اڄ کان هزارين سال اڳ هيءَ دنيا خوبصورت هئي. يا اڄ به افريڪا جي گهاٽن جهنگلن ۾ رهندڙ

وحشي شيدين جا علاقا خوبصورت آھن، جتي عورتون مني اسڪرٽن يا ڪچن جي قيد کان ٻ آزاد آھن.

○

ھتي ھيوسٽن شھر ۾ ڪيتريون ئي ڏسڻ جون جڳھيون آھن. سڀ کان مشھور ھتي جو ائسٽروڊوم (Astrodome) نالي راندين جو اسٽيڊيم آھي. دنيا ۾ ھن قسم جو اھو واحد اسٽيڊيم آھي، جنھن کي اڻون عجوبو پڻ سڏيو وڃي ٿو. ھن اسٽيڊيم جي اھا خاص ڳالھ آھي، جو سڄو ڍڪيل آھي. ڇاھي ٻاھر گرمي ھجي يا سخت سردي، ڏينھن ھجي يا رات، ۾ راندين ۽ تماشا ٿيندا رھن ٿا. اھو ايڏو وڏو آھي جو ٻ سؤ ڇالھ ايڪڙن ۾ اچي وڃي ٿو. سندس قبي نما ڇت اوچائيء ۾ ارڙھن ماڙ کان ٻ مٿي آھي. اندر ڪرسيون اھڙي نموني رکيل آھن، جو ھر راند مطابق ويڇھيون يا پري ڪري سگھجن ٿيون. اھا ڪرسين جي ردوبدل ۽ ستاءُ منڻن ۾ آٽوميٽڪ طريقي سان ٿئي ٿو. ھڪ ئي وقت بيس-بال Base-ball راند ڏسڻ لاءِ ڇائيتاليھ ھزار ڪرسيون لڳي سگھن ٿيون ۽ باڪسنگ لاءِ ڇاھٺ ھزار. ھي آفت نما اسٽيڊيم پري کان ئي نظر اچي ٿو. فقط پارڪنگ جي جڳھ ئي ايتري آھي، جو ھڪ ئي وقت ٽيھ ھزار موٽر ڪارون بيھي سگھن ٿيون.

ان کان سواءِ ڪراچي جي 'جبيس پلي لئنڊ' ۽ 'ڊاجر پارڪ' وانگر ھتي 'ائسٽرو ورلڊ' Astro world آھي جو اسان جي وڃڻ کان فقط ھڪ سال اڳ شروع ٿيو ھو. ان ۾ ھر قسم جي وندر ۽ چوڌول گاڏيون ڦرنديون نظر اچن ٿيون. ھي پارڪ ايڏو ته وڏو آھي، جو ھڪ کان ٻئي ھنڌ تائين تماشبين کي پھچائڻ ۽ گھمائڻ

لاءِ پراڻي ۽ نئين قسر جون ريل گاڏيون ۽ ٽرامون ٽکيٽ تي هلن ٿيون. اندر پارڪ ۾ جڳھ جڳھ ايئرڪنڈيشنڈ هوٽلون ۽ ٻارن جي راندين جا بندوبست آهن. ان ۾ اندر وڃڻ جي فقط ٽکيٽ ساڏا چار ڊالر آهي.

O

هيوسٽن (U.S.A.) جو موبائيل ٽائون پڻ مشهور آهي، جتي سڀ گھر هلندڙ چلندڙ آهن. سڀ گھر ريل جي وڏن گاڏن وانگر آهن، جن هيٺيان ٽيٽا آهن ۽ 'موبائل هائوس' سڏجن ٿا. انهن ۾ رهائش جي هر قسر جو بندوبست آهي. ڪمرا، بورچيخانا، باٿ روم وغيره. انهن گھرن جو اهو فائدو آهي، ته جڏهن به پاڙي وارن جي ڪٽ ٽٽ ٿئي ته فون تي ٽرالر گھرائي پنهنجو گھر هڪ هنڌان ڇڪرائي ٻئي هنڌ لڳرائي سگھجي ٿو، جنهن لاءِ معمولي في ۽ ٽئڪس رکيل آهي. هي گھر به ٻين وانگر ايئرڪنڈيشن ۽ خوبصورت آهن.

هيوسٽن شهر ۽ سڄي رياست Texas جيئن ته بلڪل ڏکڻ ۾ آهي ۽ ميڪسيڪو ملڪ جي پرسان آهي، ان ڪري هتي ڪيترا علائقا اهڙا آهن، جن ۾ فقط ميڪسيڪن (Spanish) ڳالهائي وڃي ٿي ۽ انگريزي هڪ لفظ به نٿي سمجهي وڃي. هڪ دفعي اسان گھمندي ڦرندي اهڙي علائقي ۾ وڃي نڪتاسين، جو جيتوڻيڪ بندرگاھ ڪي بلڪل ويجهو هو پر ڪنهن ڪي به انگريزي سمجھ ۾ نه پئي آئي. ڏاڍو عجب لڳوسين، ته هيترا سال گذري ويا آهن ۽ هيڏي وڏي ملڪ ۾ رهڻ کان پوءِ به ڪين انگريزي سکڻ جي ضرورت محسوس نه ٿي آهي ۽ پنهنجي زبان ۾ ئي ڳالهائيندا رهن

ٿا. نه فقط زبان پر گهر ۽ دکان ۾ مختلف نظر آيا. هن علائقي جي دکانن تي ڳاڙها مرچ، هيڊ، گرم مصالحو ۽ آچار وڪامندو ڏسي حيرت لڳي، پر پوءِ معلوم ٿيو ته وچ امريڪا جي ٻين ملکن: ميڪسيڪو، گئاٽي مالا، نڪاراگئا ۽ هانڊرس ۾ ۽ اهي شيون هلن ٿيون، جو انهن جي آب و هوا ۽ ذري گهٽ اسان جهڙي آهي ۽ مزاج پڻ.

هيوسٽن شهر ۾ سڀ کان وڏي عمارت چوئيتاليهه ماڙ "همبل بلڊنگ" (Humble buiding) آهي جنهن ۾ مختلف آفيسون آهن جن ۾ اٽڪل ٽيهه هزار ماڻهو ڪم ڪن ٿا. مٿينءَ ماڙ تي رصدگاهه Observatory آهي. جتان سڄي شهر جو نظارو ڪري سگهجي ٿو. آءُ رات جي وقت، اها عمارت ڏسڻ ويو هوس. رات جي وقت، شهر جون بتيون هيٺ ائين چمڪنديون نظر آيون ٿي، جڙ هڪ تارن سان ڀريل آسمان هيٺ ۾ وڃايو پيو هجي.

هتي امريڪا جي ماڻهن جي زبان ته انگريزي آهي، پر انگلنڊ واري انگريزيءَ کان ڪجهه نرالي آهي. خاص ڪري لهجي ۾ امريڪي ڏاڍو جهيل سان ۽ نڪان ڳالهائين ٿا، ايتريقدر جو پهريان ڏينهن ته ڪو تڪڙو ڳالهائيندو هو ته هن فقير پر تقصير کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هئي. پر پوءِ ته مون کي ۽ وات چپو ڪري ڳالهائڻو پيو. چوندا آهن ته هڪ ٽنگي جي ملڪ ۾ ويجي ته ٻي ٽنگ ورائي ڪلهي تي رکجي سو ڪجهه اهڙو حساب ٿي پيو. پاڻ وٽ پاڪستان ۾ يا ايشيا جي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ جيڪڏهن ڪو ائين جهيل سان نڪان ڳالهائي ته ماڻهو مٽس ڪلن ۽ چون: "ڏسو ميان، انگريز ٿيو آهي يا شو پيو هڻي." ان کان علاوه

ٻيا کيترا لفظ آھن جيکي اسان وٽ يا انگلنڊ ۾ مختلف آھن. مثال طور امريکي فلٽ کي اپارٽمنٽ سڏين. هوٽل ۾ ٻڙي کي 'بل' آٽو بدران 'چيڪ' آٽو لاءِ چون. پيٽرول کي Gas سڏين وغيره.

○

هڪ لڳا رات جو همبل بلڊنگ (چوئيتاليھ ماڙ) ڏسي واپس پئي آيس. هيٺ مين روڊ کان کجھ پرتي، هڪ مشهور رستو آهي، جتي ڏينهن رات هپي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون مستن وانگر پلٽي ماريو ويٺا هوندا آهن. سينڌي دوستن جو اهو پروگرام هو، ته رات جو يارهين بجي اتي ملنداسين ۽ هپين کي ڏسي هڪ ٻي ٽئڪسي ۾ واپس جهاز تي اينداسين. جيئن يارهن وڄڻ تي ٽيا ته همبل بلڊنگ جي رصدگاھ تان آءٌ هيٺ لهڻ لاءِ لفٽ ۾ آيس. لفٽ خالي ٻيٺي هئي. لفٽ ۾ ڪير ڪونہ هو. بٽڻ کي گرائونڈ فلور لاءِ دٻايم. لفٽ ٽي ماڙيون ڪن هيٺ ڊرکي چاليهين ۽ ايڪيتاليهين ماڙ جي وچ ۾ خراب ٽي پئي. آءٌ جڏ آسمان ۽ ڌرتيءَ جي وچ ۾ ٽنگجي ويس. جڏ ڪنهن نامعلوم قدرتي طاقت بريڪ هٽي ڇڏيس. لفٽ جو پنکو ۽ بتيون ٻ لفٽ سان بند ٽي ويون ۽ آءٌ قبر جي اڪيلائي ۽ عذاب جو سوچڻ لڳس. هڪ جلدي، ٻي اڪيلائي ٽيون ٽَڪَ، غريب جو ٻار سوگهو ٽي ويو. ڪا ڳالهه سمجھ ۾ نہ پئي آئي. سرڪس جي شينهن وانگر پچري ۾ چڪر هڻڻ لڳس. سخت منجهي پيس. اونداهه ۾ نظر ڪونہ پئي آيو، ته امرجنسي بٽڻ ڪٽي آهي. وس آهر گهٽيئي واهُون ڪير پر ڪو ڪڙ تيل نہ نڪتو. آخر قدرت مهربان ٽي، ڪا نيڪ گهڙي ڪم آئي، ڪنهن جون دعائون لڳيون ۽ امرجنسي بٽڻ هٽ اچي ويو. دٻايم ته بَرررر! مائيڪ تي

آپريٽر جو آواز آيو: "کھڙي خدمت کري سگھان ٿو" علاوالدين جي جن وانگر هن پڇيو.

"آءُ هتي لفٽ ۾ قاسي پيو آهيان." مون عجيب گھبراهٽ جي عالم ۾ پنهنجي سنڌي گاڏڙ لهجي ۾ هڪ ئي ساهه ۾ چيو. "ڇا سائين، توهان ڇا ۾ قاسي پيا آهيو-؟" آپريٽر پڇيو.

"اوهه، هن لفٽ ۾ هن کمبخت لفٽ ۾!" مون زور زور سان رڙيون کري چيو. مون کان هاڻ هڪ لمحو به وڌيڪ برداشت ٿي نٿي سگھيو. ٻوست ۽ مونجهاري کان سڄو پگھر ۾ شل ٿي ويو هوس. جڙ کنهن ٻليءَ کي ڪٽي ڳوڙ ۾ بند ڪيو هجي.

"ڇا سائين ڇا؟ آئون توهان جي ڳالهه نه سمجهي سگھيو آهيان." آپريٽر وري مزي سان وراڻيو ۽ منهنجي حالت ويتر خراب ٿي ويئي.

"منهنجا ٻاءُ هن لفٽ ۾ جتان ڳالهائي رهيو آهيان. هن خنزير لف... لف... او... ايليويٽر ۾." مون ڏڍو ساهه کڻندي چيو. مونکي اوچتو ياد اچي ويو ته هتي امريڪا ۾ لفٽ Lift کي ايليوٽر Elevator سڏين ٿا. "اسان هڪ منٽ ۾ ٿا بندوبست کريون." آپريٽر دلجاءُ ڏني ۽ مون به پوءِ سڪ جو ساهه کنيو ته ٻيلي هاڻ اجهو ته اوهي واهي وريا ۽ هن بند مان مونکي آزاد ڪندا. ڪجهه گھڙيون اڳ، جو آءُ پاڻ کي دنيا کان الڳ ٿلڳ ۽ مارئيءَ جي قيد کان وڌيڪ خوفناڪ قيد ۾ نڌڻکو محسوس کري رهيو هوس، اهو احساس ختر ٿيو ۽ هاڻ مومل جي ڪاڪ ۾ پهچڻ جا خواب لهڻ لڳس.

پنجن ڇهن منٽن بعد لائيٽ اچي ويئي ۽ لفٽ باقي چالیهه

منزلون طيء ڪري ٻي گھڙيء هيٺ پٽ تي اڇي ڇڏيو. آپريٽر جو شڪريو فون تي ميڄي، جلدي جلدي ٽڪسي ڪري مقرر هنڌ تي آيس. دوست اڳيئي انتظار ڪري رهيا هئا، هن دير جو سبب پڇيو. ڪين امريڪا ۽ يورپ ۾ رهندڙ پاڪستانين ۽ هندستانين وانگر منهن جو پڪو ٽي ڪوڙ هنيومان "يار ڇا ڪريان، رستي تي هڪ خوبصورت امريڪن ڇوڪري ملي ويئي. ڇڏي نه پئي. ڇئي پئي ته جهاز تي وڃي ڇا ڪندين مون سان هل..." وغيره.

۽ پوء جلدي جلدي ٽڪسي ڪئيسين، ۽ ان گھٽيء ۾ وينل هيين کي ڏسندا واپس جهاز تي آياسين.

امريڪا ۾ اڇي هن هيين ٻين کي نه ڏسڻ ائين آهي، جيئن ڪنهن شاديء تي ڪنوار جو منهن ڏسي ڪيس پنج رپيا منهن ڏيکارڻي نه ڏجن. جوڳي فقيرن وانگيان وار وڌا، منهن متيء ۾ پيوت، ڪپڑا ڦاٽل اڌ اگھاڙا، متو پير اگھاڙا، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، چرس جو سوٽو هٿيو، بنا راڪيٽ جي چند تارن جو سير پيا ڪن ۽ وتن پنهنجي ملڪ تي ٽٽوليون ڪندا، جو هر سال ڪروڙين عربين ڊالر راڪيٽن پٽيان خرچ ٿو ڪري.

هونء اسان جي غريب ملڪ ۾ ڪو ينگ ڇڪو پيئندو يا نشو پتو ڪندو ته چوندا: موالي آهي، ڪاهل آهي، هيء قوم ڪڏهن به نه سڌرندي. باقي امريڪا جهڙن امير ملڪن ۾ پلي ڪو ڏينهن رات ڪليو ڪلايو، انگ اگھاڙا ڪري وچ رستي تي ويهي سوٽا هڻي يا ولائتي شراب پي واحيات حرڪتون ڪري ته اهو فئشن آهي، ماڊرنائيزيشن آهي.. فارورڊ هجڻ جي نشاني آهي. اسان وٽ ڪو تاش جا چار پتا ڪي ويهندو، ته چوندا ته جواري آهي، پر هتي

کو سڄي رات کلب ۾ ويهي پوکر يا برج کيڏي ۽ پئسا ته ڇا سڀ ڪجهه گروي رکائي اچي، ته به چوندا ته وقت ٿو پاس ڪري.

حقيقت ۾ اهڙن ماڻهن جو امريڪا ۾ به قدر ناهي. باشعور طبقو هنن کي به نفرت جي نگاهه سان ڏسي ٿو. ۽ هي هر روز سوسائٽي ۽ ملڪ لاءِ وڏو مرض ثابت ٿيندا وڃن. ملڪ لاءِ هنن ڪاهل ماڻهن ماڳهين پيچيده مسئلا پيدا ڪيا آهن ۽ زندگيءَ جي مسئلن کان هن ريت فراريت حاصل ڪرڻ کا قابل قدر ڳالهه ناهي.

"هي هپي بنجڻ جو فئشن هڪ لهر وانگر آهي،" ان ٽئڪسي ڊرائيور ٻڌايو، "جا ڪجهه عرصي کانپوءِ لنگهي ويندي ۽ پٺيان ڪو نشان به نه ڇڏيندي."

هيوسٽن ۾ سڀ کان وڏي ۽ مشهور شيءِ ڏسڻ جهڙي، جنهن کان اڇلهه هيوسٽن مشهور ٿيندو وڃي، سا آهي 'ناسا' جو خلائي مرڪز: National Aeronautics & Space Adminstration

جتان امريڪا خلا ۾ چند تي موڪليل راڪيٽن تي ڪنٽرول رکي ٿي ۽ خلابازن کي تعليم ۽ تربيت ڏئي ٿي. هتي نمائش لاءِ پڻ ان قسم سان واسطو رکندڙ هر شيءِ موجود آهي. هي مرڪز وچ شهر کان پنجويهه ميل ڪن پري آهي. هيوسٽن جي سڀ مين ڪلب طرفان آڇر ڏينهن اسان کي بس ۾ اوڏانهن گهمائڻ وٺي ويا. اتي هنن جا ڪيترائي الڳ الڳ ڊپارٽمينٽ آهن. جتان مختلف طريقن سان خلا ۾ چند تي موڪليل راڪيٽن تي ڪنٽرول ڪن ٿا، نياپا موڪلين ۽ جهپين ٿا. ان کان علاوه هڪ سئنيما هال پڻ آهي، جتي چند تي وڃڻ بابت هر قسم جون فلمون لڳاتار ڏيکايون وڃن ٿيون.

اهو آڇر جو ڏينهن هو، ويتر انهن ڏينهن ۾ امريڪا ۾ اونهاري

جون موڪلون Summer Holidays هلي رهيا هئا سو نہ فقط ويجها پر ڏورانهين جڳهين کان ڪنڪ ماڻهن جا ٽڪ هئا. سڀ گهٽو ڪري فئملين سان هئا. نہ فقط گورا پر شيدي، ميڪسيڪن پورٽريڪن ۽ ايشين پڻ مختلف رنگن جي ڪپڙن ۾ ڦري رهيا هئا. مون سان گڏ ڪراچيءَ جو عاشق ميمڻ هو. جيڪڏهن ڏهه دفعا نہ تہ چار پنج دفعا ضرور منهنجي ٻانهن کي ڇڪي چيو هوندائين:

"يارا چنڊ جي مخلوق تہ الائي ڪهڙي هوندي، پر مونکي تہ هن ڌرتيءَ جي ئي مخلوق ڏسي مزو پيو اچي."

واقعي هڪ ميلو متل هو. ڪن ڪن ڪمرن ۾ تہ ايڏي ڏڪ ڏڪان ۽ پيهہ پيهان هئي جو تر ڇڻڻ جي جاءِ نہ ملي. نمائش گهرن ۾ چنڊ تي ويل راکيٽ، چنڊ گاڏيون، ڪئپسول ۽ ٻيو سامان رکيل هو. جيڪي خلاباز ٻاهران راکيٽن ۾ ٽي آيا آهن انهن جا بلڪل هوبهو قد ۽ شڪل جا بوتا ان خلائي وڳي ۾ شيشي جي چؤديواري ۾ رکيل آهن. پاسن کان هر بوتي ۽ شيءِ اڳيان ڪيترائي ٽيليفون رکيل آهن. وڃندڙ ٽيپ رڪارڊر ذريعي ان ٽيليفون ۾ سڃي ڪٿا ٻڌڻ ۾ پئي اچي. جڏ تہ هر بوتو سڃو پڃو ماڻهو هجي ۽ خود پاڻ بابت، پنهنجي ڊريس بابت، ۽ چنڊ تي وڃڻ ۽ موٽڻ جي مرحلن ۽ مسئلن بابت سمجهائي رهيو هجي.

ان کان علاوه راکيٽن ۾ جا مختصر ماني، چاڪليٽن ۽ بسڪيٽن جي روپ ۾ خلاباز کائيندا آهن، انهن جا نمونا ۽ سمجهائڻ لاءِ انهن جي به چوگرد ٽيليفون رکيل آهن. جن ذريعي ٻڌايو پيو وڃي تہ انهن ۾ ڪهڙي طاقت رکيل آهي، ڇا مان ٺهيل آهي ۽ ڪڏهن ۽ ڪيتري ڪاڦي ويندي آهي. اهڙي نموني راکيٽن ۽

کئپسولن بابت پڙ. هڪ نقلي چند ڏيکاريل آهي جنهن تي هڪ راکيٽ وڃي رهيو آهي. مطلب ته اهي شيون ۽ فلمون وڏو ته ڇا پر هڪ ٻار به ڏسي سمجهي ويو، ۽ جيترو جلد انهن فلمن، ماڊلن ۽ سچن پچن راکيٽن کي ڏسي سمجهي سگهجي ٿو، اوترو جلد ڪو ڪتاب پڙهڻ سان به نه سمجهي سگهجي.

O

شام جو ستين لڳي واپس ورياسين ۽ جهاز تي اچڻ بدران اسان کي Seamens-Club ۾ وٺي آيا، جتي هن اسان لاءِ چانهه جي دعوت جو بندوبست ڪيو هو. هيوسٽن شهر جا به ڪيترائي شهري آيا هئا. سيني سان گڏ چانهه پيتيسين. ان کان علاوه ڪجهه وقت کي ٽيبل ٽينس ۽ ڪندا رهيا ۽ کي هڪ ٻئي جي ملکن جون خبرون چارون ڏيندا وٺندا رهيا. هي کافي سهڻو ڪلب آهي جتي لئبرري ۽ راندين جي وڏي هال جي پٽ تي دنيا جي مختلف ملکن کان آيل جهازين پنهنجي زبان ۾ هن ڪلب بابت پني تي لکي هنيو هو ته: "هي ڪلب توهان جو پنهنجو آهي. جنهن وقت به توهان جو جهاز هن شهر ۾ اچي، ته پنهنجي فرصت جون گهڙيون هتي گذارڻ لاءِ اچي سگهو ٿا... وغيره.

رومانيا، جپان ۽ اٽلي جي زبانن واري نوٽيس تي خوب گل ڪل ۽ آرٽ ورڪ به هو. ڪنڌ تي هڪ پني تي اڙدو ۾ به ڪنهن ڏنگن ڪڏن اکرن ۾ لکي پاڪستان جو جهنڊو ٺاهي ڇڏيو هو، سو به غلط سلط. سيني کي اهو ڏسي افسوس ٿيو مون ان ڪلب جي سربراهه کان اجازت وٺي، اهو پنو اکيڙيو ۽ ٻئي ڏينهن جهاز تي هڪ سٺي پني تي صاف اڙدو، سنڌي ۽ بنگالي زبانن ۾ اهو نوٽيس لکي، ڪنڌ

تي پاڪستان جو صحيح رنگن ۾ جھنڊو ٺاھي چوڏاري گلن جو باربر تيار ڪيم. پس منظر ۾ 'سھڻي' رسالي جي ٽين يا چوٿين نمبر پرچي جي سرورق جي تصوير ٺاھيم، جنھن ۾ ڇوڪريون مَٽ پاڻيءَ جا مٽي تي کٽيو پيون وڃن ۽ پوءِ سنگاپور ۽ ملايا جي ملڪن وارن پنن جي پرسان ھٽي ڇڏيم. ھاڻ ڪلب ۾ گھڙڻ سان اھو سيني ۾ نمايان لڳي ٿو ۽ پھرين ان تي نظر پوي ٿي.

ٽيڪساز رياست پھرين ميڪسيڪو ملڪ جي قبضي ۾ ھئي. 1836ع جي "سان جئسنٽو" تاريخي جنگ کان پوءِ ڪيس آزادي ملي ۽ امريڪا جي ٻين رياستن سان ڳنڍي وئي. ان جنگ جي ياد ۾ پنج سو ست فٽ ڊگھو مينار ھيوسٽن شھر کان ٻاويھ ميل پري ٺھيل آھي جو پڻ سياحن جي ڏسڻ لاءِ باعث ڪشش آھي. ان جي متئين حصي ۾ نظاري ڪرڻ لاءِ رصدگاھ آھي ۽ ھيٺ تري ۾ نمائش گھر آھي. ان جي پرسان مشھور جنگي جھاز 'ٽيڪساز' نالي بيٹل آھي، جو ٻي جنگ عظيم ڪانپوءِ ٽيڪساز رياست کي ڏنو ويو ھو ۽ نمائش خاطر ايان تائين ان حالت ۾ رکيو ويو آھي. ھر روز انبوھ ماڻھن جا ان کي ڏسڻ لاءِ اچڻ ٿا.

ان کان علاوہ ھتي ٻيون ٻہ ڪيترين ئي شيون ڏسڻ جھڙيون آھن. ويھ ٻاويھ ڏينھن لڳاتار رھڻ ڪانپوءِ سچ ٿہ ھيوسٽن ڇڏيندي افسوس پئي ٿيو اھڙا ھري ويا ھئاسين. پر ڇڏڻ وقت اھا ٻہ خوشي ھئي ٿہ ان کان ٻہ وڏا شھر: نيو اورلينس، بالٽيمور ۽ نيويارڪ ڏسڻ پيا ويون.

○

ڪوريا جون ڪجھ يادون

ڏکڻ ڪوريا جو شھر "چنائي' جيتوڻيڪ ڪافي وڏو آھي پر سندس بندرگاھ تمام ننڍو آھي. اسان جي جھاز کان سواءِ ٻيو سندن ڪو ملڪ جو ڪورين جھاز بيٺل ھو. سو ان مان اندازو لڳائي سگھجي ٿو تہ ھتي ڏاڙيون جي شڪل ورلي نظر اچي ٿي ۽ اسان کي ننڍي وڏي، پوڙھي پکي، رستي ھلندي، بس ۾، بازار ۾ ائين گھوري ڏسو ٿي جڻ اسان ماڻھو نہ پر ڪنھن سائنسدان جي لئبارٽري جا ڪٽا ھجون جي ڪنھن خاص تجربي ھيٺ ھجن ۽ جن جي ھرڪا چرپر وڏي ڏيان سان ٽيٽي ويجي.

ڏکڻ ڪوريا جي مکيہ بندرگاھن: پوسان ۽ ھن شھر چنائي ۾ رھڻ سان معلوم ٿيو تہ ھتي غربت ڏاڍي آھي. ڦاٽل ۽ ميرا ڪپڙا اوڍيل ڪيترا ٻار تہ پيرن اگھاڙا ۽ انگ ۾ معمولي طرح ڍڪيل. رستن، گھٽين ۽ بازارين جي صفائي گھٽ. ويتر جو جپان ۾ مھينو ڪن رھي آيا ھئاسين سو ھتي ٿوري گدلائي ۾ گھٽي ٿي لڳي. ڀڳل بسون- جھڙيون چنگانگ کان فينيءَ ھلنديون آھن يا ڪنھن زماني ۾ ڪيبر کان ننڍوآدم ھلنديون ھيون. چنگانگ وانگر چوڌاري ساوڪ ئي ساوڪ ۽ تمام اوچا جبل- جي پڻ گاھ ۽ وڻن سان ڍڪيل. ڪارائيل پٽين ۽ ٽڪيل رستن مان معلوم ٿيو ٿي تہ ھتي مينھن ۾ ڏاڍو وسي ٿو. باقي سونھن ۾ ھتي جا ماڻھو بنگالي تہ پري جپانين کان وڌيڪ آھن- جيتوڻيڪ غربت ڪري جپانين جيترو

ميڪ اپ يا عطر عنبير استعمال ۾ نٿا ڪن.

صحت ۾ پڻ هتي جون ڪورين ڇوڪريون، جپانين کان وڌيڪ تندرست آهن، ۽ اڪيون جپانين کان وڌيڪ چوچيون اٿن. ڪن ڪن جون ته صفا لِتيل اکيون ڏسي ڪتيءَ جا تازا ڄاول پلونگڙا ياد ٿي آيا. ان ڪري شايد هنن کي (بقول اسانجي هڪ ٻن جهازي انجنيرن جي)، اسان جي ملڪ جي ماڻهن جون وڏيون اکيون ڏاڍيون وٺيون ٿي. پر خدا ڪوڙ نه ڳالهائي ته منهنجيون ته اکيون ڪنهن ٻه نه ڏٺيون. يا شايد:

نه وه ديکهتے هين نه هم ديکهتے هين،
حقيقت مين هم دونون کم ديکهتے هين.

پر ڪيترا بيان ٿا ڪن ته سندن اکيون ڪورين ڇوڪرين ائين ٿي ڏٺيون، جيئن عورتون شاديءَ جو ڏيج پڙو غور سان ڏسنديون آهن.

جهاز جو چيف آفيسر شفقت حيات فٽملي سان هو. سندس زال ۽ هڪ سال جي ڏيءَ بتول تي هڪ ڏينهن واقعي ماڻهن جو ميڙ ڏٺو. هر هڪ بيبي بتول کي ڪٿي ڪُوڏائي رهيو هو. پر هوءَ ايترن ماڻهن کي ڪيس ائين پٽيندو ڏسي ديسي استائيل ۾ روئي رهي هئي. يعني زمين آسمان هڪ ڪري رهي هئي.

○

هتي جي ڊريس مغربي لباس اسڪرٽ جهڙي آهي. پر گهٽن رنگن کي پسند ڪيو وڃي ٿو. ان ڪري هڪ ئي ڊريس ۾ ڪوآپريٽو سوسائٽي جي مونوگرام وانگر رنگن جو ڇُهت ٽيل آهي. زيورن پائڻ جو رواج ڪونهي. وڏ ۾ وڏ مندي يا سونو چلو- جو ماءُ يا يار طرفان ڏنل تحفو هوندو آهي. چيف آفيسر جي زال جي

ٻانھن ۾ پيل ڪانچ جون چوڙيون ڏسڻ لڳيون تہ ھن ھڪ ھڪ ڪري ڪين ورھائي ڏنيون. نڪ ۾ ھيرو پيل ھوس. ھڪ اشارو ڪيس تہ اھو ٻہ ڏي.

"دماغ خراب اٿانوَ"، ھن پنجابيءَ ۾ چين، "چوڙيون تہ ھيون شيشي جون."

ھن ڪجھ نہ سمجھيو، فقط ڪلنديون رھيون.

ھا، اڪين ڪان علاوہ راوي ٻا بيان ڪن تہ سندن ڇاتي ۽ بدن جا وار پڻ ھتي جي ماڻھن کي پسند آيا ۽ باعث تعجب ان ڪري ٻہ آھن جو ھن پاسي جي ملڪن: جپان، چين، ٿائلنڊ، ڪوريا وغيرہ جي ماڻھن جي ڇاتي يا ٻانھن ٽنگن تي ڇا پر ڏاڙھيءَ جا وار ٻہ ڳٽڻ جيترا ٿين. بھرحال وار ھتي جي ماڻھن کي پسند آھن يا نہ. ھتي جون عورتون اسان کي خوبصورت سمجھن ٿيون يا نہ، ان جو مونکي تہ ڪو ٺوٽ ثبوت يا مثال نٿو سُجھي. ھا البتہ ڪالھ اسلر زبيري ۽ آءٔ بازار مان لنگھي رھيا ھئاسين تہ ھڪ دڪان وٽ ھڪ پوڙھي عورت پنھنجي روئندڙ پوٽي يا ڏھتي کي ماٺ ڪرائي رھي ھئي. ٻار سخت تيسي جي موڊ ۾ ھو ۽ واڪا ڪري روئي رھيو ھو (۽ ہروچ ٻڌي رھيا ھئا). پوڙھيءَ کي ٻار اصل وٽ نٿي ڏنو. اوچتو پوڙھيءَ جي نظر اسان تي پئي ۽ سرھي ٿي ٻار جو ڏيان اسان ڏي ڇکائي ڪيس ڪجھ اھڙي نموني ۾ ڇينيپيو، جيئن اسان وٽ ڊيڄارڻ وقت ٻار کي چٻو آھي تہ ماٺ ڪر نہ تہ ٻائو (يا جھوجائو) ٿو اچئي. ٻار روئڻ بند ڪري، ڊپ وچان پوڙھيءَ کي ڄَر وانگر چنبڙي ويو. سو ھاڻ پڙھندڙ اسان جي سونھن لاءِ ھتي جي ماڻھن جي Opinion کان پلي پت واقف ٿي ويا ھوندا تہ اسان

کيتري حد تائين خوبصورت آھيون.

○

ھتي ڏکڻ ڪوريا ۾ ماڻھو، مستقل جنگي حالتن، غربت، وڌندڙ آدمشماري، بيروزگاري، امريکن سپاھين جي ويڙل رعب ۽ چيني (اتر ڪوريا جي ڪميونسٽن) جي لڳاتار خوف کان ڏاڍو ھيسيل، ھراسيل ۽ خوفزده آھن. ان ڪري اسان جھڙي پڻتي پيل ملڪ جا ماڻھو ۾ ھتي احساس برتري محسوس ڪرن ٿا. ھتي جي سڪي جي قيمت ڪريل ھڻڻ ڪري، اسان لاءِ ھتي جي ھر شيءِ (جپان ۽ امريڪا جي ملڪن کان) وڌيڪ سستي لڳي ٿي. جپان ۾ بس ۾ چڙھندي ۾ ۾ دفعا سوچڻو پوندو ھو. پر ھتي گھٽ پگھاردار خلاصي ۾ ٽئڪسي ۾ جھاز کان شھر ۽ شھر کان جھاز اچي وڃي رھيا ھئا. ھتي جا سڀ ماڻھو پنھنجي زبان ڪورين ڳالھائين. دڪان آفيسن مٿان پڙ ڪورين زبان ۾ لکت آھي. ورلي ڪنھن ھوٽل يا بار جو نالو انگريزيءَ ۾ لکيل آھي. ڪورين زبان جو لھجو ڳالھائڻ ۾ چيني ۽ جپاني زبانن جھڙو آھي ۽ لکت ۾ تامل، ٿائي ۽ جپاني زبان (ڪاتاڪانا ۽ ھيرا گانا) لکڻين سان ملي ٿي.

جيتوڻيڪ ھي ملڪ (ڏکڻ ڪوريا) جپان جي بلڪل ويجھو آھي (جپان جي 'موجي' بندرگاھ کان ڪوريا جي 'پوسان' بندرگاھ تائين اسان جي جھاز کي ڇھ ڪلاڪ لڳا يعني ڪراچي کان حيدرآباد جيترو مفاصلو مس ٿيو) پر ان ھوندي ۾ ڪنھن ورلي پڙھيل ڳڙھيل کي ٿوري جپاني زبان آئي ٿي. ساڳي طرح انگريزي پڻ ڪنھن ورلي کي آئي ٿي. دڪاندار ۽ اسڪول جا شاگرد مڙيئي ٽٽل ڦٽل جملا ڳالھائي سگھيا ٿي. ان ڪري ھتي ھر ڳالھ اشاري

ٻر سمجھائڻي پئي ٿي. منھنجي نندڑي پاکيٽ سائيز ٽرانسسٽر medium-Wave تي چار پنج ريڊيو اسٽيشنون لڳيون ٿي، جن تي ھر وقت کورين زبان ٻر پروگرام آيو ٿي. ھک تي انگريزي پروگرام پڻ ايندو ھو، جو امريکي فوجين جي ڪري آھي، ۽ سڄو ڏينھن 'ڪوني فرئنڪسز، ٽام جونس، انگل برٽ، ڪلف رچرڊ، ايلوس، ائنڊي وليمس لولو ۽ نٽ ڪنگ ڪول' جھڙن Out Date ڳائڻن جي گانن جي ڏم لڳي پئي ھوندي ھئي.

○

ھتي جي ماڻھن جا گھر پڻ جپانين وانگر تمام ننڍا آھن. دروازا سنھي ڪاٺ جا يا ٽلھي پني جا سلائيڊنگ نموني جا. جُتي در کان ٻاھر لاھڻ جو ٻہ ساڳيو رواج، پر جپانين جي گھرن کان کورين جا گھر گدلا ۽ صحت جي اصولن کان ڏور آھن. خاص ڪري گٽر سسٽم Drainage Sytem تہ بلڪل بيڪار ۽ بدتر قسم جو اٽن. (پڪ ھتي ٻہ کو پي. ڊبليو. ڊي. جھڙو ڪاتو ھوندو.)

ڪاڏي ٻر ھتي (ڪوريا ٻر) ٻين ڏور اوپر جي ملڪن وانگر چانور ۽ مڇيءَ جو پٽڑو ھوڙ گھٽو استعمال ٿئي ٿو. مڇيءَ ٻر سڪل ڪاري مڇي وڏيڪ ڪائين. مڇين جا انيڪ قسم رکيل نظر ايندا ۽ ڪن جي تہ ککي ۽ ڪاري ڏپ ناقابل برداشت لڳي ٿي. جيتوٽيڪ لڳاتار سالن جا سال سمنڊ تي رھڻ ڪري اسان ٻہ مھاڻن، ماڇين، ساڻين وانگر جھڙي تھڙي ککي ڏپ کي تہ ليکي ٻر ٻہ نہ آڻيندا آھيون. پر ھتي جي ڪن سڪل مڇين مان اھڙي تہ تکي ڏپ نڪري ٿي جو ڄام تماچيءَ جھڙي ماڻھوءَ جو ٻہ دماغ توائي ڪري رکي.

○

ڪيترن دڪانن تي گرم مصالو ۽ خاص ڪري پينل ڳاڙھا مرچ ۽ سڄا پڙ نظر آيا. ڏور اوپر جي ملڪن ۾ هي ڪوريا ئي هڪ ملڪ آهي جتي ان قسم جو مصالو نظر اچي ٿو. ساڳي طرح آمريڪا پاسي ميڪسيڪو ملڪ ۾ ان قسم جا مصالا جام واپرائجن ٿا.

بازار جي چوواٽي تي هڪ همراھ اليڪٽرڪ هيٽر تي سڄيون سڄيون ڪڪڑيون پچائي رهيو هو. ان مان ايندڙ خوشبو اسانکي ياد ڏياريو تہ صبح کان بکئي پيٽ تي پيا هلون ــ بلڪ ان خوشبو بک ويتر وڌائي. مون سان گڏ ڪوئيٽا جو فيفٿ انجنيئر 5th-Engineer عبدالرحمان ڪاسي ۽ جونئر انجنيئر لائلپور جو پٽي هو. کين مون چيو:

"برادر چا خيال آهي. بک لڳي آهي يا نہ؟"

"زبردست." ٻنهي وراٽيو.

"پوءِ پلا گرم گرم ڪڪڑ، سلاد، ڊبل روٽي ۽ مکڻ وٽي پيٽ جي باھ جھڪي ڪريون ـ؟"

ڪاسي، جو اسان سيني ۾ مذهب جي معاملي ۾ پڪو آهي، تنهن چيو: "پلي وٽو پر آءٌ فقط سلاد ۽ ڊبل روٽي کائيندس. مون لاءِ هفتي جي بک کان پوءِ به ڪڪڑ حرام."

"ڏاڍي ٻڌائي." مون کيس تنگ ڪندي چيو.

"چئبو تہ مرغي حرام رهو حلال. پر مون تہ ٻڌو آهي تہ مفت جو شراب قاضيءَ کي به حلال هوندو آهي."

"نہ يار، جھڪي جو گوشت نہ کائڻ کپي." عبدالرحمان ڪاسي ڪجھ سنجيدو ٿي چوڻ لڳو.

پٽيءَ چيس: "چڏ يار. هوائي جهاز ۾ جڏهن ڪڊيز (اسپين هلون تڏهن ايئر هوسٽس جي هٿن جو تہ خنزير به کاڏو هئي. پوءِ

اھو ڇا مسلم کلب (Killed) ھو يا 'جن نہ پيتا ٿي لڙک سي تنھنجي ھٿن سان زھر پي ويا' وارو قصو سمجھڻ ڪپي."

"شراب ۽ سوئر جي ڀالھ مسلمان اڳيان نہ ڪر." ڪاسيءَ سخت ڪاوڙ مان پٽيءَ ڪي گھوري چيو ۽ ماڳھين چنائي جي وچ بازار ۾ خونريزي ٿي ٿي. پر معاملو چڱو جو چرچي ۾ بدلجي ويو جڏھن پٽيءَ، غالب جو لطيفو ٻڌايو تہ غالب چوندو ھو تہ ھو اڌ مسلمان آھي. شراب پيئي ٿو پر سوئر نٿو کائي. سو ان وانگر پاڻ ۾ ڪٽي ڪڙ ڪاڌي تہ ۽ اڌ مسلمان تہ رھندا سين، جو شراب نٿا پيون.

ھتي ڪوريا ۾ سماجي آزادي ۽ جنسيات حد درجي جي آھي. ايتري آزادي- ۽ ان قسم جي ۽ ان طرح جپان، سنگاپور، ھانگ ڪانگ ۽ امريڪا ۾ ۽ نہ آھي. ٿائلنڊ، ڪمبوڊيا ۽ انڊونيشيا وانگر ھتي Sex تہ جڻ ڪا ڀالھ ئي ناھي. ھزارن جي تعداد ۾ ڇوڪريون رستن تي، ھوٽلن ۾، مساج گھرن ۾، دڪانن ۾ سيلز گرلس جي روپ ۾، ڏارين جو گھيراءُ ڪندي نظر ايندیون. حڪومت ۽ سوسائٽي طرفان ڪلي آزادي آھي. (ان ڪري ھتي جي افسانن ۾ 'سماجي پت' جھڙي ڪا شيءِ نہ آھي). ان آزادي ۽ ڪمزوري جا ڪيترائي سبب آھن: مذھب يا سماج طرفان ڪابہ جھل پل نہ، سوسائٽيءَ جو ڪمزور جوڙجڪ، ڪٽيل رھائش، عورتن جي گھٽائي، مغربي ملڪن جي فئشن پٽيان انڌي تقليد، بيروزگاري وغيرہ. بھرحال اھي منھنجا ذاتي خيال آھن. ٿي سگھي ٿو ان کان علاوہ ٻيا بہ ڪي سبب ھجن يا انھن مان ڪوبہ نہ ھجي. يا بقول ھڪ ٻئي جھازيءَ جي:

"امريڪن، جنھن ملڪ ۾ پير رکيو ان جي پينگ کيائون. پوءِ چاھي ويٽنام ھجي، ڪمبوڊيا ھجي يا ٿائلنڊ. اھڙو ماحول پيدا

ڪيائون جو ان ملڪ جي مولن ۽ سوملن کي ڪير ب ملڻ ملائڻ کان روڪي نٿو سگھي. بلڪ ڏيساور کان آيل مسافرن، فوجين، جهازين يا ٽورسٽن سان ملڻ ڳالهائڻ ايترو فئشنيبل آهي جيترو اسان وٽ ڪنهن زماني ۾ انگريزن جي ڏينهن ۾ خاڪي ٽوپلو پائڻ هوندو هو. گرمي هجي يا سردي، بارش هجي يا مٽي پئي اڏامي، پر صاحب لوڪ بنجڻ لاءِ ٽوپلو مٿي تي هجڻ ضروري هوندو هو."

اسان جا جوان (يا جوان دليون رکندڙ پوڙها) جهازي جن کي جپان ۾ صبح شام جپاني جوڙن کي ڏسي اڪيلائي ۽ غريب الوطني جو احساس ٿيندو هو، سي هتي کوريا ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ عدد کورين ڇوڪريءَ سان هٿ هٿ ۾ ڏيئي هلي رهيا هئا.

○

ڏکڻ کوريا ۾ اڇڪلهه جيتوڻيڪ بقول اسان جي سنڌي اخبارن جي 'ڇتي جنگ' کانه هلي رهي آهي پر ان هوندي ب ملڪ ۾ جنگي حالتون ڇانيل آهن. رات جو ٻارهين بجي کان ڪرفيو لڳي ويي ٿو ۽ جيڪو جتي سو تتي سوگهو. وري صبح جو هلچل جي اجازت ٿئي ٿي. شهر ۾ ڪيترائي نوجوان فوجي، آرمي، نيوي ۽ گوريلا فوجي يونيفارم ۾ ڦرندا نظر ايندا.

هتي جپان جو ين Yen ۽ امريڪا جو ڊالر ئي مٽجي ملي ٿو، سو ب بئنڪ تان، يا سرڪاري مقرر ٽيل دڪانن تان. هتي جي سڪي جو نالو وان Won آهي. بئنڪ تان ڊالر جا چار سؤ وان ملن (يعني رپئي ۾ چاليهه ڪن وان ٿيا). شام جي وقت بئنڪ بند هئڻ ڪري مقرر دڪانن تان ڊالر جا ٽي سؤ پنجاهه کان ٽي سؤ اسي تائين وان ملن (پوءِ گراهڪ جتي ڪُسي). بئنڪن کان سواءِ

سرڪار طرفان کھڙا کھڙا دڪان پٽسو مٿي ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيل آھن، اھي ڪولڙ لاءِ ڪافي پڇا ءِ مغزماري جي ضرورت آھي. انگلنڊ جي پائونڊ ءِ جرمنيءَ جي مارڪ لاءِ تہ رڳو جواب ملي ٿو.

ھڪ ڏينھن اھڙو ڪو دڪان ڪونہ مليو جتان پٽسا متائجن. آخر ھڪ ٽي روم ہر لنگھي وياسين، حيدرآباد جي المشرق، جبيس، علي بابا ءِ سائينجيز ٽائيپ ھوٽلن کي ڪوريا ہر Tea-Room سڏين. ٽي روم ہر گھڙي ڪائونٽر وٽ بيٺل چوڪرين کي اشاري سان سمجھايوسين تہ ڊالر متائي ڪورين پٽسا وان ونڻا آھن. پر انھن جواب نہ ڏنو ءِ ماڳھين ائين پنٽي ھٽڻ ءِ ڊڇڻ لڳيون ڇڻ کي سي آءِ ڊي وارا سامھون ھجن.

اسان بہ ايترو پريشان ءِ مجبور ٿي چڪا ھئاسين جو مون نڪا ڪئي ھر نڪا تہ. ان ٽي روم جي ہمپ وٽ بيھي انگريزيءَ ہر Announcement ڪير تہ ڪو بندو پٽسا مٿي ڏيندو-؟ سپ چپ ھئا. ھڪ نوجوان اشارو ڪري پاڻ ڏي سڏيو ءِ آءُ ہين دوستن کي اتي بيھڻ لاءِ ترسائي ھن جي پرسان ويھي نوٽ متائڻ لڳس. ايتري ہر ھڪ ويٽريس چوڪريءَ کورين زبان ہر ھن جوان کي سمجھائڻ جي نوع ہر چينيڻ لڳي تہ اھو ڏوھہ جو ڪر آھي ڪٽي چاپو نہ لڳي. (سندس اندز مان اھو ئي مفھوم نڪتو ٿي) پر ھن نوجوان يڪدم ڪيسي مان Identity card ڪڍي ھن کي ڏيکاري ڏاڍي رعب سان ڪجھہ چيس ءِ ھوءَ ماڻ ڪري ھلي ويئي. ڪارڊ تي انگريزيءَ ہر سندس نالو ءِ ڏنڏو لکيل ھو پر آءُ يونيفارم ہر فوٽو ءِ Rank ڏسي سمجھي ويس تہ آرميءَ جو آفيسر آھي. بلڪ فوج جو راڄ آھي. ڪنھن جي مجال جو ڪڇي. دل ہر چير وڏي لئہ

آهي توهان جي. ڏوهه جي ڪم لاءِ به ڪو جهلي نٿو سگهي. بهرحال اسان غريبن جو ڪم ٿيو ۽ اسان اتي ئي ويهي چانهه ۽ ڪافيءَ جو آرڊر ڏنو.

هونءَ هتي جا فوجي به هين ڪيترن ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن جي فوجين وانگر پئسي ڏوکڙ جي معاملي ۾ غريب ۽ بکيا ٿي لڳا. هڪ ڪان سئنيما هال جو پچيوسين. ٻه چار گهٽيون ڇڏائي سئنيما وٽي آيو. چوڻ لڳو: "بيئر جي بوتل وٺي ڏيوم."

"چو خير ته آهي؟" اسان پڇيس.

"رستو جو مون ڏيکاريومانو."

آخر ڪيس ٻه سؤ وان (پنج رپيا ڪن) ڏيئي جان ڇڏائيسين.

○

هڪ دفعي پوسٽ آفيس ڏيکارڻ لاءِ هڪ ٻيو عام شهري ٽئڪسي ۾ پوسٽ آفيس وٽي آيو. همراهه چيوته ڪيس اسان واپسيءَ جو پاڙو ٻه ڏيون. ريڊيو آفيسر مون سان گڏ هو، سو ڪيس پيسا ڏيڻ لڳو، تيسين آءٌ ٽورو اڳتي وڌي پوسٽ آفيس ۾ گهڙيس. لفافا وٽي واپس آيس ته ساڳيو همراهه. چي ٽئڪسي جا پئسا ڏي.

"پئسا ته توکي مليا." مون چيومانس.

"نه تون ڏي." اچي بحث ۾ پيو. ڪيترا ڪوريا جا واندا چوڏاري تماشو ڏسڻ لڳا. راڻو هڪ لپاٽ جو ٻه نه هو پر وري چوڏاري ميڙ ڪي هن جو Reserved-Force سمجهي ۽ اهو ٻه سوچي ته هتي ڪهڙو جهانگير جو گهنڊ آهي جنهن کي لوڏڻ سان Instant انصاف ملندو، ڪيس سندس چوڻ مطابق چار سؤ وان ڏنم. جيتوڻيڪ ميٽر جي حساب سان پاڙو سؤ وان ٿي ٿيو ۽ اوٺ موٺ

جا ٻہ سؤ. چپ چاپ پٽسا ڏيئي سخت نفرت ۽ بيزاريءَ مان اوسي پاسي گڏ ٽيل ماٿھن ڏي نھاريم تہ کھڙي بکئي ملک ۾ اچي نڪتا آھيون. پر ڏٺم تہ منھنجي اکيان جيکي ماٿھو بيٺا ھٿا تن جي چھري تي شرم ۽ احساس جرم بکي رھيو ھو، جيتوٽيڪ ان ۾ ھن جو سڌو سنئون کو ڏوھ ڪونہ ھو. ھن مون کان شايد معافي وٺڻ چاھي ٿي پر زبان مسٽلو ھئي. آخر ھک ھمراہ وڌيو. عمر ٽيھ ٻٽيھ سال ڪن ھوندس. پڙھيل ڳڙھيل ٿي لڳو. ميڊيڪل اسٽور جو مالک ھو.

"ايڪسڪيوز مي، سر." چئي، مونکي پڳل ٽنل انگريزيءَ ۾ سمجھائڻ لڳو تہ سائين ڪوريا بابت خراب اثر نہ وٺجو. ھن لوفر توھان جي ذھن ۾ پک ڪوريا بابت غلط Image ويھاريا ھوندا. پر ڏسو نہ سائين، ڪوريا جا سڀ ماٿھو اھڙا ڪونہ آھن. ھن قسم جا چند، ملک جو نالو بدنام ڪرڻ وارا ڪيترن ئي ملکن ۾ ھوندا. افسوس جو ڪوريا پڻ انھن کان پاڪ نہ آھي. توھان جي چاھيو تہ اسان توھان کي پٽسا پري ڏيون، توھان سان ڏاڍائي ٿي آھي. ڏسو نہ سائين، ڪوريا..."

ھو ڪنڌ جھڪائي چوندو رھيو. منھنجي سچ تہ سچي ڪاوڙ ڪافور ٿي وئي ۽ سوچڻ لڳس تہ جنھن ملک ۾ جتي ھک ٻہ ڦورو آھن، اتي ھن ميڊيڪل اسٽور جي مالک جھڙن عظيم انسانن جي ٻہ ڪوٽ نہ آھي. مون ڪيس دلجاءِ ڏني تہ آءٌ چگي طرح سمجھان ۽ محسوس ڪريان تہ ۽ اھو ھک مثال ڪوريا بابت مونکي غلط سوچڻ لاءِ مجبور نٿو ڪري سگھي. ٻاھر نڪتس تہ ريڊيو آفيسر الڳ ان ھمراھ تي ڪاوڙيو ٻيٺو ھو جو ڪائنس پڻ چار سؤ وان وٺي چڪو ھو.

O

... ٽڪل ۽ ٽڪل

دريءَ جو پڙدو ريڑهي اسلم چيو: "سامهون ڏس تہ جبل ڪيڏا سهڻا پيا لڳن. ساوڪ ئي ساوڪ. ليوڏو راند جي نانگن وانگر ور کائيندڙ پيچرا، ننڍڙا ننڍڙا گهر ۽ ٻڌن جا پگوڏا. جابلو ڍڳا ۽ خچر. جبل جي چوٽين سان ٻگالهيون ڪندڙ ڪارا ڪکر. ڇا تہ نظارو آهي. اٽ تہ هلون."

ڪوريا جي هن بندرگاهہ ۾ ايندي وقت هتي جي جابلو علائقي مونکي ۾ بہ ڏاڍو متاثر ڪيو هو. جهاز جي ڊيڪ تي بيهي ڪيتري دير تائين جبل تي ٺهيل 'هارٽ اٽئڪ' جي ڪارڊيوگرام جهڙا ور وکڙ ڏسندو رهيو هوس، جي رستا ڪٽي ڪٽي ٽرگناميٽري جي Sine-curve جيان وٽ کائي ساوڪ ۾ لڪي ويا ٿي. ساڃي پاسي ماٽريءَ ۾ سمنڊ جي ڪناري تي ڪيترائي ڪورين نوجوان ۽ پوڙها جوڙا ۽ اڪيليون ڇوڪريون هوا خوري ڪري رهيون هيون. جهاز جي هيٺين ڊيڪ تان ڪن خوش مزاج خلاصين ڇوڪرين جو ڏيان ڇڪائڻ لاءِ سيٽيون وڄائي هٿ لوڏيا، جنهن جي ورندي ۾ هن بہ جهڪي هٿ لوڏيا. هو سڀ سامهون بيچ Beach طرف پکنڪ يا ترڻ لاءِ ويجي رهيون هيون. ان وقت اسلم منهنجي ٻرسان بيٺو هو. ڪيس چيو هوم تہ ڪنهن ڏينهن فرصت ملي تہ پاڻ بہ پکنڪ لاءِ ايڏانهن هلنداسين ۽ سمنڊ بہ ڪنداسين. پر اڄ کو بهانو ڪري جند ڇڏائڻ ٿي چاهيم. ڪمري جي ايئرڪنڊيشنر جو سئچ وڌيڪ

ٽڏ تي دہائيندي چيومانس: "نہ يار. اڄ گرمي تمام گھٽي آهي."

"ڪمال آهي،" هن مرڪندي چيو، "تون ته شايد اهو ٿو سمجهين ته سائنس ايڏي ترقي ڪئي آهي جو دوزخ ۾ ايئرڪنڈيشنڊ ٿي ويو هوندو. سڄي عمر سنڈ جي لڪن ۽ جهولن ۾ گذاريئي ۽ هاڻ توکي ڪوريا جي هيءَ وٽندڙ رُت ۾ گرم ٿي لڳي..."

"بس يار. هاڻ وڌيڪ ذليل نہ ڪر. شام جو پڪ پڪنڪ تي هلنداسين."

ٿي بجي وري اسلم آيو، "تيار-؟"

"ها تيار. پر ترس ڪجهہ سئنڈوچ ڪائي هلون. متان بک جو پوت ستائي."

رڌڻي ۾ گھڙيس ته ڪُٻڻ خالد هڪ هٿ ۾ بيضن جو سئنڈوچ ۽ ٻئي ۾ ماکيءَ ۾ ٻڌل صوف جهلي جلدي جلدي کائي رهيو هو. ڪيس ڪاري رنگ جي بيل باٽمڊ پتلون پيل هئي ۽ آر جي ڪر سان ٺهيل وڏن ڪالرن واري اڇي جپاني قميص. ڳچيءَ ۾ ڳاڙهو رومال- جيتوٽيڪ ڪيسي ڪترڻ واري جي نشاني پر هي اسان جو شهزادو سن گلاسز سان گڏ پلي بواءِ لڳي رهيو هو. چيومانس ته اسان سان گڏ پڪنڪ تي هل.

"نہ پائو آئون ته بزي آهيان. ٿوري خريداري ڪرڻي اٿر. ان بعد اڄ منهنجي Date آهي،" هن ٽيڪ اترادي لهجي ۾ وراٽيو "لالا، هڪ زبردست قسم جي حسين، مانٽو ڪورين چوڪريءَ سان ڊيٽ آهي." خالد سکر پاسي جو آهي ۽ سال ڏيڍ ٿيو اٽس جو جهاز تي آيو آهي.

مون ٻنهي هٿن کي مٿي جهلي رڌڻي جي ڇت ڏي ائين ڏنو جڻ

ڇت ڪرڻ واري آھي. يعني اڳلي ڪوڙ ڳالھايو آھي. پوءِ ڏکھو ساھ کڻي، سندس ڪپڙن مان ايندڙ ارامس عطر جي خوشبوءِ سونگھي ٽوڪ طور شيخ اياز جو شعر پڙھيو:

"مون ھرکي پنھنجو پانڌ ڏنو،
رَت آئي ڳاڙھن ٻيرن جي."

"ائين ڇا، خالد-؟"

"ڇو پائو، اسان غريبن کي ٽوکيو ٿا-؟"

"نہ لالا. تو جھڙا غريب تہ جيکر سپ ٿين. آئون رڳو اھو معلوم ڪرڻ چاھيان ٿو تہ 'ڪنھن الاپي ٻيروري اڄ ھيءَ سنجھي ويل-؟"

خالد بہ دلچسپ موڊ ۾ ھو. منھنجي ڪلھي تي ھٿ رکي رازدارانہ انداز ۾ چوڻ لڳو: "بس يار ائين سمجھہ تہ ھڪ ھوءَ ڪُتل تہ ھڪ آءٌ ڪُتل. ڪالھہ پگھار بہ ملیو تہ ھوءَ بہ ملي. ملاقات تي سمجھوسين تہ ڪو سالن ڪان اسان جي ڏيٺ ويٺ ھجي ۽ ھڪ ٻئي جو انتظار ٻئي ڪيوسين. ھونءَ ڪا خراب ڇوڪري نہ سمجھجانءِ. ايان تہ بالغ ٿي ھاڻ ٿي آھي. ھونءَ سستي قسم جي ميڪ اپ ۽ V.D واريون ڇوڪريون تہ مکين ڪان بہ گھٽيون آھن ھتي، پر ھن اڄ ڏينھن تائين ڪنھن مرد کي ھٿ بہ نہ ڏنو آھي. ڏاڍي شرم واري ۽ حيا..."

مون انھيءَ دوران وري پٽنٽري (رڌڻي) جي سنھي ڪاٺ جي ڇت کي ڏنو ۽ اتفاق سان ھڪ پيچ الڙي رھيو ھو، تنھن کي ھٿ سان ڪشي ڇڏيم. خالد کي منھنجي ان حرڪت تي ڏاڍي چڙ آئي ۽ وڌيڪ تعريف اڏ ۾ بند ڪري ٻاھر نڪري ويو.

آئون اسلم سان گڏ هيٺ لٿس. کوريا جي هن بندرگاھ جو رستو سمنڊ جي کپر سان گڏ وهي ٿو. جيئن روهڙي ۽ سکر وٽ رستي جو ڪجھ حصو درياءَ سان گڏ آهي. اسان جي جهاز کان اڌ فرلانگ پري، ان رستي وٽ ئي، اونهو سمنڊ يڪدم تانگهو ٿيو وڃي. اتي تنبن هيٺ نندڙا چانھ پاڻيءَ جا ھٽڙا ۽ هوٽلون آهن. نظارو سئنڊس پٽ يا منهوڙي جي ساموندي ڪناري جهڙو آهي. ڪي ماڻهو پٽرائين ڪناري تي ليٽيل نظر ايندا تہ ڪي ترڻ ۾ مشغول. ڪي سڀا تارو اسان جي جهاز وٽ، اونهي پاڻي ۾ پڻ اچي نڪتا ٿي.

"ڪيڏانهن هلون."

"هلو تہ Beach تي هلون." اسلم سامهون ڪناري ڏي اشارو ڪندي چيو ۽ اسين سمنڊ جو ڪنارو ڏيئي اڀتي تانگهي پاڻي ڏي وڌڻ لڳاسين. اسان جي اڳيان ۽ ڪورين ڇوڪريون پڻ اوڏانهن وڃي رهيون هيون ۽ اسان جي وچ ۾ پنج آٺ قدمن جو مفاصلو مس ٿيندو- (يا شايد اسان ڇاڻي واڻي تکو هلي مفاصلو ايتري تي وڃي پهچايو هو.)

ڪڏهن انسان جو اندر اڌنگين خواهشن خاطر عجيب حرڪتون ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندو آهي پر ٻاهران ڏيکاءَ لاءِ پنهنجي شرافت جي ٽريڊ مارڪ قائم رکندو آهي. ٻاهران زبان سان تہ خبر ناهي ڪهڙي فلسفي جون ڳالهيون ڪندا وياسين پر دل ٻڌائي رهي هئي تہ اهڙن موقعن تي خوبصورت ڇوڪريون نظارن ۽ ماحول کي وڌيڪ ئي خوبصورت بنائين ٿيون. اسلم بدران انهن ڇوڪرين مان هڪ مون سان گڏ هجي ها ۽ ٻي اسلم سان- هڪ چاهُ! شايد وحشي چاهه- چئي نٽو سگهان)- جو گهٽو وقت سمنڊ تي، امن

جي وقت باربر تي ۽ چانھ جي باغن ۾ اکيلو رھڻ ڪري پيدا ٿيندو آھي.

ڇوڪريون ٻئي خوبصورت ھيون. (يا شايد اسان کي لڳي رھيون ھيون. بلڪ مون کي لڳي رھيون ھيون. اسلم جي دل جي مون کي کڻڻي خبر.) ھڪ کي ھٿ ۾ ڇٽي ھئي. نيراني ھير جھڙيون ڪومل. استاد بخاري ۽ رتن آڏتاڻيءَ جي گيتن جيان مدرتا سان پُر ۽ مادرن. تعريف ڪندي زبان ٿي سڪي. ڪھڙي ڳالھ ڪجي سندن فگر جي. (ھڪ غير جانبدارانہ راءِ).

اسلم کان پڇيم: "ڪڏھن ڪنھن ڇوڪريءَ جي ڪِد لڳو آھين." ھو شرمائڻ لڳو.

"اڙي تون تہ بنھ ڪنواري ڇوڪريءَ وانگر شرمائي رھيو آھين. مضبوط ڪردار يا شرافت جو،" مون ڪيس سمجھائيندي چيو، "پنھنجو ڪوبہ جدا وجود ڪونھي. اھو فقط ڇاڻندڙ-سڃاڻندڙ نظرن جو قيدآھي. جنھن ۾ انسان ڦاٽو رھي ٿو. جھاز پري رھجي ويو آھي. ڪير ڪونہ پيو ڏسي ۽ ھونءَ بہ ڳالھائڻ ۾ ڇا آھي."

ٿوري بوند بوند اتي وٺي تہ اسلم ڪي بہ ڇڪي ڇوڪرين جي ڇٽيءَ ھيٺيان وجي ٽپاسين. جنھن جي شايد ھن بہ اميد رکي ٿي. پر جلدي صاحبزاديءَ ڇٽي بند ڪري ڇڏي ۽ پاڻ بہ مينھن ۾ پسڻ لڳيون. بقول وتائي فقير جي "مٿو سھسايون ٿي پر ڏڻو نہ" اسان کي پنھنجي ھلڪڙائي ۽ ٽرڙپائي تي افسوس ٿيو تہ اڻن ڇو ڪيوسين. پر جيئن تہ ڇاڻندڙ سڃاڻندڙ نظرن کان پري ھئاسين ان ڪري اھو احساس گھٽي دير نہ رھيو.

بيچ تي پھچڻ سان ھو اڇتي وڏي ويون ۽ اسان ڪڇونءَ واري

چال هلندا، رستي تي فٽنتا پي هڪ نندڙي ٽکريءَ جي پوئين پاسي وڃڻ لڳاسين. رستي تي سڀ ٻار ٻچا، ننڍا وڏا، اسان کي چتائي ڏسڻ لڳا تہ هي ڏاريان ڪتي جا آهن. ننڍا ٻار "هيلو هيلو" چئي ڪيڪارڻ لڳا. هڪ ٻن پوڙهن، جن جو تعلق اڄ جي نوجوانن وانگر امريڪن سان نہ پر جپانين سان هو، سي جپاني زبان ۾ "ڪونيچيوا' چئي ڪيڪارڻ لڳا. اسان سيني کي پٽيان چڏي ان ٽکريءَ جي ٻي پاسي کان ڦري، هڪ وڏي پٿر وٽ ڪاٺ جي رکيل بينچ تي ويهي، سمنڊ ۾ ترندڙ ٻارن ۽ ٻيڙين کي ڏسڻ لڳاسين. ان جبل جي هيٺان لاهيءَ تي پيرن وٽ ڏسون تہ اهي ٻئي رستي واريون ساڳيون ڇوڪريون ويٺيون آهن. هو شايد ٽکريءَ جي ٻئي پاسي کان ڦري اسان کان اڳ، اتفاق سان، اتي اچي ويٺيون هيون (بس جيئن پاڪستاني ۽ هندستاني فلمن ۾ ٿيندو آهي يا اڇکلهہ جيئن رضيہ بٽ، سلمٰي ڪنول اينڊ ڪمپني جي يوٽوپين قسر جي ناولن ۾ ٿيندو آهي.)

"هيلو! واٽ نيمر-؟ اناتانو نومائي وا نان ڊيسڪا؟" مون ڪائن انگريزي ۽ جپاني زبان ۾ نالو پڇيو. (مون کي سندن امتحان جو فارم يا شناختي ڪارڊ پرٽو ڪونہ هو ۽ نہ معلوم ڪري پنهنجي نالیج وڌائڻي هئي. بس ڳالهائڻ خاطر- اميد تہ معزز پڙهندڙ اڳيئي سمجهي ويا هوندا. ان ڪري چپي چپي تي سمجهو پڙهندڙن کي سمجهائڻ وڌيڪ منجهائڻ برابر آهي.)

اهو سوال هڪ دفعو پڇيو ويو. بلڪ مٽان هيٺ اڇليو ويو. ٻيو دفعو پڇيو ويو. ان بعد اسلم پڇين پر مجال جو جواب ملي- ڪراچي جي پبلڪ ٽيليفونن وانگر ماٺ. يا شايد جپاني ڇوڪرين

وانگر. مادري زبان کان سواءِ مري پون نئين ماٺھوءَ سان ھڪدم نہ ڳالھائين. ڪوريا ايندي ڪجھ ڪورين زبان سکڻ جو خيال ڏيکاريو ھوم تہ روم ميٽ (جيڪو ڪوريا مان ڪٿين دفعا ٿي آيو آھي) تنھن ڪورين زبان سکڻ جي تڪليف کان جھليندي، ڪيسي مان ڏھن ڊالرن جو ھڪ ڪڙڪ نوٽ ڪڍي منھنجي اکين اڳيان نچائيندي چيو ھٿائين:

"ڪوريا ۾ ھيءَ زبان ھلندي آھي."

اسلم ۽ آءٌ ڦڪا ٿي ماڻ ڪري ويھي رھياسين. ھن ڇوڪرين ڳالھ ڦيري پٽيان بہ نہ نھاريو ۽ اسان شڪست جي احساس ھيٺ پيڙبا رھياسين. اسلم چوڻ لڳو: "دراصل ڇوڪرين سان ڳالھائڻ بہ ھڪ آرٽ آھي. اھو آرٽ پاڻ سکڻ بدران غير رومانوي ڪاليجن ۽ اڪيڈمين جي ٽوس ۽ پٽرائن رستن تي پريڊ جي سکيا ونندي عمر گذاري ڇڏي..."

اسلم کي پھاڄ عورت وانگر ائين سور سليندو ڏسي مون کان کل نڪري ويئي. ان ٿي وقت اسان جي اڳيان، ھيٺ ويٺل ھن ڪورين ڇوڪرين پاڻ ۾ سَس پُس ڪري ھڪ ٻئي کي ڳالھائڻ لاءِ ٽيلھا ڏنا. آخر ھڪ اسان ڏي مڙي انگريزيءَ ۾ جملو ٺاھي آھستي چيو:

"يوئر نيم مس ھانگ - پانگ - نام..."

"اڙي Your نہ پر My چئ، چريا مس مس کو جملو ڳالھائي سو بہ غلط." اسلم درستي ڪندي کين اھڙو چينيپيو جو ھو گھبرائجي ويون ۽ وڌيڪ انگريزي ۾ ڪجھ چوڻ بدران ڪورين ٻوليءَ ۾ پيڃڻ لڳيون- شايد اسان جو نالو، ملڪ، ڏنڏو ڏاڙي

وغيره، پر 'زبان يار من ترکي نمي دانم نمي دانم' وارو قصو هو. اسان کين کجھ جواب ڏيڻ بدران کلڻ لڳاسين، تہ اتي ہيءَ مڙي چيو: Get-out.

اسلم پٽر ڏيکاري چيس: "وچ ڙي! وڏي آئي آهي گيٽ آئوٽ چوڻ واري." پوءِ مون کي منع کرڻ لڳو تہ هن سان هاڻ کابہ ڳالهہ نہ کجانءِ. اجايو متي تي ٽيون چڙهن. ورندو کجھ بہ نہ.

دل ۾ چيم "نهيل کم ئي ڪٿائي ڇڏئي. عاشقيءَ جي تاريخ ۾ ڪنهن بہ عاشق صاحب پاڻ وانگر عشق نہ فرمايو. متي تي هو چڙهيل آهن يا پاڻ-؟" پر ہاهران کيس چوڻ جي غلطي نہ کيم جو سڀ کان وڏي اها غلطي کري وينو هوس جو اسلم جهڙو چسو ءِ غلط ماڻهو ههڙي موقعي تي ساڻ آڻڻ جو ڪاڏو هوم.

ٿوري دير بعد هو گڏجي کورين راڳ جهونگارڻ لڳيون ءِ آءٌ ڪنڌ هيٺ کري سنهو گاهہ بہ پٽيندو رهيس تہ اسلم جا دستور موجب ليڪچر ءِ نصيحتون بہ ٻڌندو رهيس. عنوان ساڳيا ڳٽل پيٽل هئا جن تي هو ڳالهائي رهيو هو- شايد سڀائي ءِ خرابي، سچ ءِ کوڙ، گناهہ ءِ ثواب، غلط ءِ صحيح ڳالهين بابت- پر ان وقت چوکرين جي اسکرٽن ءِ انگين ۾ وچڙيل ءِ اوچڙيل منهنجو ڌهن، اسلم جي انهن نيڪ ڳالهين سمجهڻ کان بلکل پڙ کڏي ٻينو رهيو. آءٌ سوچڻ لڳس تہ 'هيڏي وڏي شهر ءِ ڪناري تي پهچڻ بعد بہ کيڏي تنهائي ءِ اڪيلاپ محسوس ٿي رهي آهي ءِ آئون کيڏو جنسي طرح بکايل محسوس کري رهيو آهيان. ڪنهن اجايل سڀ جيان برسات جي هڪ بوند لاءِ واجهائي رهيو آهيان.'

اسلم کي چيم تہ گهٽو ئي ٽيو. اٽ تہ شهر هلون. اڄ آخري

رات آهي. سيان جهاز هتان لنگر کڻندو. اٺ وقت ٻنهي کورين ڇوکرين هٿ لوڏي ڇپاڻي زبان ۾ سايونارا چيو. اسلم کي چيم: "ٺهيو واٽئي ڳڙ کڻي نہ ڏنو پر ڳڙ جهڙي مٺي ڳالهہ تہ کئي."

ٿورو اڳتي هلي پکي رستي تي اچي بس ۾ چڙهياسين. بس ۾ چوڏاري عورتون ۽ ڇوکريون ويٺيو هيون. (مرد بہ هڪا پر انهن جو ذکر غير ضروري سمجهان ٿو، پنهنجي لاءِ بہ تہ پڙهندڙن لاءِ بہ- جيکي خبر ناهي کهڙيون اميدون رکيو ويٺا هوندا.) اسلم بس جي اڳين بينچن مان هڪ تي وڃي ويٺو ۽ ويهڻ سان پنهنجو فلسفو پاڙي وارن کي ٻڌائڻ لڳو. کيتريون ئي خالي سيٽون پٺ هيون پر آئون هڪ اڌيڙ قسم جي عورت جي ڀرسان خالي جڳهہ تي وڃي ويٺس، سندس مسڪراهٽ ڈيڻ کري ٻہ. کافي دير چپ چاپ ويٺا رهياسين. هڪ هنڌ بس جي لوڏن تي اسان جا گوڏا هڪ ٻئي سان گسڻ لڳا. (بلڪ بس جي لوڏن کان وڌيڪ ان ۾ منهنجي ميري من جو حصو گهٽو هو، شايد.) هن کجهہ کونہ کڇيو. ڇا سمجهان-؟ چور جي همٿ وڌي. پنهنجو هٿ سندس هٿ ڀرسان رکيم. هن جلدي ۾ پنهنجو هٿ پري کري ورتو. منهنجي ڇهين حواس مون کي خطري جو ڇتاءُ ڏنو. مان چپ چاپ شريف ماڻهو بڻجي ويهي رهيس ۽ منهنجو دوست اسلم تہ ويهڻ سان ڀر وارن کي شرافت جون ڳالهيون ٻڌائي متاثر کري رهيو هو.

وچ شهر ۾ پهچڻ تي بس مان لهي پياسين ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڦرندا رهياسين. ٻيا بہ کيترا جهازي شهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن رلي رهيا هئا. هڪ دکان اڳيان جهاز جو ٻندارِي (بورچي) هڪ حسين ڇوکريءَ سان گڏ نظر آيو. سج لهي چکو هو پر ايڏا ڏوري روشني

ھئي. ھڪ ٻن ھتي جي ڪورين ھمراھن ڪلھو ھٿي صاف انگريزيءَ ۾ ڳجھي طرح پڇيو تہ "ڪجھ ڪپي؟" ھو ھن شھر جا دلال ھئا. مون کين اک ۾ رکندي في الحال اسلر جي دل رکڻ لاءِ نہ ڪئي، جو سڄي جھاز تي اسلر ئي ھڪ ساک پريو انسان آھي. اسلر Shopping جي موڊ ۾ ھو. ڪيس چيم تہ خريداري ڪري وڃ ان بعد توکي واپس وڃڻ لاءِ بس ۾ ويھاري ڇڏيندس. تون جھاز تي ھليو وڃجانءِ. آءٌ دير سان ايندس. جي ان کان اڳ ھتي دستور موجب ڪرفيو لڳي ويو تہ رات ھن ھوٽل ۾ گذاري صبح جو جھاز تي ايندس.

ھڪ وڏي ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾ گھڙياسين. اسلر ان جي در وٽ ھڪ ڪائونٽر تي ڊالر ڏيئي ڪوريا جا پئسا متائڻ لڳو. تيسين آءٌ اڳين ٽن چئن استالن تي رکيل شين کي درگذر ڪري، انھن اڳيان بيٺل ڇوڪرين کي X-Ray نگاھن سان ڏسندو ڪنڌ واري استال تي فوتو، ويو ڪارڊ، ۽ ھٿ جا ٺھيل راندیڪا ڏسڻ لڳس. نندڙي قد واري ڇوڪريءَ بيباڪ نموني سان 'ھيلو' ڪئي. سڄي اسٽور ۾ اھائي سڊول جسم واري ھئي. ھن ٻيا ٻہ رنگين ڪارڊ اڳيان وڌايا آءٌ سندس توانو ۽ سيڪسي جسم کي ئي تڪيندو رھيس.

ڪجھ دير اڳ نظر آيل بورچي ۽ ساٿس گڏ بيٺل ڇوڪري وري ڏيان ۾ آيا. ھن ڪائونٽر واري ڇوڪريءَ جھڙي ئي سھڻي ھئي. پڪ ڪنھن دڪان يا ھوٽل تان ڪنئي ھوندائين. رستي تي ھلندڙ ۽ اڏن تي ويٺل تہ ائين ئي آھن. ڇا ياد ڪندو ينڌاري ٻہ. ۽ ڇا آءٌ ٻہ ياد ڪندس! گھٽ ۾ گھٽ سياڻي Sailing وقت ڪنڊ خالد سان ساڳي عنوان تي مزي سان ڳالھائي سگھندس. حسرت

سان فقط ھن جون ڳالھيون نہ ٻڌندس.

ڪيتري تہ پياري آھي ھيءَ. سندس جسر کي وري گھوريم. "انگ انگ ۾ ڇا تہ آڳ اٿس. يا ڪٿي منھنجي آڳ مون کي ساڙي رھي آھي." چرين وانگر ھڪ دفعو وري ڪاوڙن تان اکيون ڪٽي ڇوڪريءَ جي ايامندڙ سيني کي ڏسان ٿو... سوچون ۽ وحشي خواھشون ڇرن وانگر دماغ جي ميڇالي کي چنبڙڻ لڳن ٿيون. وحشي خواھشون ؟ ٿي سگھي ٿو خواھشون وحشي نہ ۾ Sexy ٿيندیون ھجن. سيڪس خراب آھي يا سٺو- ڪجھ نٿو چئي سگھان. سخت منجھيل آھيان. سڪيس ضروري آھي، ڪاڏي پيتي وانگر- اھو ھن وقت في الحال خاطريءَ سان چئي سگھان ٿو. يڪا سارا چار مھينا سمنڊ تي رھڻ بعد!

ڪورين ڇوڪريءَ کي آءٔ ائين ڏسان ٿو، جيئن بکايل ڪانگ ٻار جي ھٿ ۾ گيھ ٻڌل مانيءَ ڇيو ڏسي تکي. ھوءَ اڇتي ٿورو وڌي مون سان لڳي بيھي ٿي. منھنجي ھمت وڌي ٿي. خواب ئي سھي پر محسوس ڪريان ٿو تہ ڪجھ ٿيڻ وارو آھي. خاموشي کي ختم ڪرڻ لاءِ "تنھنجو نالو ڇا آھي ؟" اھو ئي جملو منھنجي وات مان نڪري ٿو ۽ پڇانس ٿو.

"منھنجو نالو ميومي آھي، جنھن جي معنيٰ ساوڪدار وڻ. ۽ تنھنجو نالو- ؟"

"شريف- يعني نالو شريف آھي، جنھن جي معنيٰ ڪجھ بہ نہ." آءٔ بيزاريءَ مان وراڻيان ٿو. (ضمير ملامت ڪري ٿو، پر منھنجو ڏوھ ناھي. مائٽن غلط نالو رکيو.)

"انڊين آھين -؟" ھوءَ پڇي ٿي.

"بس ائين ئي سمجهه ته ڪوريا جهڙي، ايشيا جي هڪ ٻئي مسڪين ملڪ جو رهاڪو آهيان."

ان بعد "تنهنجو گهر ڪٽي آهي، پگهار گهٽو آهي..." ۽ ٻيون هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون- جي مقصد واري ڳالهه تي پهچڻ کان اڳ ڪيون آهن.

"دڪان ڪڏهن بند ٿيندو- ؟"

"ڏهين بجي. پر آءُ تو کان نائين بجي ئي موڪل ونديس پر توکي ڪلاڪ بعد مون کي ڇڏڻو پوندو."

اسلم خريداري ڪري ويجهو اچي ٽيو هو. اسلم کان لڪي، ساڻس هٿ ملائي في الحال موڪلايو. ان وقت اڃا اٺ ٽيا هئا. ڊپارٽمينٽل اسٽور کان ٻاهر نڪري اسلم سان هيڏانهن هوڏانهن ڦري وقت گذارڻ ۽ سندس پٽسا جلد ختر ڪرائي کيس واپس جهاز تي موڪلڻ جا ستل سٽڻ لڳس. اسلم هڪ اڏ ڳري شاپنگ ڪئي ۽ آندل پٽسن جي آنگ لاٽائين. کيس ٽئڪسيءَ جو پاڙو ٽي سو وان ۾ في الحال مون ڏنو ۽ روانو ٽيو.

واڇ ۾ ڏنو. اڃا ۾ نون ۾ ويهه منٽ هئا. ڦري گهري وري ان ساڳي چوڪريءَ وٽ وڃي بيٺس جيئن سڪٽا ٻار چلهه اڳيان ديڳڙي لهڻ جي انتظار ۾ اکيون هٽي ويهندا آهن. هڪ پنجاهه سالن جي وٽ جو همراهه ان وقت سندس ڪائونٽر وٽ بيٺو هو. ميوميءَ تعارف ڪرايو ته سندس ٻيءَ آهي. اهو ٻڌي منهنجي ڪاڪ محل جا بنياد لڏڻ لڳا. هڪ اٽڃاڻ خوف- ڪنهن سڌ پوري نه ٽيڻ جو، ذهن جي ڳڙڪين مان ليٽا پائي ڊيڄارڻ لڳو ۽ پنهنجو پاڻ کي ملامت ڪرڻ لڳس. اسلم کي ۾ بچڙو ٽي واپس موڪليو ۽ هو جهاز تي

اڪيلو بور ٿي رهيو هوندو. شام جو ڪورين همراھ رستي تي مليا هئا. انهن 'سونهن' کي به هٿان وڃايم. ڪرفيو لڳڻ ۾ باقي ٻه ڪلاڪ. بکايل ڪتي وانگر هاڻ ڪٽي نوس نوس ڪرٽي پوندي. نہ چاهيندي به تڪلف خاطر ميوميءَ جي پيءُ سان ڳالهائڻ لڳس. انگريزي کونہ ٿي سمجهيائين. جڀاني (نهان گو وڪاري ماس) سمجهيائين ٿي. سندس ڏنڏو ڏاڙي معلوم ڪرڻ لاءِ پڇيومانس:

"انا تانو اوشي گوتوا نان ڏيسڪا؟"

"ڪجھ به نہ-!"

اتي ميوميءَ نفرت مان انگريزيءَ ۾ ٻڌايو تہ هن جو پيءُ ڏکڻ اوپر ايشيا جي انهن ٿوٽي مردن مان آهي جيڪي سڄو ڏينهن رڳو حقو ويهي پيئن ۽ عورتن جي ڪمائي تي پاڙين.

ميوميءَ کان پڇيم تہ پوءِ پلا پروگرام ڪو يا ڪنسل؟

"ڪو. پر پٽسا منهنجي پيءُ کي هينئر ڏي."

"۽ ڏهين کان پوءِ هوٽل تي نہ ترسنديس."

"ڇو پلا."

"بزي آهيان."

ضد ڪرڻ بهتر نہ سمجهيم، جو سڄو ڏينهن دڪان تي ڏيوٽي ڏيڻ واري لاءِ ڏهين ڪانپوءِ گهر وڃڻ ضروري آهي. وقت وڃائڻ بدران مون 'اڄ جا اڳھ' واري ڪالم تي معلومات ولي سندس پيءُ جي هٿ تي پٽسا رکيا.

نَوَن ۾ ايا پنج منٽ هئا. خوشيءَ ۾ ٻهڪي رهيو هوس، جڻ ڪنهن بکئي کي ڏينهن بعد يڪو ڇڻ وقتن جو ڪاڏو ملي وڃي. جڻ ڪنهن قيديءَ کي آزادي ملي وڃي. آءُ بيپرواھ بادشاھ وانگر

استور ۾ ميومي جي استال اڳيان چھل قدمي ڪرڻ لڳس. ھاڻ مونکي ھن ڪاڪ محل جو طلسم سمجھ ۾ اچي ويو ھو.

ميوميءَ جو ٻيءُ ڪنڌ ۾ وائڙن وانگر ھڪ ديسي ردي سگريٽ دکائي رھيو ھو. ايتري ۾ سامھون رستي جي پرئين پر ڪٻٽ خالد تي نظر پئي. ھو رستو ٽپي ھيڏانھن اچي رھيو ھو. مون ۾ اھو ئي چاھيو ٿي تہ جيڪر ھو ھيڏانھن مون ڏي اچي تہ ڪيس ھيءَ حور ڏيکاريان. جنھن جي بقول امداد حسينيءَ جي، جڳمڳ جڳمڳ جسم ڪان اڳتي واقعي 'اوٽنھين جي اونداھيءَ' آھي. خالد منھنجو گھاٽو دوست آھي. جيتوٽيڪ عھدي ۾ننڍ وڏائي آھي پر ڊيوٽي بعد ھڪ ٻئي سان ڪو تفاوت نہ رکندا آھيون. ھو رستو اڪري ڊپارٽمينٽل استور ۾ ئي آيو پئي. دروازي واري ڪائونٽر وٽ بيٺل چوڪريءَ سان کيچل ڪندو پنھنجن ئي خيالن ۾ مون طرف وڏيو. اوچتو مون تي نظر پيس تہ وائڙو ٿي پچڑ لڳو

"اڙي راجا! ھتي ڪٿي."

"بس يار جنت، جھنم ۽ ھن بناوٽي دنيا جي ٽواڻي تي. تون ڪر خبر. ڪٿي آھي تنھنجي پري پيڪر. ملئينس؟"

"نہ. ھاڻ تہ ملڻ لاءِ واندو ٿيو آھيان. ھونئن ٻہ دير سان ملڻ جو پروگرام آھي. ڏھين ڪانپوءِ جوانن جون راتيون جوان ٿيندیون آھن." ھن پنھنجو ڳاڙھو اسڪارف ناھيندي اک ڇيڪي چيو. مون ٻہ ٽھڪ ڏيئي (تمام وڏو) ھٿ ملائيندي وري پڇيو:

"ڪٿي آھي تنھنجي ڊيٽ؟ ٻلا يارن ڪي ٻہ نہ ڏيکارينديں ڇا-؟"

"يارن سان تہ سر لڳن. دوستن ڪان اڄ ڏينھن تائين ڪا ڳالھ

لکائي ٻہ اٿم. اھا پڻيان ئي تہ ٻيڙي اڏئي."

ھن ميومي ڏي اشارو ڪيو. ان جاءِ تي جيڪر ڪو ٻہ ڦاٽڻ يا ھوائي جھاز Hijack ڪرڻ جي خبر ٻڌائي ھا تہ ايترو اچرج ۽ صدمو نہ رسي ھا. ميومي اسان ٻنھي کي گڏ ڏسي ششدر ٿي رھي ھئي. دل چيو تہ چوانس تہ خالد، ڇڏ چرچا. پر ھو تہ بلڪل سنجيدگيءَ سان چئي رھيو. زبان ۾ چپ جھڙي ڳري ٿي وئي. ڪجھ ڪچي نہ سگھيس، جڏھن ڳالھايم تہ مونکي پنھنجي آواز اوپرو ۽ ڏاريون لڳو.

"ڪرفيو کان اڳ ايندين- يا - پوءِ؟"

"يار اڄ رات وري ڇا جو جھاز. ڏھين کان صبح تائين ھن جي گھر ٽکڻ جو پروگرام ناھي ڇڪو آھيان ۽ ھونءَ ٻہ اڄ ڪھڙو ڪافر جھاز تي ھوندو. تون ڏي احوال- ؟"

ڪيس جواب ڏيڻ بدران استور مان نڪرڻ لڳس. خالد شايد تعارف ڪرائڻ لاءِ مونکي سڏڻ لڳو. پر تيسين آءُ دڪان کان ٻاھر نڪري آيس ۽ بس اسٽاپ ڏي ھلندو ويس. ھلندو ويس. رات جي ڪري ٺڏ وسي رھي ھئي، پر مونکي ائين محسوس ٿيو جڻ ڪلاڪن کان نٽھڻ آس ۾ ھلندو وڃان- پنڌ ئي پنڌ. اڪيلو ئي اڪيلو. ٽڪل ۽ ٽڪل .

1972ع

One is enough

وڈي لڑائي، ۾ جنگ عظيم 1945ع ڌاري ختم ٿي، جا 1939ع جي آخري مهين کان شروع ٿي هئي جنهن ۾ هڪ دفعو وري دنيا جي ڪيترن ملڪن حصو ورتو هو. ڪمزور ۽ هيٺو هيڻاهون ٿيو هو. طاقت ۽ شوخيءَ انسان کي هڪ دفعو وري هوس جي باهه ۾ ڌڪي ڇڏيو هو. ڪاميابي ۽ سوپ جي نشي ۾ جرمني ۽ جپان پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪيو. جرمن فوج، پولينڊ تي حملو ڪري ان کي چڪڑي ڇڏيو. ان بعد برطانيہ ۽ فرانس بہ حرڪت ۾ اچي ويا. جرمن، انگريزن جو جهاز اٽينيا ٻوڙي ڇڏيو ۽ انگريزن جرمني جي 'ڪيل ڪٽنال' ۾ بيٺل فوجي جهازن تي گولن جو وسڪارو ڪري ڏنو. روس جي فوج، پولينڊ جي سرحد تي پهچي، ان بعد فنلئينڊ جي اڳين چوڪين تي قبضو ڪري ورتو. بيلجم، هالينڊ ۽ لڪسمبرگ جرمن نازي فوج جي قبضي ۾ اچي ويو. اتليءَ جرمنيءَ جو پاسو ورتو ۽ انگلينڊ ۽ فرانس تي حملو ڪري ڏنو. جرمن ٽروپ پوءِ رومانيا ۾ ڏوڪي آيا. ان بعد جرمن فوج يونان تي حملو ڪيو. جرمن، جرمن ۽ جرمن... يورپ پاسي جرمن فوج ڏهڪاءُ وجهي ڇڏيو هو، تہ مشرق پاسي جپاني فوج.

○

هڪ ٻئي پٽيان ڏور اوپر جا ملڪ، جپاني فوج فتح ڪندي وئي. فلپين، سينگاپور، نيوگني، سولومن ٻيٽ، هانگ ڪانگ، ملايا ۽

آخر اچي برما ۾ نڪتا ھئا. پر ۾ اسان جو نديو ڪنڊ (ڳڏيل هندستان)ھو.

هندستان ۾ واويلا مچي ويئي ته اجھو ٿا جپاني اچن. اسان کان وڌيڪ انگريزن جو ساھ مٽ ۾ ھو، جو جپاني ھڪ ٻئي پٽيان ھين بيٺكن کي ته قبضي ۾ ڪندا آيا، ھاڻ ماڳھين هندستان جھڙي پلي مينھن، جنھن کي ٽي سؤ سالن کان انگريز سرڪار مھلو ڪمھلو، ڪارائڻ بنا، فقط ڏھندا پئي آيا، سا به ھٿان ٽي وئي. انگريزن پنھنجي انگريز فوج سان گڏ نديي ڪنڊ جا گورڪا، پٺاڻ، پنجابي، مرھٽا ۽ سک سپاھي برما، سنگاپور ۽ ملايا وغيره موڪليا، جيئن جپانين کي مَنھن ڏيئي سگھن. پر جپان ڏينھون ڏينھن وڌ ھو.

اسان جي نديي ڪنڊ جا فوجي ۽ ماٺھو، انگريزن جي ڏنل ان اميد ۽ ڏي تي به سندن پاسو ولي بيٺا ته وعدي موجب انگريز بادشاھ، فتحيابي بعد هندستان کي آزادي ڏيندو، ۽ سالن جي غلاميءَ بعد آزاديءَ جو سج اپري سگھندو. ٻي صورت ۾ اسان لاءِ ھڪڙن جي غلاميءَ مان نڪري ٻين حاڪمن (جپانين) جي ور چڙھڻو ھو. سيني جي نظرن ۾ جپاني وڌيڪ وحشي لڳا ٿي، جن انسان جو جيئڻ ھن ڌرتيءَ تي جنجال ڪري رکيو ھو. سندن ظلم ۽ سنگدليءَ جا قصا ٻڌي لڳ ٿي ڪانڀاريا. اسان جو ھڪ پاڪستاني دوست اڄ به جپاني مردن جو سخت جسم، گورکن جھڙو ھڏائون ۽ مضبوط منھن، ويڙھاڪ ۽ رکو نمونو ڏسي چوندو آھي ته ڪھڙا ته رکا ۽ گھمنڊ پريا آھن، ايا ته امريکن جي قبضي ۾ آھن. جي جنگ ڪٽين ھا يا هينئر به امريڪا ھٿ ڪيي ۽ فقط ڪين فوج رکڻ جي موڪل ڏئي ته ھي ته وري ٻيو دفعو ٻائيتال مچائين.

O

هيءَ لڙائي سال پنڌيان سال جاري رهي. امريڪا ان جنگ ۾ پهرين چگي طرح شامل نہ هو پر ڇهين ڊسمبر 1941ع ۾ جپانين طاقت جي مستي ۾ اچي هروپرو پرل هاربر Pearl-Harbour تي بيئل امريڪن جهازن تي حملو ڪري هن کي سنئون سڌو مقابلي لاءِ آماده ڪيو.

سڀ ملڪ مٿو هٽي رهيا هئا، پر جپان وٽ ڏيڻ بدران پنهنجن حملن ۽ جنگي کيڏن کي وڌائيندو رهيو. خبر ئي نٿي پئي تہ هن جنگ جو انت ڪڏهن ايندو. آخر اوچتو 1945ع جي آخر ۾ هڪ ڏينهن جنگ اوچتو ائين بند ٿي ويئي جڻ ڪنهن ٻاهر مٽان انيڪ مٽ پاٽيءَ جا وجهي هڪدم وسائي ڇڏي هجي. جپان، جو سڄي دنيا تي فتحيابي جو خواب ڏسي رهيو هو، تنهن جو سڄو فخر ۽ هٽ پل اندر اچي پٽ سان لڳو.

ڇهين آگسٽ 1945ع جي صبح جو سوا ائين بجي جپان جي موسم صاف هئي ۽ جپانين جي خواب خيال ۾ بہ نہ هو تہ چند گهڙين بعد ڇا ٿيڻو آهي. ماڻهو آفيس ڏي وڃي رهيا هئا. گهرن جون عورتون نيرن جو ڪر لاهي سيڊي لاءِ مارڪيٽ ۾ خريداري ڪري رهيون هيون ۽ ڪي گهر ۾ صفائي ۾ لڳيون پيون هيون. ٻار ڪتابن جا ٿيلها ڪٽي پنڌ ٽرامن ۽ بسن رستي اسکولن ڏي وڌي رهيا هئا تہ آمريڪا، جپان جي ٻن وڏن ۽ مکيہ شهرن ناگاساڪي ۽ هيروشيما تي هڪڙو ئي ائٽم بم هوائي جهاز رستي کيرائي جپان کي آڻ مجبور ڪري ڇڏيو. ان کان وڌيڪ خطرناڪ بم اڄ تائين ڪڏهن ۽ ڪٽي بہ نہ کيرايو ويو آهي. ان ائٽم بم جو

قطر ٿي فٽ ۽ ڊيگھ ڏھ فٽ ھئي. تور ھڪ سؤ ويھ مڻ. جنھن جاءِ تي اھوبر ڪريو ھو ان جاءِ تي ته اونھي ڪڍ ٿي پئي ھئي، پر سڄي شھر ۾ ڇڻ ته زلزلو اچي ويو ھو. وڏيون توڙي ننڍيون عمارتون اچي پٽ تي پيون ھيون. شھر ۾ مختلف ھنڌن تي بيئل ۽ ھلندڙ ٽرامون پٽي تان لھي وڃي پري ڪريون ھيون.

ھيروشيما تي جيڪو بر ڪيرايو ويو ھو ان جي ڦاٽڻ جي طاقت ويھ ھزار ٽن ھئي ۽ گرمائش جو درجو ۾ ھزار سينٽي گريڊ ھو. ان گرمائش جو ان مان اندازو لڳائي سگھجي ٿو ته اسان وٽ سخت اونھاري ۾ پنجيتاليھ ڊگريون گرمي ٿي ٿئي ۽ سؤ ڊگرين تي پاڻي ٻاڦ ٿيو وڃي. سو ايڏي گرمائش جو اثر ميلن تائين محسوس ڪيو ويو ۽ پري پري تائين پٿر، شيشو ۽ لوھ ۽ ونڊجي ڇپو ٿي ويو. ۽ اھا اٽامڪ لھر (Atomic Wave) جيئن جيئن مرڪز کان پري پکڙندي ويئي تيئن اتي جي ماڻھن جي نہ فقط ٻاھرين جسم تي اثر ٿيو پر اندرين عضون ۽ رتوبت تي پڻ. جيڪي مرڻ کان بچي ويا تن مان ڪيترن کي اکين جي بيماري Glossitis ۽ زبان جي ناسور جي بيماري ته عام ٿي پئي. ايتري قدر جو پوءِ جيڪو اولاد پيدا ٿيو انھن تي پڻ بر جو اثر قائم رھيو. ڪيترن سالن تائين لولا، لنگڙا ٻار ھيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ جي ماڻھن کي ڄمندا رھيا.

بر ڪرڻ کانپوءِ علاج لاءِ ڪيترين ئي عارضي اسپتالون ۽ ڪئمپون کوليون ويون ۽ ڊاڪٽرن جا جٿا مدد لاءِ ڪم ڪندا رھيا پر بر جي گرمائش ۽ اٽئمي لھر جو انسانن جي جسمن تي اھڙو ته سيڪ آيو جو زخمن جو تاب نہ جھلي مرد، عورتون، ٻار ٻچا ھڪ ٻئي پٺيان مرندا ويا جن کي دفن ڪرڻ بدران يڪا ڊيرن جا ڊير

ساڙي ڦلهير ڪيو ويو. چون ٿا ته مهيني کان به مٿي اهو سڙڻ جو دونهون، سڄي شهر مان، مٿي آسمان طرف اپرندو رهيو.

O

اسڪولي ڏينهن ۾ Quiz مقابلن ۾ اهو سوال عام هوندو هو ته هي وڏي لڙائيءَ ۾ ڪهڙن شهرن تي بم ڪيرايو ويو. جواب 'ناگاساڪي' ۽ 'هيروشيما' هر هڪ کي ياد ٿي ويو هو. ان سان گڏ انهن شهرن جي تاريخي اهميت پڻ. جيتوڻيڪ جپان ۾ ڪيوٽو، نارا، ميااجيما، تويوما ۽ نگاتا جهڙا ڪيترائي شهر وڌيڪ پراڻا ۽ تاريخي آهن، پر اسان جهڙن ڏارين جي دماغ ۽ زبان تي جپان جي حوالي سان ٽوڪيو ۽ اوساڪا ڪانپوءِ هيروشيما ۽ ناگاساڪي شهر هوندا آهن.

جڏهن پهريان ٻه چار دفعا جپان آيو هوس ته منهنجو هر دفعي ٽوڪيو، اوساڪا، ڪوبي، نگويا ۽ يوڪاهاما ۾ اچڻ ٿيو ٿي ۽ هر دفعي هيروشيما يا ناگاساڪي ڏسڻ بنا جپان ڇڏڻ وقت اهو احساس رهندو هو جڻ ميلي تي اچجي پر ملاکڙو نه ڏسجي.

ڪوبي ۾ ڪيترائي جپاني دوست ٿيا. انهن مان هڪ هيروشيما جو آهي. خبر ناهي ڇو هن لاءِ مونکي سڀ کان وڌيڪ پيار ۽ همدردي جا جذبا آهن. هن سان هر دفعي هيروشيما ڏسڻ جي خواهش ڪندو هوس پر پري هجڻ ڪري پروگرام نه ٺهندو هو.

هڪ دفعي اوساڪا جي ريلوي اسٽيشن تي هڪ جپاني عورت سان ملاقات ٿي. بس اها خبر پئي ٿي ته هوءَ اشرف المخلوقات آهي. باقي هن جو منهن ڏسي ڊپ ٿي لڳو. سڄي منهن ۾ ڳچيءَ تي ڊاڪٽري آپريشن جي ٽانڪن ۽ وڏ ڪٽ جا نشان هئا. سندس

جسر جي کيترن ئي ٻاڱن جي چمڙي کڻي جسر جي ٻين حصن تي Transplantکيل ھئي. ٻاڻ کنھن جھازران کمپني ٻر ھک تمام وڏي عھدي تي ھئي. گاڏيءَ ٻر ھک ٻئي ٻرسان ويھڻ ٿيو تہ ڳالھين کندي پيچيومانس تہ آيا سندس کو حادثو ٿيو آھي. ٻاڻ ٻڌايائين تہ ھوءَ انھن چند بچيل ماڻھن مان آھي جن تي بر جو اثر ٿيو ھو، ۽ ھوءَ ھيروشيما جي آھي. مونکي ان بدنصيب ۽ ڊئل شھر ڏسڻ جو شوق تيئن وڌندو ويو، جنھن تي بر کرڻ تي ٻي جنگ عظيم ختر ٿي، ۽ ھک دفعو وري دنيا امن جي فضا ٻر ساھ کنيو.

ٽوکيو يا اوساکا کان گاڏيءَ رستي ھيروشيما ويڃڻ ٻري ھو جيتوڻيڪ ھتي جي تيز رفتار (Bullet Train) سؤ ميل في کلاک جي رفتار سان ھلي ٿي ۽ جھاز رستي اسان جو ان بندرگاھ سان کو واسطو نہ ھو.

ٻر ھن دفعي جڏھن سنگاپور ٻر اسان جي جھاز تي عمارتي کاٽ ٻئي رکيو ويو تہ ھک سنگاپوري بندري قد جي مزور کان پڇيم تہ ھي کارگو کڻي جو اسان جي جھاز تي چاڙھي رھيا آھيو؟ "ھيروشيما لاءِ."

اھو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيس ۽ سامان جي گھٽائيءَ مان اندازو لڳايم تہ گھٽ ٻر گھٽ ڇھ ست ڏينھن ھيروشيما ٻر ضرور ترسڻ ٿيندو.

○

۽ اڄ اھو شھر جنھن کي ڏسڻ جو کيترن ئي سالن کان ويچار ھوم تنھن جي پنجين نمبر اليکٽرک ٽرام ٻر ويٺو آھيان جا بندرگاھ کان 'موتو ماچي' بازار تائين ھلندي. ھيءَ بازار شھر جي وچ ٻر آھي ۽ حيدرآباد جي شاھي بازار وانگر ڏکھي آھي. اھا بازار

لتاڑڻ بعد آخر ۾ حيدرآباد جي پکي قلعي وٽ ته نه پر هتي جي مشهور باغيچي Peace park کان ويجي نڪربو. اهو پارڪ ٻر جي تباهي جي ياد ۾ ٺهيل آهي. مون کي اڄ سڀ کان پهرين اهو ڏسڻو آهي. ان کانپوءِ هتي جون ٻيون شيون.

ترام چگو تکو هلي پٽي پر ذري ذري ڳاڙهي سگنل (اسٽاپ) اچڻ تي ترسي ٿي . جهاز جو عملو هر روز شهر جو الڳ الڳ حصو ڏسي پنهنجي سڃي ڏينهن جي ڪارگذاري ٻڌي ڏينهن صبح جو ناشتي تي ٻڌائيندو آهي. اسانجو جهاز ته ڪارگو شپ آهي پر هڪ پئسينجر (مهمان جي صورت ۾) شمس صديقي (مظهر ۽ جهانگير صديقي جو ٻاءُ) پڻ آهي جو ڪراچي تائين اسان سان گڏ هلندو. اسان جي پهرين کان واقفيت هجڻ ڪري اسانجي ڏار پڙ ڪڇهري ٿيندي آهي. رات چيومانس:

"يار هيروشيما شهر بابت منهنجو ته سڃو تاثر غلط ثابت ٿيو. مون ته سمجهيو پئي ته هيروشيما جو شهر خدا آباد يا اروڙ جيان کنڊر ۽ ٻڳل عمارتن جو ڍير هوندو. پر هي جپاني ته پولش، يوگوسلاوين ۽ جرمنن کان ٻه ٽکا نڪتا جو سڃو شهر نئون ۽ وڏيڪ خوبصورت ٺاهي ٻه ورتائون. هي وڏا وڏا ڊپارٽمينٽل اسٽور، هي عمارتون، هي پارڪ، هي ماڊرن تيز رفتار گاڏيون ۽ اليڪٽرڪ ٽرامون، ايئرڪنڈيشنڊ زمين دوز ريلوي اسٽيشنون ۽ ڊگهيون پليون- کير چوندو ته ڪجهه سال اڳ هن شهر تي ائٽم ٻر ڪريو هو."

"مان ٻه اهو پيو سوچيان ۽ ساڳي وقت جپانين جي محنت ۽ ترقي کي داد ٿو ڏيان. هونءَ هنن نموني خاطر فقط هڪ ڊنل جڳهه ان صورت ۾ ڇڏي ڏني آهي، جيئن ڪٽي مان خرار جو پتو

پوي. اها عمارت پيس پارڪ (Peace park) ۾ آهي." شمس ٻڌايو.

شمس مڙيئي گھمڻ جي معاملي ۾ اسان کان وڌيڪ خوش قسمت آهي جو هو 'مسافر' آهي ۽ اسان وانگر هن کي هر وقت ڊيوٽيءَ جو فڪر ناهي. سو پهرين ڏينهن ئي هر(Port) ۾ کافي سڻي سروي ڪري اسان جو گائيڊ ٽي صلاح مشورو ڏيندوآهي- مفت ۾.

O

۽ هينئر پنجين نمبر ٽرام ۾ اوڏانهن ويجي رهيو آهيان. هتي جي ٽرام ۾ ويهڻ لاءِ سيڪنڊ عام بسين وانگر هڪ ٻئي پٺيان نه آهن پر هڪ ئي سيٽ ٽرام جي چوڌاري آهي. وچ سڄو خالي، جيئن رش جي وقت گھٽي کان گھٽا ماڻهو بيهي سفر ڪري سگھن.

هن وقت صبح جا يارهن کن ٽيا آهن. ڪي ٿورا پوڙها ۽ اڌڙوٽ مرد ۽ عورتون ويٺا آهن. جن کي کنهن آفيس يا ڪالج يا کنهن ڪم تي وڃڻو نه آهي. اڌ کان وڌيڪ کي انگريزي لباس سوٽ ڪوٽ ۽ عورتن کي اسڪرٽ آهن. ڪن کي هتي جي مشهور روايتي ڊريس ڪمونو پڻ پهريل آهن. 'ڪمونو' (Kimono) گائون وانگر يڪو چوغو ٿئي پر تمام قيمتي ڪپڙي جو ٿئي. ٻيڙن بدران ويڪرو ڪپڙي جو پٽو ٿئي، جنهن کي 'اوبي' سڏجي ٿو. شادي شده عورتن جون ننڍيون ڀاڻهون ٽين ۽ ڏکهين ڀاڪهن جي معنيٰ ڇوڪري ايجان ڪنواري آهي. 'ڪمونو' تي هميشہ اڇا جوراب ۽ هڪ خاص قسم جو چمپل پايو وجي ٿو جو عام اسپنج جي چپل جھڙو ٿئي. هونءَ عام طرح يورپ ۽ امريڪا وانگر هتي پڻ اڇا جوراب نابالغ هجڻ جي نشاني سمجھيو وجي ٿو ننڍي عمر جون

سڀ ڇوڪريون اڇي رنگ جا ڊگھا جوراب پائين. پر اھو قاعدو ڪمونو سان لاڳو ناھي. ڪمونو تي ننڍيون وڏيون اڇا جوراب پائين.

ٽرام ۾ سڀ چپ چاپ ويٺا آھن. ٽرام جنھن وقت بيھي ٽي تہ اھڙي ماڻ ڇانڀجيو ويي جو جنھن لاءِ انگريزيءَ ۾ چيو ويندو آھي تہ 'ٽاچني ڪيرائجي تہ ان جو بہ آواز ٻڌي سگھجي.' (والله اعلم. تجربو ڪري پاڻ نہ ڏٺو) ھا، باقي ھلڻ وقت، ان جي ڪنڊ ۽ پراڻن ڦيٽن جا چيڪاٽ، ربو چاڪيءَ جي گھاڻي ۽ شاھن جي نار وانگر، وڏا ٽا ٽين. انجڻ تہ ھڻڻين ٽرامن کي ٽئي ڪونہ، اليڪٽرڪ ذريعي ھن جا ڦيٽا اڳيان پويان ھلن. ٽرام جنھن رستي تان ھلي ان متان اليڪٽرڪ جي اگھاڙي تار ھوندي آھي. ٽرام جي ڇت تي لڳل لوھي لٽ ان تار سان ٽڪرائيندي ويندي آھي. ھيٺ ڊرائيور کي فقط سئچ ON ڪرڻو پوندو ۽ گھربل رفتار مطابق Resistance گھٽائڻو ۽ وڌائڻو پوندو آھي. ڪرنٽ لٽ ذريعي ٽرام ۾ ايندو آھي ۽ موٽر (موٽرڪار نہ پر اھا اليڪٽرڪ موٽر، جيڪا فئن، پمپ يا گرائيندنگ مشين وغيرہ کي بہ ھلائي ٿي)، ذريعي ڦيٽا چرندا آھن.

○

ھيءَ ٽرام پڻ ھتي جي ٻين ٽرامن ۽ بسن وانگر ايئرڪنڊيشنڊ آھي. يعني ھينئر سياري جي موسم ۾ گرمائش جو بندوبست آھي. (اسان جي ڳوٺ ھالا ۾ ھڪ ڇت بنا سئينما آھي، ان کي ايئرڪنڊيشنڊ سڏيو ويي ٿو. ان جي خصوصيت اھا آھي تہ سياري ۾ سرد ۽ اونھاري ۾ ميڙن سان پريل ھوندي آھي. متان ھر وقت مينھن وسڻ جو خوف ڊيموڪلس جي خنجر وانگر لڙڪندو رھندو آھي). ٽرام جي سيٽن ھيٺان ھيٽرن واريون تارون (Coils) لڳل آھن

جيکي ٿلهن ريشمي گاديلن جي ٺهيل سيٽن کي گرم رکن ٿيون. ٻاهر سخت سردي آهي. نومبر جو هي آخري هفتو آهي. اڄ ته تکي هوا جي ڪري به سيءَ جو اهو عالم آهي جنهن لاءِ اڪثر قصن کهاڻين ۾ چيو ويندو آهي - بلڪ سيءُ پاڻ چوندو آهي ته: اڄ نه پوان ته ڪڏهن پوان.

منهنجي چوڌاري جيڪي ويٺا آهن، ڪوٽن سئيٽرن ۾ ويڙهيا پيا آهن. ان ڪانسواءِ اندران به گرم گنجيون ۽ جئڪٽيون ضرور هوندن. باقي ٽنگن جو مسئلو اڄ ڏينهن تائين سمجهه ۾ نه آيو آهي ته هڻي سيءَ ۾ جڏهن جسم جي مٿئين حصي تي ته گڏهن وارا آٽر چڙهيا پيا آهن پر هيٺ سٽرن کان مرين تائين سنهڙا سنهڙا آرپار ڏيک وارا ٽئلان جا جوراب کهڙو ڏک جهلي سگهن ٿا. اهو ڏسي مونکي ميرپورخاص جي ميانجيءَ جون کلفيون ياد ايندیون آهن جي به هن جي ٽنگن وانگر سنهيون ۽ ٽلهيون ٿين ۽ جست جي سنهي سانچي ۾ جميل هوندیون آهن ۽ سانچي جي چوڌاري لوڻ مليل برف جا ڍير.

ٽرام جي هڪ ڪنڊ ۾ آءٌ نندڙي چوپڙيءَ تي جيڪي ڪجهه ڏيان ۾ اچي ٿو لکي رهيو آهيان. ٽرام ۾ ويٺل کي ته شايد سوچي رهيا هجن ته آءٌ چا پيو لکان ۽ چو پيو لکان. جي خبر پئين ته سندن گلائون پيو لکان، خاص ڪري سندن ٽنگن جون، ته جيکر ڳالهه خراب ٿي پوي. بهرحال هڻا موقعا ٿي بهتر موقعا آهن جيکي لکڻ جي ڪم ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا ۽ ساڳئي وقت، وقت به پاس ٿيو وڃي.

ايندڙ اسٽاپ موتو ماڇيءَ جو آهي. جتي لهي هتي جو مشهور 'پيس پارڪ' ڏسڻ ويندس. هتي اهو ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو ته

'پيس' مان منهنجي مراد 'امن' آهي. ڇو تہ انگريزيءَ ۾ هڪڙي Peace جي معنيٰ 'امن' آهي تہ ہئي Piece جو مطلب 'ٽڪرو' آهي. (هڪ امريکن لطيفو ٻڌايو. چيائين :"اسان امريکن جڏهن ڇڻون ٿا تہ پيس گهرجي. تہ اسان جو مطلب پهرين سان آهي. پر روس جڏهن چئي ٿو تہ کيس پيس گهرجي تہ هن جو مطلب ہئي سان آهي. يعني کيوبا جو Piece، رومانيا جو Piece، هندي سمنڊ ۾ جپاني ہيٺن جو پيس ... وغيره وغيره.")

○

هيروشيما ۽ ڏسڻ جون خاص تي جڳهيون آهن جيکي ملکي ۽ غير ملکي سياح اچڻ سان ڏسن ٿا. هتي جون اهي ٽيئي شيون جن بابت جتي کتي (ريلوي اسٽيشن، بس اسٽاپ، ٽورسٽ گائيڊ کتابن، پوسٽرن وغيره تي) سرکاري طرح اشتهار ڏنا ويا آهن، سي آهن: هيروشيما جو قلعو، پيس پارک ۽ مياجيما ٻيٽ. 'هيروشيما جو' (جپاني زبان ۾قلعي کي 'جو' سڏبو آهي) ۽ پيس پارک، ہئي هڪئي جي ويجهو آهن، ۽ ڏهن منٽن جو پنڌ آهي. مياجيما ڇڪو پري آهي. ريل ۽ فيريءَ رستي ڪلاک کن ۾ پهچي سگهجي ٿو.

پيس پارک ۾ قلعو ڏسي، قلعي جي ٻي هڪ نندڙي باغيچي جي هڪ کنڊ ۾ بينچ تي اچي ويٺو آهيان. ٽڏن ملکن ۾ سياري جي اُس ائين وٽندڙ لڳي ٿي جيئن دادوءَ پاسي گهٽا ڏينهن ڇِتّ رهڻ کان پوءِ کنهن رات جو دير سان ٽڏي هير لڳندي آهي.

سامهون پارک ۾ ہار کيڏي رهيا آهن. کيترين بينچن ۽ وٽن جي ٽڙن کي ٽيک ڏيئي نوجوان جوڙا آهستي آهستي رهاٽيون ڪري رهيا آهن. کي سامهون قلعي جي ڏاکڻين تي پاکر پايو ويٺا آهن.

کيترا مون جھڙا پرڏيھي Tourist ۽ ڏيھي سياح وائڙن وانگر ھيڏانھن ھوڏانھن اکيلا ڦري رھيا آھن. کن جي ھٿن ۾ ڪئميرا آھي تہ کن کي نقشو.

پڑھندڙ ھن ھيروشيما جي قلعي مان حيدرآباد يا ڪوٽ ڈيجي جھڙو وڏو قلعو نہ سمجھن. بلڪہ اھي قلعا، ننڍي جون تاريخي عمارتون، خدا آباد ۽ آمري ۾ ڪلھوڑن جون عمارتون ڈسڻ بعد ھي ھيروشيما جو قلعو مونکي تہ مسخري لڳي ٿو. موھن جو دڙو، پنيور، سيوھڻ، اروڙ ۽ ڪالڪا ديوي جي مندر سان تہ ھن جو مقابلو تہ ڇا پر ذڪر بہ نہ ڪرڻ جڳائي. پر شاباش ھجي ھتي جي سياڻن ماڻھن ۽ حڪومت کي، جن اھڙي تہ دل فريب ۽ دل لپائيندڙ انداز ۾ اشتھار بازي ۽ پروپيگنڈہ ڪئي آھي جو ڏور ڏور کان ماڻھو کھي ھتي اچي ٻي رپئي جي ٽکيٽ ونڊي ڈسن ٿا. مون کان تہ ڪو پڇي تہ جڇان ۾ سڀ کان وڏي انڊسٽري ڪھڑي آھي تہ مان اھو چوندس تہ: ٽورزم Tourism! ٽورزم مان ھتي جو عوام ۽ حڪومت ڇڪيءَ طرح ڪمائي ٿي. باقي موٽرون، ٽرانسٽر، ڪئميرائون ۽ جھازن جا ڪارخانا مڙيئي سائيڊ بزنس آھن.

○

ھي قلعو ڇٽن ماڙين تي مشتمل ھڪ گھر آھي. جنھن ۾ ڪجھ سؤ سال اڳ ڪو حاڪر- يا وڏيرو رھندو ھو، جو ھيروشيما ۽ آسپاس جي ڳوٺن تي راڄ ڪندو ھو. اندر قلعي ۾ خالي ڪمرن ۾ ڪجھ سؤ سال اڳ جا ڪجھ ٽانو، ڪپڑا، ھڪ ٻہ اڏوھي ڪاڏل بندوقون ۽ ڪٽ لڳل تلوارون، ھٿ سان ڇڪڻ جي بگي (جيڪا ايڊا تائين ڊاڪا، چٽگانگ، ملائيشيا ۽ برما ۾ عام

آهي)، بادشاھ سلامت جو ککن مان ٺهيل ٽوپلو، ۽ ٻيو ان قسر جو پراڻو سامان رکيل آهي.

ساڳيو حال جڀان جي ٻين شهرن جي قلعن جو آهي (اوساما، ڪيوٽو، نارا - گهڻو ڪري هر وڏي شهر ۾، ٻيو ڪي ڪجھ هجي يا نہ هجي پر "جو" يعني 'قلعو' ضرور آهي. ان قسر جا عجائب گهر ۽ پراڻيون جايون ۽ سامان تہ اسان جي ملڪ ۾ ڪوڙ آهن، پر افسوس جو ايڏا تائين اسان جي Tourism ڊپارٽمينٽ ٻہ ان جي اهميت ۽ قدر نہ ڄاتو آهي.

قلعي ۾نمائش لاءِ مختلف شيون ڏسندي ڏسندي هڪ پراڻو ڏيئو ڏسڻ لڳس. ان مٿان لکيل عبارت ڏنل هئي. مون کي گهوريندو ڏسي، پر ۾ ٻيڻ هڪ جڀاڻءِ، جڀاڻي عبارت پڙهي مون کي انگريزيءَ ۾ ٻڌايو تہ هي ڏيئو تمام قديمي آهي.

"گهڻا سال پراڻو-؟" ظاهر آهي مون تعجب مان پڇيو. ۾ن کي ڇڪيندي، مونکي وڌيڪ حيرت ۾ وجهڻ جي کوشش جي خيال کان، وڏي انگھ سان "چار سؤ سال" لفظ ائين ڊگها ڪري اچاريائين جو هن جي خيال موجب آءٌ ايڏو وڏو انگ ٻڌي بيهوش ٿي ويندس. پر مون کي حيرت ۾ نہ ڏسي هو شڪي ٿيو. ڳالهہ بدلائڻ لاءِ پڇڻ لڳو تہ مون کي هي هيروشيما جو قلعو ڪيئن ٿو لڳي.

"تمام سٺو." مون هڪ بافضيلت مسافر وانگر وراٽيو.

"هتي ٻيو ڇا ڏٺو اٿوَ-؟"

"پهرين پهرين هتي آيو آهيان سڌو هيروشيما ۾ ۽ سڌو هن قلعي ۾."

ڏاڍو خوش ٿيو. چوڻ لڳو تہ، "واقعي هي قلعو آهي ئي اهڙو جو هرکو ان کي ڏسڻ لاءِ ڇڪجيو اچي."

دل ۾ چيم تہ هي قلعو تہ نہ پر توهان جو Tourist Department ۽ اشتهاربازي اهڙي تکي آهي جو هرکو گهائجيو ويي. اڳتي چوڻ لڳو، "جنهن هيروشيما ۾ اچي هي قلعو نہ ڏٺو تنهن جڻ هيروشيما ئي نہ ڏٺو."

دل ۾ آيو پڇانس تہ ڪٿي لاهورين جو مائٽ تہ نہ آهين. جو اهي ٻہ لاهور لاءِ چوندا آهن تہ "جنهن لاهور نہ ڏٺو سو جڻ جائو ئي نہ آهي." يا لاڙڪاڻي لاءِ چيو ويندو آهي تہ "هجئي ناٽو تہ گهر لاڙڪاڻو" (يا شايد: جڏ لاڙڪاڻو)، پر مون پڇيومانس" "تو موهن جو دڙو جو نالو ٻڌو آهي؟"

"چونہ-؟"

"پر ڏٺو نہ هوندءِ. هڪ دفعو جي ان جو ديدار ڪرين تہ پوءِ سڄي عمر ياد ڪندو رهين."

قلعي ڏسڻ جي ٽڪيٽ پنجاهہ Yen (ٻہ رپيا ڪن) آهي ۽ ٽڪيٽ سان گڏ هڪ نندڙو پنو ٻہ ملیو هو جنهن ۾ قلعي بابت لکيل هو. قلعي مان نڪرڻ وقت اهو پڙهيم. لکيل هو تہ اهو اصلي قلعو ناهي. اصلي قلعو هيروشيما تي ٻہ ڪرڻ وقت ڪافي ڍهي ويو پوءِ 1953ع ڌاري ان اصلي قلعي جي نموني جهڙو هن کي ٺاهيو ويو آهي. اهو پڙهي ان قلعي جي اهميت مون لاءِ ايڏان ٻہ گهٽجي ويئي.

قلعي ۾ رکيل ڪجهہ سؤ سال اڳ جپان ۾ استعمال ٿيندڙ برتن، ڪرسيون، منجيون، ڪٽون، ڍيئا، لالٽين، لوهہ جون آڏيون ڦڏيون پيتيون ۽ صندوقون، ڪلف، ڪنڊا وغيره يورپين ۽ امريڪن تہ يلي اچن ڏسن پر اسان جهڙن غريب ايشين ملڪن جي ماڻهن لاءِ اهو سڀ ڪجهہ ڏسڻ، وقت ضايع ڪرڻ آهي. جڏهن تہ اسان وٽ

هر گھر ۾ اڄ به اهي شيون نظر اچن ٿيون. جيان کي ته فقط هڪ اهڙو قلعو آهي پر هيڏانهن نديي کنڊ ۾ افريڪا جا ڪيترائي گھر هيروشيما جا قلعا آهن جتي هن دؤر ۾ به بجليءَ جون سهولتون نه هجڻ ڪري ڏيا ٽمٽائين ٿا.

○

باقي هتي جو پيس پارڪ واقعي ڏسڻ جهڙو آهي، جيڪو به جي ڪرڻ ۾ مري ويلن جي ياد ۾ ٺاهيو ويو آهي. به جي تباهيءَ جا يادگار شهر ۾ ٻئي ڪنهن هنڌ نظر نه ايندا، بس هن پارڪ ۾ ئي هڪ ڊنل عمارت ان حالت ۾ ڇڏي ويئي آهي، جنهن کي 'اٽامڪ ڊوم' سڏجي ٿو. اها عمارت پهرين Industrial Promotion بلڊنگ هئي، جتي ڏيهي شيون نمائش لاءِ رکيون ويندیون هيون. هيءَ ڪافي مضبوط لوهه ۽ پٿر جي اٽاهين عمارت آهي، جا به ڪرڻ ڪان پوءِ هاڻ فقط لوهي ڇپو ڏڪو پيجرو وڃي بچي آهي. جنهن کي ڏسي ماڻهو به ڪرڻ جي تباهيءَ جو ڪاٽو لڳائي سگهن ٿا.

پارڪ ۾ مري ويلن جي ياد ۾ ڪيترائي پٿر ۽ لوهه جا بت ٺهيل آهن، جن اڳيان سون جي تعداد ۾ آيل ماڻهو فوٽا ڪڍائي رهيا هئا. پيس پارڪ جي هڪ پاسي نمائش گھر آهي، جتي به ڪرڻ ڪان تباهه ٿيل ڪجهه شيون رکيل آهن. مختلف شيون شيشي جي ڪٻٽن ۾ انگريزي ۾ جپاني عبارت هيٺ رکيل آهن. ايتريقدر جو به جو ماڻهن تي ڪهڙو اثر ٿيو آهي ان جا بوٽا ٺاهي ائين رکيا ويا آهن، جو هوبهو سچا لڳن ٿا.

ميوزيم جي شروع واري حصي ۾ ڪيترن ٻارن ۽ وڏن جا ڪپڙا ڏيکاريا ويا آهن جي ان وقت به جي گرمائش ڪري سڙي

ويا ھئا. ھڪ اسڪولي ٻار جي سڙيل ڊريس ۾ ڪنيل پٽو ٽنگيل ھو ۽ لکيل ھو ته اسڪول ويندي اھو حادثو ٿيو ۽ ٻار ڊپ کان گھر وٽي ٻڌا ۽ ڇوڪري جي ماءُ جلدي جلدي ڪپڑا لاھڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چيلھ تي ٻڌل پٽو ڪنڀيءَ سان ڪتري ورتو پر ڇوڪرو زخمن جو تاب نہ جھلي شام جو مري ويو. اھڙيءَ طرح ڪيترن ڇوڪرين ۽ سپاھين جا ڪپڑا ڏيکاريل آھن جي بہ ڪرڻ واري جڳھ کان گھٽو پري ھجڻ جي باوجود، اتامڪ لھر جي لھس ۽ گرمائش ڪري ھنن جو جسم ۽ ڪپڑا لھسجي ويا. ھڪ عورت جو فوٽو ڏيکاريل آھي، جا ان وقت ڳل تي ھٿ رکي وينل ھئي. گرمائش جي ڪري سندس ھٿ، ڳل ۽ ڇاتيءَ جا ھڏا وڻڻي ھڪ يڪو ڳنڍو ٿي پيو ھو. ڪيترن ماڻھن جا فوٽا ھئا جن جو ھڪ پاسو سڄو ائين سڙيل ھو جيئن پلاسٽڪ جي ڪنھن راندڪي کي ٽاڻڻ تي رکڻ سان ٽيندو آھي. ان قسم جون تصويرون، بوتا ۽ ڪپڑا ڏسي ھر ھڪ ڏسندڙ سيکڙاٺ پريندو ٿي ويو. ڪن کان ته دانھن نڪري وئي ٿي. ۽ جن بہ اھا نمائش ڏٺي ٿي انھن کي امريڪن لاءِ نفرت ٿي ٿي. ھڪ ڇاپي ڇوڪري جا اسڪول يا ڪاليج جي لڳي ٿي تنھن زياده ئي شوڪارا پئي پريا. تنھن کان پڇيو: "آمريڪن وروئي ڏيسڪا." (ڇا آمريڪن خراب آھن؟)

"موڇيران،" (ٻيو نہ ته وري) ھن وراڻيو.

ڇوڪاري نظر ڪير ڏارين ماڻھن ۾ گھٽا افريڪن ڪارا يا ايشيا جا ھئا. دل ۾ ڇير ته ڇپان جي ته فقط ھڪ ٻن شھرن ۾ بہ ڪِريو ۽ ڪجھ جانيون ۽ عمارتون ناس ٿيون، سو بہ جنگ جي ڏينھن ۾. پر ھن امن جي دور ۾ بہ جيڪي اسان جھڙن مظلوم

ايشيائي ۽ افريڪي ملڪن جي ماڻهن، دولت، تهذيب ۽ ثقافت تي بنا ڪنهن سبب جي لڳاتار ڦورن، لٽيرن، سامراجين، بيڻڪي راڄن جا بہ پيا ڪِرن، ان جو تہ ڪو ملهہ ڪَٽي. دنيا ان کي بہ تہ ڪجهہ ڏسي. يا ڪو تڏهن ڪچندو جڏهن اسان جو هن ڏرتي تان نالو نشان ئي مٽجي ويندو!

O

مون کي اوچتو خيال آيو تہ هن نمائش جي خاص اها ڳالهہ آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪو امريڪن نہ ايندو هوندو. ڪجهہ دير لاءِ آءُ هڪ هنڌ بيهي آيل هجوم کي ڏسڻ لڳس- فرينچ، انگريز، اسڪينڊينيوين، افريڪن، چيني، جپاني تہ نظر آيا پر ويجهڙائيءَ ۾ ڪي امريڪن بہ بيٺا هٿا. پڪ ڪرڻ لاءِ ڪين "هيلو" ڪري پڇيومان تہ امريڪن آهيو "Yes" هڪ، جو تمام ويجهو هو تنهن وراڻيو.

ڪلي پڇيومان: "How Do you Feel?" نڪ کي موڙو ڏيئي چوڌاري ڪو جپاني بيڻل نہ ڏسي، جپانين کي هڪ ڪنگ سائيز ڪار ڏيئي چيائين: "وڏا جپاني لاهہ آهن. جيڪي پاڻ ڪيائون سو تہ ٻڌائين ڪونہ ٿا. اسان امريڪن کي هروپرو ذليل ڪرڻ ۽ پئسو ڪمائڻ جو سنو طريقو ڳوليو اٿن. بهرحال اهو بہ ئي هو جنهن هنن کي سڌو ڪيو ۽ مچايل داداگيريءَ کي ٻنجو ڏنو."

اڄتي هلي ان ساڳئي امريڪن سياح Visitors Book ۾ پنهنجو نالو، پتو، قوميت لکڻ بعد راءِ واري خاني ۾ ٻڌي معنيٰ وارو جملو لکيو: One Is Enough هڪ (بہ) ڪافي اٿانوَ. يا هڪ (ظلم) ڪافي آهي.

O

ميوزيم جي هڪ ٻئي حصي ۾ نموني لاءِ مختلف شيشا ۽ لوهہ

جا برتن ۽ ٻيو سامان رکيل آهي، جي بـر جي گرمائش ڪري وڻڻي چڻا ٿي ويا هئا. هڪ لوهي صندوق، ٽجوڙي ۽ سائيڪل سڄي ڇڏي ٿي ويل ڏيکاريل آهن. ڪيترا اهڙا فوٽا آهن جن ۾ بـر جي ڪري مري ويل ماڻهن جي لاشن سڙڻ جا آهن. ڪن فوٽن ۾، اسپتالن ۽ ڪئمپن ۾ بيمارن جا انبوهه ڏيکاريل آهن. بـر جي اثر ڪري جيڪي پوءِ لولا لنگڑا ٻار ڄميا آهن انهن مان ڪيترن جون تصويرون ڏيکاريل آهن. وڻ سڙي اڳار ٿي ويا هئا، سي پڻ ڏيکاريل آهن.

بهرحال انسان طرفان انسان جي هيڏي ۽ ههڙي بي درد نموني جي تباهي ڏسي دل ڪوڙڻا ٿي ڳاڙي. دريءَ مان هيٺ ڏٺم، پارڪ جي هڪ حصي ۾ ڪنهن اسڪول کان آيل ننڍا ٻار کيڏي رهيا هئا. ٻر ۾ اسڪول بس بيٺي هئي. پري کان هتي جي موتوماچي مارڪيٽ ۾ خريداري جي پيهه لڳي پيئي هئي.

اڄ کان اڻاويهه سال اڳ بـ هڪ ڏينهن ائين ٻار کيڏي رهيا هوندا، هتي عورتون ۽ مرد ائين خوش خوش خريداري ڪري رهيا هوندا جو اوچتو بـر ڪِريو هوندو ۽ ڇا مان ڇا ٿي ويو. انسان جون انيڪ خواهشون، تمنائون، لطيف جذبات، آسون، امنگ، سندن جسمن سان گڏ سڙي ٻسر ٿي ويا. ڪيترا ايڏا ٻوڪي رهيا آهن. ڪيترن جو اولاد لولي لنگڙي حالت ۾ ڏکوئيندڙ ياد ڏياري رهيو آهي، ۽ ظالم جتي ڪٿي بي پرواهه، بي فڪر هلي رهيو آهي.

اڄ (1973ع) بـ دنيا ۾ بـر ٿهي رهيا آهن. ميزائل، ايٽر ٽ ايٽر فائيٽنگ مشينون، پري مار ڪندڙ گولا ترقيءَ جي نالي ۾ ايجاد ٿي رهيا آهن. آسٽريليا ۽ نيوزيلنڊ جي سمنڊن ۾ بـر ڦاڙي تجربا ڪيا ٻيا وڃن. مڊل ايسٽ ۽ ويٽنام جي ميدانن ۽ شهرن ۾ معصوم ماڻهن کي

ويڙاهي وڌيون طاقتون پنھنجن نت نون ايجاد ڪيل خطرناڪ هٿيارن جو جائزو ونڻي رهيون آهن ۽ ان کان ٻہ وڌيڪ خوفناڪ ۽ طاقتور اوزارن جي ڪوجنا جاري آهي. هڪ ٻئي ڏانهن ننڍين وڏين جنگين جون تياريون ٿي رهيون آهن.

آهستي آهستي قدم کڻي مين گيٽ کان ٻاهر نڪري رهيو هوس تہ دروازي وٽ جپاني گارڊ جهڪي وزيٽرس بڪ ڏي اشارو ڪيو تہ هن تي ڪجھ لکڻو آهي.

ڏاڍو عجيب لڳي رهيو هو. آءٌ ئي ظالم، آءٌ ئي مظلوم ۽ آءٌ ئي لکڻ وارو.

ڪجھ ٻار بال جھپي ڊوڙي اچي ڏاڪڻ جي هيٺين ڏاڪي وٽ لڪيا. سامھون ٽلهي تڙ واري وڻ ڏانهن هڪ نوجوان جوڙو ڳالهائڻ ۾ مشغول هو. هڪ پوڙھو ۽ ڪجھ ٻار گاڏي واري کان گرم گرم گجر ونڻي کائي رهيا هئا. ڪجھ اسڪولي ڇوڪريون هڪ پٿر جي بت اڳيان فوٽوءَ لاءِ پوز ڏاهي رهيون هيون. ڪجھ نوجوان پاڻيءَ جي تالاب وٽ هڪ ٻئي کي ڇنڊا هڻي زور زور سان ڪلي رهيا هئا.

○

هيءَ خوشي. هيءَ زندگي. هيءَ روشني - ڪيڏي پياري آهي، هيءَ امن ۾ري حياتي.

"Let There Be No More Hiroshima."

رمارڪ واري ڪالم ۾ لکي، "اڻويھ سال اڳ" جي دنيا کان ٻاهر نڪري "اڄ" جي دنيا ۾ اچي ساهي پٽير.

ڪيڏي خوشي آهي هن جيون ۾!

ڪيڏي روشني!!

ڪيڏي زندگي!!!

1973-74ع

امريڪا- نيو جرسي، بالٽيمور ۽ نيويارڪ

امريڪن ۾ لکڻ جي عادت ڏاڍي آهي، نصيحتون، اطلاع، گاريون، خوشخبريون- مڙيئي ڪجھ نہ ڪجھ جتي ڪٽي لکيل نظر ايندو. آفيسن جي ڏاڪٽين وٽ: "ڏاڪا استعمال ڪريو"، پاڻي پيئڻ جي پٽن وارن گلاسن تي، (جيڪي جهاز تي مزور آڻين ٿا)، "Carelessness-Danger" يا "Greasy Spots-Danger" لکيل، پيٽرول پمپن ۽ رستن تي باٽ رومن ٻاهران: "Signal Breaker is Law Breaker" اسپتالن جي Toilet ۾ وڃ تہ سامهون لکيل هوندو: "پيشاب اڃان نہ ڪريو- تي سگهي ٿو ڊاڪٽر کي توهان جي پيشاب جي نموني جي ضرورت پوي."

هاءِ وي تي هر پندرهين ويهين ميل بعد "Think" لکيل - يعني 'سوچيو'! ڇا سوچيو؟ اها خبر ئي نہ. شايد ان سوچ بابت سوچيو.

نيويارڪ جي سب وي ۾ اسپري پينٽ ۽ مارڪنگ ۾ سان پتين تي گاريون، گاڏين تي گاريون ۽ بينچن تي گاريون. گرافٽيءَ جو بهترين شاهڪار ملندو. ساڳيو عالم سينٽرل پارڪ ۽ ۾ پارڪن جو آهي. ۾ کا کهاڻي نہ تہ "Tom Loves Nancy" فلاڻي جو فلاڻي سان پيار. سڄي شهر جي عاشقن معشوقن جي Uncensored لسٽ وٽن جي ٽڙن تي ڪرديل.

۽ شل نہ ڪنهن شيديءَ جا ڏوکڙ ڪنهن خراب ٽيٽنون ۾ يا ويٽنگ باڪس ۾ ڦاسي پون. ۾ چار لتون تہ هٽندس ۾ ۾ جي

اطلاع لاءِ ۽ واسطيدارن جي چتاءَ لاءِ ان تي ٽي چار ڪاٽي ٽوڙ گاريون ضرور لکي ويندو. لڳي ٿو ته امريڪا ۾ ٻار ٻچو پاڻ سان مارڪنگ پين يا اسپري پينٽ جو ڊبو کنيو پيو هلي.

○

امريڪا هڪ اهڙو ملڪ آهي جتي دنيا جي هر ملڪ ۽ مذهب جي هوٽل ۽ کاڌو ڪٽي نه ڪٽي ضرور ملیو وڃي. پاڪستاني هندستاني، چيني يورپي هوٽلن کان وڌي، ملئي، ڪئريبين، هوائي ۽ بالڪن هوٽلن تائين آمريڪا ۾ آهن. ۽ هتي جي لوڪل هوٽلن ۾ به کاڌن جا دلچسپ ۽ عجيب نالا آهن. گهٽا هتي جي رياستن سان واسطو رکن ٿا. مثال طور: ورجينا هئر اسٽيڪ، ڪنساس سٽي سئنڈوچ، ڪينٽڪي چڪن، فلوريڊا سن-رائيپ گريپ، فورٽ بوني، بيبي پاريج وغيره. جيئن اسان وٽ دهلي جو حليم، نصرپوري کيرپڑا، سنڌي تريل پلو، پنجاب ڪري، دکني آچار وغيره.

اڄ نيويارڪ جي ڊيلنسي اسٽريٽ ۾ هڪ هسپانوي دڪاندار مون کي اندين سمجهي پڇيو: توهان جي ملڪ ۾ ماٹھو بک مرن پيا، پر ڪٿون نٽا کائين- ڇو؟ هاڻ ڪيس ڪير ٻڌائي ته اهي به ڪائي ختر ڪريون ته ٻارن لاءِ ڪير ڪٽان ايندو، زمين ڪيئن ڪيڙي سگهبي، ٻارڻ لاءِ ڇيٽو ڪٽان ايندو، بار ڪير ڊوئيندو.

هونءَ اسان جي دڪانن تي رکيل گوشت ۽ هتي جي گوشت ۾ اهو فرق آهي ته اسان وٽ گهٽو ڪري وهٽ تڏهن ذبح ڪيو وڃي ٿو. جڏهن صفا پوڙهو ٿئي ٿو، ڪنهن ڪم جو نه رهي ٿو، يا جڏهن ڏسجي ته بيماريءَ مان سندس بچڻ مشڪل آهي ۽ مرڻ تي آهي. نتيجي طور ان جو گوشت به اهڙو ئي گهٽ سوادي ٿئي ٿو. پر

هن پاسي يا جپان، يورپ ۾ جتي هوٽلن ۾ هڪ گوشت جي چاپ (مثلاً Kobe-Steak وغيره) سو ڏيڍ سو رپئي کن آهي، تہ اها ٿئي ٻہ ايتري ئي لذيذ ٿي ۽ اهي وهٽ خاص کهڻ لاءِ پاليا ويڻن ٿا.

هتي جي ڍڳين کي اسان جي مسکين ڍڳين وانگر ڪک ڪانا چهاڙائڻ بدران وڻامن سان ڀرپور خوراڪ ڏني ويڻي ٿي. اليڪٽرڪ مشين ذريعي روزانو مالش ڪئي ويڻي ٿي ۽ ماٹهوءَ کان وڌيڪ سندن صحت جو خيال رکيو ويڻي ٿو. جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ غور ڪيو ويڻي تہ اسان جي ڪيترن شهرن جو پاروٽو ۽ بيمار گوشت لاس اينجلس ۽ ڪئليفورنيا جي هلين ۽ ڪتن لاءِ ٻہ Unhygenic قرار ڏنو ويڻي. ۽ اسان جي پاسي (يعني ننڍي کنڊ ۽ ڏکڻ اوپر جي) ڪيترن ڪوٺن ۾ بارش يا واٽر ڪورس جو ايڏو گندو پاڻي پيئڻ ۾ اچي ٿو جو اڄ جي سائنسي دور ۾ ڪيترن ترقي يافتہ ملڪن جا ماٹهو سوچي نہ سگهن. هڪ امريڪا ۾ ڇپيل گائيڊ بڪ ۾ اسان جي ملڪن جي پاڻيءَ لاءِ خبردار ڪندي Tourist کي صلاح ڏني وئي آهي تہ "ان کان تہ بهتر آهي تہ وسڪيءَ سان گرڙي ڪري ڇڏجي."

○

اڄ محمود ۽ آءٔ جڏهن 'بالٹيمور گهٽي' ڪولي ڪولي ٽڪجي پياسين تڏهن آخر هڪ ٽرئفڪ پوليس واري کان پڇيوسين. نڃاڻ اهائي 'بالٹيمور اسٽريٽ' هئي جتان پوليس واري کان پڇي رهيا هئاسين. پوليس وارو ٻہ ڪو چرچائي ۽ حاضر جواب هو. تنهن ڪري ڇڏجي بهترين موڊ جو مظاهرو ڪندي چيو:

You are sailors. Aren't you-?

اسان هائوکار ۾ جواب ڏنس.

"Well" هن کلندي چيو، "فور ائنڊ آفٽ".

دراصل اهو ٽرم جهاز تي استعمال ٿيندو آهي. جهاز جي اڳئين حصي کي Fore ۽ پوئين ڪنڊ کي Aft سڏبو آهي جهاز جي ڊيگهه جي ڳالهه ڪرڻ وقت 'فور ائنڊ آفٽ' ٽرم استعمال ڪبو آهي.

بالتيمور گهٽيءَ جي ڪنڊ تي مڪدونالڊ جو دڪان آهي جتي هئمبرگر کائڻ لاءِ آياسين. دڪان ۾ ماٺهن جي ڏاڍي پيهه هئي. اسان به قطار ۾ بيهي رهياسين. مس مس جڏهن اسان جو وارو اچڻ وارو ٿيو ته ايتري ۾ هڪ ڪاتل ڪپڙن ۾ بوٽ پالش ڪرڻ وارو شيدي ڇوڪرو (ڏهه سالن ڪن جو ٿيندو) ڦڙتائيءَ سان اسان کي ٽورو پوئتي ڪري، پنهنجي بوٽ پالش واري ڏهي تي بيهي، پندرهن سينٽ Sales Girl اڳيان اڇلي Cookies جي گهُر ڪئي. هوءَ ۽ ٻيا جيتوٽيڪ ڏسي رهيا هئا ته هي وچ مان اچي بيٺو آهي ۽ ويتر رعب سان ائين آرڊر ڪري رهيو آهي جڙ سڙو دڪان خريد ڪندو. پر سيني کي سندس ان ادا تي ڪاوڙ بدران ڪل آئي. ڇوڪريءَ به سندس اڇلايل پندرهن سينٽ ميڙي چونڊي، بسڪٽن جو پاڪيٽ ڏيئي ڪائنس جهڪي پڇيو: "What else Sir" (ٻيو ڇا ڪپي سر؟) ڇوڪري لفٽ نه ڏيندي وراٽيس. "Thats All" (ٻيو ڪجهه نه).

ٻن ٽن ڏينهن ڪان پوءِ هڪ دفعي سئينما هال مان جهڙو نڪتاسين ته محمود چيو ته يار Sir پيو اچي. سامهون ڏسان ته اهو پالش وارو ساڳيو شيدي ڇوڪرو، ساڳين ڪاتل ڪپڙن ۾ پالش وارو ڊٻو وڃائيندو ڳائيندو پيو اچي.

شام جو پندرهن سينٽن جون ڪيز ڪائڻ واري هن ڇوڪري جهڙو خوش ۽ فڪرن کان آزاد مون هن وڏي شهر ۾ ٻئي ڪي نه ڏٺو.

O

امريڪا ۾ صبح جي خبرن ۾ ٻوڙن لاءِ اشارن ۾ خبرون پيش ڪيون وڃن ٿيون. نئون ماڻهو ته سمجهندو ته شايد همراهه چريو آهي جو اشارا پيو ڪري.

O

دولت مند امريڪن کي هر ڳالهه لاءِ ڊاڪٽر سان Consult ڪرڻ جي ڏاڍي پٽَ آهي. آءُ سمجهان ٿو ته هار جي ٻِٻ بدلائڻ لاءِ يا پنهنجو نڪ صاف ڪرڻ لاءِ به صحيح قسم جي اسپيشلسٽ کان صلاح ونڊا هوندا- پوءِ اها هي ڳالهه آهي ته امريڪا ۾ هر ڊاڪٽر Specialist ڏي نظر اچي ٿو.

هتي جا ماڻهو موت کان به ڏاڍو ڊڄن ٿا. شل نه ڪا معمولي بيماري به لڳين. اڏ ساهه هليو ويندن.

هتي جي ماڻهن جي هڪ هي ڳالهه، اسان وانگر يڪدم رکيل پراڻيون دوائون استعمال نه ڪندا. متي جي سور لاءِ دڪان تان ڪٿي Aspirin جي گوري پنجويهن سينٽن جي وڻن ۾ ڊاڪٽر کي پنجويهه ڊالر ڏيئي ان کان Confirm ڪندا ته ڪائڻ ڪپي يا نه.

O

نيو اورلينس ۾ هڪ دڪان تي شينهن جي کل وڪامي رهي هئي. مٿس چار هزار ڊالر (يعني چاليهه هزار رپيا) قيمت لکيل هئي. اهو ڏسي محمود فرج انجنير چيو ان کان ڪنهن بنگاليءَ کي ٻه هزار رپيا نه ڏجن ته سندر بن ٻيلي مان جيئرو شينهن آڻي ٻيهاري.

O

اڄ بالٽيمور گهٽيءَ ۾ ٻه پاڪستاني ڇوڪرا مليا. هڪ جو نالو

نثار ۽ ٻئي جو عزيز. ھڪ بھاولپور جو ۽ ٻيو ملتان جو. نہ ڄاڻ نہ سڃاڻ، اسان سان وڏي حب سان مليا، ۽ ساڻن ڄانھن پيڙ لاءِ چوڻ لڳا. گھٽي نتائڻ بعد بہ زور ڪرڻ لڳا. اسان بہ سندن خلوص مان ڏاڍا متاثر ٿياسين تہ ھڙن مشغول ملڪن ۾ تہ ٻاءُ ڪي ٻاءُ لاءِ فرصت ناھي، پر ان ھوندي بہ 'پنج ٻي آڳريون برابر ناھن' وارو قصو آھي. اسان ھن سان گڏ ڄانھن لاءِ ھوٽل ۾ ويھي رھياسين. ھن ڪي ملڪ ڪان آئي ٻہ سال ڪن ٿيا آھن. ڏاڍو ڏکويل لڳا ٿي ۽ وطن ڪي ياد ڪيائون ٿي. پاڻ فارماسسٽ Pharmacist آھن. ھڪ Reeds جي ڊرگ اسٽور ۾ ٻيو 'يونين ميموريل اسپتال' ۾ ڪم ٿو ڪري. امريڪا ۽ امريڪن مان ڏاڍو متاثر ٿا ڏسجن. گھڻن ڏينھن ڪان ڪين ھتي ڪو ھم وطني نہ مليو ھو. ڳالھين ڪان سندن اندر ڦاٽو ٿي. اسان سندن ڳالھيون چپ چاپ ٻڌندا رھياسين جن ۾ ڪي دلچسپ، ڪي غور و فڪر واريون، ڪي سندن ذاتي خيال ھئا.

"امريڪن ڪم جي معاملي ۾ ڪتا آھن،" عزيز ٻڌايو، "امريڪن چون ٿا تہ اسان ھفتي جا پنج ڏينھن گڏھ وانگر ڪم ڪنداسين، آخري ٻہ ڏينھن عيش- ۽ ايتري ڪم ڪرڻ واري ڪي عيش جو حق آھي. ھتي جا ماڻھوڪمائين ٿا تہ Tax بہ دل کولي ڏين ٿا- ۽ ان جو ڪيڏو حصو اسان جھڙن غريب ملڪن جي سست ۽ ٽوٽي ماڻھن کي مدد جي صورت ۾ ملي ٿو. مان تہ چوان ٿو ھيءَ ھڪ عظيم قوم آھي. سائين معاف ڪجو، اسان کي حقيقت پسند ٿيڻ ڪپي. اسان وٽ پاڪستان ۾ تہ ڇا پر ھتي جي پاڪستاني ايمبسي ۾ بہ رشوت پئي ھلي. اسان وٽ نہ ڪئريڪٽر آھي، نہ ايمان، نہ دنيا.

" هينئر ڊاڪٽر شريف، جو هتي جو تمام وڏو ڊاڪٽر آهي سو پنهنجي وطن ۾ گهٽ پگهار جي باوجود ۾ ويڙ ٿو چاهي، جيئن اتي سندس ڏات مان ماڻهو فيضياب ٿين، پر افسوس جو اهڙي ماڻهوءَ کان ۾، ايمبسيءَ جو هڪ ڪلارڪ رشوت وٺڻ جي چڪر ۾ آهي. پنهنجي ايمبسيءَ جي اها حالت آهي جو سنئين منهن کو ڳالهائي نٿو. داد فرياد ۾ ڪنهن وٽ ڪٽي ويون. عمارت اهڙي آهي جو ڇا ڳالهه ڪجي. چوڌاري گند لڳو پيو آهي. جيڪڏهن چون ته اسين پاڪستاني ڏهه ڏهه ڊالر ڏيون ته ۾ ڏهه هزار ڊالر ٿي وڃن رنگ روغن لاءِ. آخر هر ملڪ جو سفارتخانو ان ملڪ جي ڪردار جو آئينو آهي. ٻين ملڪن جا ماڻهو ڇا سوچيندا. اسان ته اندر جي ڳالهه اندر ۾ ئي رکيو پيا هلون."

نثار تعليم بابت ٻڌايو ته، "پاڪستان ۾ فارميسي اسڪولن جي ڇوڪرن تي اهو ڪورس ۾ رکيو وڃي ته هو هر سال گهٽ ۾ گهٽ ٽي مهينا موڪل جا ڪنهن اسپتال يا ڊرگ اسٽور ۾ ڪم ڪندا جيئن امريڪا ۾ ٽئي ٿو. پاڪستان ۾ فارمسسٽ فقط انڊسٽري لاءِ تيار ڪيا وڃن ٿا سا ۾ صحيح تعليم نٿي ڏني وڃي، نتيجي طور هتي جڏهن اسان ڊرگ اسٽور ۾ آياسين ته تکليف ٿي. ٻيو ته هتي امريڪا ۾ هرڪو مزور آهي، چاهي فئڪٽريءَ جو مالڪ ڇو نه ڪٽي هجي. پر اسان وٽ ايندو همراهه کي ڪجهه ڪونه رڳو زور وڏي نالي ءِ لقب سڏائڻ تي. هتي فارمسٽ اهي ٿا سڏائين جيڪي ڊاڪٽرن کي ۾ گائيڊ ڪري سگهن ءِ هرڪو پنهنجي پنهنجي هنر ءِ ڏنڊي ۾ قابل آهي.

Teracycline + Maalox (Antacid)

انٽرائڪشن انهن ڊرگس جو آهي. پر هتي نٿا ڏين جو فارماسسٽ هوشيار آهي. يڪدم ڊاڪٽر کي فون ڪندو ته هي غلط آهي ۽ ڊاڪٽر چوندو ته مون کان پل ٿي وئي، وغيره. پر پاڪستان ۾ ڊسپينسر ڏيئي ڇڏيندو.

هتي ڊسپينسنگ به فارمسسٽ کي ڪرڻي پوي ٿي پر پاڻ وٽ فارمسسٽ کي ڪجھ ڪونہ ٿو اچي. مثال طور Ampicilliar ڪئپسول ڪيترو به ٻاهر رکيو هجي، ٺيڪ آهي. پر هڪ دفعو Liquid ٺاهڻ کان پوءِ Suspension جي صورت ۾ ٻاهر هفتو ۽ فرج ۾ چوڏهن ڏينهن کان اڳ استعمال ڪرڻو آهي. پر اسان وٽ ڪيترين دوائن جو مدو ختم ٿيو ويو، پر استعمال پيو ٿئي ۽ ڪا پرواھ ناهي. نتيجي ۾ مريضن ويچارن کي ڪو فائدو نٿو ٿئي، الٽو هو وڌيڪ مصيبت ۾ قاسيو ويڻن. بهرحال اهي سڀ ڳالهيون سوچڻ، فارماسسٽ جو ڪم آهي."

O

اڄ نيويارڪ جي سب وي ۾ گاڏيءَ جو انتظار ڪندي سوچيندو رهيس ته نيويارڪ شهر ۾ ايڏي صفائي ڇو نہ آهي جيتري هئڻ کپي. يا جيتري امريڪا جي ٻين شهرن ۾ آهي.

مان سمجهان ٿو ته ان جو مکيہ سبب اهو آهي ته نيويارڪ ۾ امريڪن کان وڌيڪ ڌاريان رهن ٿا جي ڪمائيءَ خاطر فقط ڪجھ عرصي لاءِ هتي اچن ٿا ۽ هنن کي هتي لاءِ ڪو خيال نہ آهي. شهر صاف رهي يا نہ، کين ڪجھ ڏينهن گذاري هليو وڃڻو آهي. آخرڪار هي سندن شهر ناهي. هنن کي پنهنجي ڪمائيءَ سان سروڪار- پوءِ پاڻ ڪٽي افريڪن هجي يا پورٽوريڪن. وينزوئلا

جو هجي يا ڪُريين ٻيٽن جو. چيني، ملئي يا انڊونيشين هجي يا فلپينو. هنن جي دل ۾ اهو ته احساس آهي ڪونه ته "هيءَ منهنجي شيءِ آهي. هي شهر ۽ ان جون گهٽيون منهنجيون آهن."

جهڙي طرح انگلنڊ ۾ جئميڪن، پاڪستاني ۽ انڊين جو حال آهي. هو پنهنجي وطن ۾ ته وڏا ۽ صاف گهر ٺهرائي رهن ٿا پر انگلنڊ ۾ هڪ هڪ ڪمري ۾ ڏهه ڏهه ڇٽا ٿي رهن ٿا. پنهنجي وطن واپس وڃي ڳوٺن ۾ به ڪاڪوس فلٽش سسٽم تي ٺهرائين ٿا پر انگلنڊ ۾ سندن کو ڪندا ڪاڪوس، بدبودار گهٽيون ۽ درن درين جا ميرا پڙدا ڏسي- هو اهو ئي سوچين ٿا ته ڪجهه به هجي انگلنڊ وري به هنن لاءِ پرايو آهي. برادِ فورڊ، ريڊس، مانچسٽر وغيره ڪڏهن به پاڪستان جو ميرپور، هندستان جو بئنگلور يا جئميڪا جو ڪنگسٽن نٿو ٿي سگهي.

○

نيو اورلينس –

اڄ هڪ ڪتاب ۽ رسالا وڪڻڻ واري ڇوڪري، جهاز تي، ڪئپٽن محسن وٽ آئي. تنهن پنهنجي مٿي ڪي سور کان بچائڻ خاطر هن کي مون ڏي موڪليو. هن کي ڪنهن مقرر انگ تائين انسئڪلوپيڊيا، رسالا ۽ ٻيا مختلف ڪتاب وڪڻي انڪل لک ريين ڪن جو ٽارگيٽ ٺاهڻو هو، جنهن تي هن کي انعام ملڻو هو. هوءَ مون کي خريد ڪرڻ لاءِ زور ڀرڻ لڳي ۽ جهاز تي ۽ پنهنجي ملڪ ۾ ٻيا خريدار به ٺاهڻ لاءِ چوڻ لڳي. مون کيس سمجهايو ته اسان ايشيا جا غريب ماڻهو ان پوزيشن ۾ نه آهيون جو ايڏي ڳري رقم ڪتابن پٽيان خرچ ڪري سگهون. اسان جي ملڪ ۾ ته کو ٽيهه

سينٽ روزانو ڪمائي ٿو تہ ھو پاڻ کي خوش نصيب سمجھي ٿو تہ ھن کي ڪو انڊو منڊو روزگار تہ آھي. ڪيترا اھڙا بہ غريب آھن جن کي اھو بہ نٿو ملي. سو ايشيا ۽ افريڪا جي غريب ملڪن جي جھازن تي وقت وڃائڻ بدران يورپين ۽ امريڪن جھازن تي ڪوشش ڪر.

" ڪيترا ڪتاب اھڙا آھن جي آءٌ پڙھڻ چاھيان ٿو پر ايا تائين ھيڏي نوڪري ھوندي بہ انھن جي ڇڙي قيمت برداشت نٿو ڪري سگھان." ڪيس مون پنھنجو ڪتاب 'منھنجو ساگر منھنجو ساحل' (چاپو 1971ع وارو) سائڊي چئين رپئي وارو ڏيکاريو تہ ھي پنجٽيھ سينٽن جو بہ ڪيترا ماڻھو، دل چاھيندي بہ نٿا وٺي سگھن، جو اھا قيمت بہ ڇڙي آھي. سو ھي ھيڏا مھنگا سون رپين وارا ڪتاب، Vogue ۽ ڊڪشنريون ۽ ٻيا ھي ٽيٽ فئشن، سائنس ۽ سياست تي ڪتاب، ۽ نيويارڪر جھڙا رسالا ڪير پاڪستان ۾ خريد ڪندو. ۽ جي ڪو 'ووگ' جھڙو رسالو ڪنھن کي پڙھڻ لاءِ ملي بہ وڃي تہ بہ انھن ڪتابن جو ڪھڙو فائدو جنھن ۾ Make - up ۽ نت نئين فئشن جا ڪپڑا پائڻ جا استائيل ڏنل آھن. اسان جي ملڪ جون غريب عورتون تہ 'سوجھرو' جھڙو پندرھن سينٽن جو رسالو بہ خريد ڪري نٿيون سگھن، سو ڪير ھي رسالا خريد ڪندو.

افسوس جو آءٌ سندس کا مدد ڪري نہ سگھيس.

○

ٿوريءَ دير بعد اسان جو جھاز ھتان نيو اورلينس کان Sail ڪندو. دريءَ مان ڊيڪ تي خلاصين کي ھٿ بند ڪندو ڏسي رھيو آھيان. کي، ڊيرکون سڏيون ڪري رھيا آھن، جيئن طوفان يا خراب سمنڊ ۾ بچاءُ رھي. ھتي جا شيدي مزور ڪپڑا ڇنڊي، پاڻي

پي وڃڻ جي تيارين ۾ آھن. جھاز بلڪل مسي سپي نديءَ تي اڏيل پل وٽ لڳل آھي. آفت جيڏي پل متان بسون، ٽئڪسيون، موٽرون لاريون گذري رھيون آھن. پل جي ھيٺيان رکي رکي جھاز، ٽگ، فيريون، ٻيڙيون ۽ بارجن جا قافلا گذري رھيا آھن. نديءَ جي ڪناري تي ڪارخانن جون چمنيون ۽ پاڻيءَ جون ٽانڪيون ۽ اليڪٽرڪ پول نظر اچي رھيا آھن. مسي سپي Mississippi جو ميرو رَءَ وارو پاڻي ڏسي پنھنجي سنڌو ندي ٿي ياد اچي. ڄام شورو جي پل وٽان لنگھندي ھڙو ڏوڙانڊيل پاڻي مستي ۾ وھندو نظر ايندو آھي. ۾ ھن دفعي پاڻيءَ بدران سنڌونديءَ جي پيٽ مان ڏوڙ اڏامندي ڏسي اکين ۾ ڳوڙھا تري آيا. پوڪ ٽ پري جي ڳالھ ٿي، ماڻھو پيئڻ لاءِ پاڻيءَ لاءِ آتا ھئا.

○

امريڪن ميوزڪ جا ڪوڏيا آھن يا نہ. ۾ اھو ضرور چوندس ٽ ميوزڪ جا عادي ضرور آھن. ڪين ھر وقت ميوزڪ ڪپي. گاڏين ۾ ميوزڪ، ھوٽلن ۾ ميوزڪ، ھوٽلن جي ڪاڪوسن ۾ ميوزڪ، اسپتالن ۾ ميوزڪ، دڪانن تي ميوزڪ، ڪار ۾ ميوزڪ. ۽ تيسين ڪار ھلائڻ جو مزو نہ ايندن جيسين ميوزڪ نہ ھلي. ان ڪري ريڊيو کي اڪثر بند نہ رکن. انجڻ جي چاپي گھمائڻ سان ريڊيو وڃڻ شروع ٿيندو آھي ٽ انجڻ بند ڪرڻ تي ريڊيو بہ بند ٿئي. ۽ جيسين ميوزڪ نہ وڄي، ٻاتازو محسوس ڪن ٿا. انگلنڊ، يورپ، جپان پاسي بہ ميوزڪ جام آھي پر امريڪا ۾ جيترين ريڊيو اسٽيشنون آھن ۽ لڳاتار چوويھ ڪلاڪ (Uninterpreted) ميوزڪ ھلي ٿي اوتري ڪٿي بہ نہ ھوندي. خاص ڪري امريڪا ۾

شيدين جي ريڊيو اسٽيشن جي کڻڻي ڳالھ ڪجي. ھونءَ ٻ ڪارن کي سڃو ڏينھن گوڙ ۽ ميوزڪ کان علاوہ ٻيو کڻڻو ڪر آھي.

ساڳيو حال ٽي وي اسٽيشنن جو آھي. سمجھ ۾ نٽو اچي تہ کڻڻو چئنل رکجي. جتي اسان جو جھاز بيٺو آھي ان جي ڀر واري عمارت I.T.M بلڊنگ ۾ ٻ ھڪ ٽي وي اسٽيشن آھي، ۽ فقط ان بلڊنگ ۾ ايترن فرمن ۽ فئڪٽرين جون آفيسون آھن جو رڳو انھن جا اشتھار ان ٽي وي اسٽيشن کي ھلائڻ لاءِ ڪافي آھن- پاڻ بچت ٿيندي ھوندن.

O

نيو اورلينس ۾ ھر سال ماردي گراس نالي فنڪشن ٿئي ٿو. جيڪو ڏھ ڏينھن کن ھلي ٿو، ۽ ان کي ڏسڻ لاءِ سڄي امريڪا کان تہ ڇا پر يورپ کان ٻ ماڻھو اچيو نڪرن. عاشوري جي ڏينھن وانگر ھر ڪھڙيءَ جا ٻئي پاسا ماڻھن سان جھنجھيل ھوندا آھن ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ اڳ جاءِ والارڻ لاءِ ماڻھو اچي ڪڏ ٿيندا آھن تہ جيئن جلوس نڪري تہ ويجھڙائيءَ کان ڏسون.

ھي خوشيءَ جو جلوس (Mardi Gras) فرينچن جي ڏينھن کان ھلندو اچي، جڏھن ھنن جو .U.S.A جي ھن رياست لوزيانا تي راڄ ھو. جلوس فرينچ ڪوارٽرز کان نڪرندو آھي. مختلف اسڪولن، ڪاليجن، يونين، انسوسيئشن ۽ ڪلبن جا ماڻھو الڳ الڳ فلوٽ ڪڍن. پنجاھ سٺ کن مختلف گروپ ھوندا آھن. ھر گروپ سان ڪڏ ھڪ آفت جيڏو فلوٽ ٺرکن ۽ جيپن تي ھلندو آھي. مثال طور ڪنھن تي باھ پئي ٻرندي ۽ لکيل ھوندو "Fire of Hell" (دوزخ جي باھ)، ڪنھن تي پري ٽھيل ھوندي ۽ وڏن اکرن ۾ "سندريلا"

لکيل. اھڙي طرح ڪنھن تي پاندورا، ڪنھن تي قلوپطره ۽ ڪنھن تي ڪليوپٽر يا ھرڪيوليس. ڪيترن تي ۽ جوڙا جوڙا ۽ انھن تي "روميو جوليٽ" جھڙا نالا. ھڪ تي ۽ "ممتاز محل ۽ شاھجھان" ٻہ ھو. ھر ھڪ جي اڳيان پويان ميوزڪ، بئنڊ ۽ سون جي تعداد ۾ نچندڙ ڇوڪريون ۽ مسخرا. بت جي پرسان پليٽ فارم تي ڇوڪريون مختلف يونيفارمن ۾ ٻيھي، ڇاڪليٽ، موتين جا ھار، چاٻين جا ڇلا، سڪا، بڻج ۽ ٻيون ننڍيون ننڍيون شيون مٺيون پري ڏسندڙن ڏي اڇلائيندیون آھن. شين جون ھڪڙيون ڳوٽيون ڪپنديون آھن ۽ ٻيون ايندیون آھن. گھٽو ڪري ڏسڻ وارن جو زور سڪن ۽ ٻلن (بيجن) چونڊڻ تي ھوندو آھي. پوء جتي ٻہ ڪرن ۽ اتي چونڊڻ وارا ڪريو پون. ڪڏھن ۽ ھڪ ئي وقت چار پنج ھٿ ۾ اڇيو وڃن، ڪڏھن ۽ ڪجھ ٻہ نہ. ڪڏھن ۽ ماڻھو چيڀاٽجيو ٻہ پون.

اڄ کان ٿي سال اڳ جڏھن ماردي گراس جي ڏينھن ۾ آيا ھئاسين، ۽ اسان جي جھازين کي ٻہ اھي شيون گڏ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق ھو. جھاز تي روز شام جو گڏ ڪيل مال ھڪ ٻئي سان ٻيٽي داد وصول ڪندا ھئاسين. ھڪ جلوس لنگھيو. سڪن جي مٽ اڇلياٽين. ھڪ سڪو اسان جي اڳيان اڇي ڪِريو ھو. سڀ جھڪيا، سڀ کان تکو آءُ ٿي سِڪي کي پاڻ ڏي ڇڪي ان مٿان ھٿ ڪٽي رکيم- يعني منھنجو ٿيو. ٻيا آڻ مڃي پري ٿي ويا ۽ ھڪ حبشڻ، ٿلھي عورت، سئنڊل سوڌو پير ڪٽي منھنجي ھٿ تي رکيو ۽ پنھنجو چار مڻ وزن منھنجي ھٿ تي Transfer ڪندي وئي. مون کي اڇي جان جي لڳي. جڏھن حد کان وڌيڪ ھٿ ڇپجي ويو ۽ آخر ھٿ ڪڍي ساٽس وڙھڻ لڳس.

"مون سکي تي پھرين ھٽ رکيو." مون ھٽ مھٽيندي چيومانس.

"پر ڏنو پھرين مون." سانَ جھڙي عورت چيو.

"قاعدي موجب منھنجو ٿيو."

"ھيءَ کا بيس بال راند ناھي، مسٽر." ھن وراڻيو ۽ سکي کي کٽي پنھنجي کيسي ۾ وڌو.

ماردي گراس واري ڏينھن شراب ۾ ڏاڍو ھلندو آھي. بيئر جا ڏٻا ته ھرھڪ جي ھٿن ۾ ھوندا آھن. کي چمڙي جي نڊين پخالن ۾ وسکي، يا ٻيو پسند جو شراب وڃي ھلندي چلندي پيئندا آھن. نتيجي طور کيترا ته نشي ۾ ڌت ٿي ٽڏي فٽ پاٽ تي کريا پيا ھوندا آھن جن کي پوليس جي گاڏين ۾ ڀري ھڪ Dump House ۾ گڏ کيو ويندو آھي. کي نشي ۾ اچي گاريون بکندا آھن. کي ھڪ ٻئي کي خالي بوتلون ھڻي مٿا ڦاڙيو ويٺا ھوندا آھن. جيتوٽيڪ سَون جي تعداد ۾ پوليس ۽ فوج ھن ڏينھن ۾ پٽرولنگ کندي آھي، تڏھن ٻ کجھ نہ کجھ گھمسان متو رھندو آھي.

انھن ڏينھن ۾ عربن ۽ اسرائيلن جو جھڳڙو ھلي رھيو ھو ۽ امريکن جون عربن تي خارون ھيون. ۾ واري ٻار مان ھڪ شرابين جو گروپ، عربن کي گاريون ڏيندو ٻاھر نڪتو ۽ اسانجي سامھون ٻبھي، رستو روکيو. انھن مان ھڪ پنھنجو سينو تاڻي فورٽ انجنير عباس کان پڇيو:

"ڇا توھان عرب آھيو-؟"

اسانجو 'چار صاحب' جيسين جواب ڏئي، يا کو سندس يا منھنجي منھن تي ٽونشو ھڻي، ان کان اڳ مون دانھن کري انھن موالين جي جڳي کي چيو: "

"No Sir, we are not from Arab Countries ."

تڏهن وڃي هو ٺڏا ٿيا، نہ تہ عرب اسرائيل جنگ جو فيصلو نيو اورلينس جي ڪنال اسٽريٽ تي، اسانجي لاشن متان ٿئي ها.

O

شپ چانڊلر عورت جيڪا اسان جي آفيس طرفان جهاز جو اسٽور ڏيڻ ايندي آهي تنهن ٻڌايو تہ ماردي گراس بعد روزو رکڻو پوندو آهي، چاليهن ڏينهن لاءِ شراب ۽ Sex کان پرهيز ڪبي آهي. ۽ پوءِ خوب ڪلي.

ڪئپٽن محسن خان چيس: "توهان وٽ غمي ٿئي تہ بہ شراب پيو. خوشي ۾ بہ شراب. ڪوڪا ڪولا ۽ Sex جو ساٿ مرڻ تائين نہ ڇڏيو. چاليهہ ڏينهن تائين ڪو روزو بہ رکي سگهندو آهي؟"

"ان ڪري تہ ڪلي رهي آهيان." هن چيو.

پاڻ، يعني متين پوڙهي شاهوڪار عورت، اسان جي چيف آفيسر مظهر زيديءَ کي پٽ ٺاهيو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ٻيا جهازي هر بندرگاهہ تي گرل فرينڊ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پر اسانجو مظهر شل نہ ڪا مرڻ جي قريب امير پوڙهي ڏسي، يڪدم ماءُ ٺاهيندس.

هڪ ڏينهن منهنجا پئسا ختر تي ويا. سنجيدو تي مظهر کان پڇيو: "امريڪا جي ڪنهن بندرگاهہ ۾ تنهنجي ڪا ماءُ ايجا نہ مئي آهي-؟"

"ڇامطلب-؟"

"مطلب هي تہ ڪجهہ پئسا تہ توکي بہ ورڻي ۾ ضرور ملي ويندا ۽ توکان اسان Simple يا Compound انٽريسٽ تي 'اڌار' وٺي سگهنداسين. گهٽ ۾ گهٽ 'پنڊ' ۽ 'چورائڻ' کان تہ بچي پونداسين."

O

ماردي گراس ۾ پين فلوٽن کان علاوہ ڪجھہ هي بہ هٿ:
مصري حُور، تارن سان چٽيل آسمان، Winged Dragon، مغرور مور، اندلڪ ۽ ڊڇٽو شينهن.

O

بوربن اسٽريٽ ۾ بہ نيم اگھاڙيون ڇوڪريون، نشي ۾ ڌت هڪ ٻئي سان وڙهي رهيون هيون. سندن هر ٻيو جملو اها ڪچي گار هئي جيڪا مردن کي ڏيڻ کپي. ايندڙ ويندڙ هپي کين چڏائڻ بدران بہ ڏريون ٺاهي پنهنجي پنهنجي ڏر کي Cheer-up ڪرڻ لڳا. کي جوڙا ته ير ۾ بيٺي بہ اهو گوڙ محسوس نہ ڪري رهيا هٿ ۽ ڏاڍو آرام سان هڪ ٻئي جا چپ چٽي رهيا هٿا ته رهاٽيون بہ ڪري رهيا هٿ. مٽيون جهيڙو اوچتو بنا اطلاع جي زباني گارين مان ڦري هٿين لتين تي ويو. حبشي ڇوڪريءَ جو هٿ گوريءَ جي برئزير ۾ پٽجي ويو ۽ ست سان برئزير ڇڇڻ تي، ان ۾ رکيل ڪليا پئسا ۽ لپ اسٽڪ وغيره بوربن اسٽريٽ ۾ پکڙجي ويا. ڪجھہ تماشبين چوندڙ لڳا. گوريءَ ڇوڪريءَ گاريون ڏيندي سيني کان اوڳڙ ڪئي. ايتري ۾ پوليس جي گاڏي ڳاڙهي بتي ٻاريندي 'رَون رَون' کندي اچي پهتي ۽ ٻنهي ڇوڪرين کي کنيي کٽي واري گاڏيءَ ۾ هنيو. هاڻ ٻئي ڇوڪريون هڪ ٽي پوليس وارن کي گاريون ڏيندیون رهيون. گاڏي رواني ٽي، باقي هجوم پوليس وارن کي "Pig - Pig" چئي چيڑائڻ لڳو. پوليس وارا رستو خالي ڪرائڻ لڳا، جو ٽرئفڪ جئم ٽي ٽي. آخر ٽرئفڪ جاري ٽي ته عين ان وقت هڪ شرابيءَ کي رستو ٽپڻ جو خيال آيو. پوليس واري دانهن

ڪري چيس:

"Dont Cross Now."

تہ هن ماڳهين کو سمجهيو تہ پوليس وارو بندوق ڏيکاري "Hands-Up" پيو چوي. سو هٿ مٿي کڻي وچ رستي تي بيهي رهيو ۽ وات سان پوليس جي گاڏيءَ جو آواز: 'رون رون رون' ڪيڻ لڳو. هڪ دفعو وري ٽرئفڪ جئم ٿي ويئي.

آئون ڪنڌ ۾ ٻين اخباري رپورٽرن ۽ T.V فلم وارن سان گڏ، ڊائري تي ڪجهہ لکڻ لڳس. ۾ ٻ بيڻل هڪ هپيءَ پڇيو تہ ڇا پيو لکان. ڪيس ٻڌايم تہ ماردي گراس بابت پيو لکان.

"ڪجهہ وڌيڪ معلوم ڪرٽو هجي تہ مون کان پڇ" هن چيو. مون ڪانئس ماردي لفظ جي Spelling پڇي ڇا ڪيس ڇو تہ مون چيومانس ٿهيو ايتري ضرورت ناهي. پوءِ پاڻ ويو سو الائي ڪٿان پاڻ جهڙي هڪ ٻئي هڏائين پڇري کي وٺي آيو. تنهن اڇ سان پهرين ماردي گراس جي غلط اسپيل ٻڌائي آنگ لاتي ۽ پوءِ هٿ ملائي پڇڻ لڳو تہ آيا آئون جرنلسٽ آهيان. مون ٻ تڪلف خاطر پڇيومانس تہ هن شهر نيو اورلينس جو آهين؟

نيو اورلينس شهر جي ماڻ ٻيڻ کي ڪچي گار ڏيندي، ٻڌائين: "نہ. ڪنساس اسٽيٽ جو آهيان."

O

بوربن اسٽريٽ جي ۾ واري گهٽيءَ Magzine Street ۾ هڪ ڏينهن (ماردي گراس وارن ئي ڏينهن ۾) چار پوڙها 'نوجوان ٿهيءَ' کي نصيحت ڪرڻ لاءِ تہ هي دنيا چار ڏينهن جو چشکو آهي ۽ 'پوءِ-دنيا' جو ٿمر ٿاهيو، بائيبل جون Quotations انگريزي ۽

هيبريو ۾ پوسٽرن تي لکي آهستي آهستي گهٽي ۾ هلڻ لڳا. پر جتان ٿي لنگهيا ڇوڪرن ڇوڪرين مٿائن هوٽنگ ڪئي ٿي. هڪ ٻن ته ڪين ٻيئر جي گلاسن مان برف ڪيي هنئي.

O

هڪ ڏينهن Desire استريٽ کان پنجاهه سٺ شيدي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هڪ ٻئي جي پٽلونن ۾ هٿ وجهي 'ڪوڪ-گاڏي' ٺاهي ڊوڙڻ لڳا ته اچي ڪئنال استريٽ ۾ نڪتا ۽ ماردي گراس جو جلوس روڪڻ لڳا. پوليس کين اها گاڏي ٽوڙڻ لاءِ چيو پر هنن نه مڃيو. آخر گهوڙي سوار پوليس هنن جي وچ ۾ گهوڙن کي ڊوڙايو ۽ انهن جي خيالي ڪوڪ گاڏي ڇيتون ڇيتون ٿي وئي.

O

هڪ ڏينهن ماردي گراس ڏسي جهاز تي موٽياسين پئي ته هڪ همراهه اسان کي سندس ڪار ۾ لفٽ ڏني. اتفاق سان هو ڪنهن جهاز تي خلاصي رهي چڪو هو. سو پاڻ ۾ خبرون ڪندا آياسين.

پاڻ سڃي واٽ ڊرائيونگ ۾ ڪندو رهيو ته اسان سان ڳالهيون ۾ ۽ ساڳي وقت پنهنجي زال کي ياڪر پائي چميون ۾ ڏيندو رهيو.

زيديءَ ساٿس ڳالهائيندي ڳالهائيندي وچ ۾ مون کي اڙدوءَ ۾ چيو ته پاڻ کي ڈيڪارڻ لاءِ شو پيو هٽي. گهر پهچڻ سان سندس ۽ جوٽس جو هڪ ٻئي کي گار جو ڦهڪو هوندو. باقي هتي رڳو ڈيڪاءَ لاءِ ڪوڙو پيار پيو ڪري.

هڪ دفعو اڳ ۾ ٻڌائي چڪو آهيان ته امريڪا ۾ پهريان ڏينهن ته نه اسان جي انگريزي ڪنهن کي سمجهه ۾ آئي ٿي ۽ نه وري ڪنهن امريڪن جي اسان کي ۽ پوءِ ڪيترا لفظ رهجي ويندا

هئا. ان جو هڪ مثال اهو به آهي ته متين همراهن جي ڪار ۾ لفٽ ونڊي، زيدي ۽ آئون پوئين سيٽ تي ويٺاسين ۽ سندن بن سالن جو پٽ پڻ اسان سان گڏ ويٺو جو سڄي واٽ مستي ڪندو رهيو. هڪ دفعو ته در جي هٿندل ۾ هٿ ڦاٻي ويس ۽ در کلي ويو. پاڻ مون کي ڇاڪليٽ کولڻ لاءِ ڏنائين. جا ڳالهه مون نه سمجهي ۽ ماڻ ڪري ڇاڪليٽ کائي ڇڏيم. خبر پوءِ تڏهن پئي جڏهن هو واڪا ڪري روئڻ لڳو ۽ ٻيو ڇاڪليٽ هو به ڪونه جو ايمرجنسي ۾ ڪيس ڏئي چپ ڪرائجي.

جهاز اڃان پري هو. اسان هڪ هنڌ ڪرنل سئنڊرس جي تصوير ڏسي ڪينٽڪي چڪن ڪائڻ لاءِ لهي پياسين. امريڪا- جتي وري به ڪاڏا سستا آهن، سو ڪينٽڪي جي اڳهه جي نه به پر سواد جي ته تعريف ڪري سگهجي ٿي. پر جهان جهڙن ملڪن ۾ جتي هر شيءِ جي قيمت آسمان سان ڳالهيون ڪري ٿي، اسان جهڙن غريب پرديسين لاءِ ڪينٽڪي، ميڪڊونالڊ هٽمبرگر ۽ بي اينڊ ڊبليو جهڙا انٽرنيشنل دڪان، وڏو ڏيڊ آهن. ڪپتان محسن ته چوندو آهي ته انهن جا مالڪ سڌو جنت ۾ ويندا.

○

هڪ دلچسپ ڳالهه ڪينٽڪي چڪن تان ياد آئي. گذريل سال ممباسا (ڪينيا) ۾ به ان دڪان جي شاخ کلي. زيديءَ چيو ته ڊيوٽيءَ بعد جهاز تان اوڏانهن هلبو ۽ پوءِ فلر تي. وقت ٿورو هو، سو لفافن ۾ چڪن، پٽاٽو چپس، ۽ سلاد ونڊي اچي ممباسا جي نيو مٽجسٽڪ سئنيما ۾ نڪتاسين.

قومي ترانو وڄي چڪو هو ۽ پنج ڏهه منٽ اڳ فلر شروع ٿي

چکي هئي. در ۾ اندر گھڑڻ وارا هئاسين تہ اسان جي جهاز جا ۾ سکاني تکو تکو ٻاهر نڪري رهيا هئا. بهرحال اندر سيٽون کافي خالي هيون. ۾ وڃي والاريونسين ۽ فلم ڏسڻ لڳاسين. زيديءَ کي چيم تہ استاد کائڻ ۾ شروع ڪر.

"يار سئنيما هال ۾-؟"

"ميان، هتي افريڪا ۾ ڪير ٿو پڇي. کائڻ تہ ڇا پيشاب لڳڻئي تہ اهو ۾ اتي ڪنڌ پاسي ۾ ويهي ڪجانءِ."

ان جلدي جلدي کائي هڏا، پنا، لفافا وغيره سيٽن هيٺيان اڇلي، ٽنگون ٽيڑي بالر ٽي فلم ڏسڻ لڳاسين. انهيءَ دوران، اڇڻ وقت در تي مليل سکاني وري واپس هال ۾ آيا. پاڻ کي پهرين اسان وارين سيٽن تي ويڙل هئا جو سندن لفافو اسان وارين سيٽن وٽ پيو هو. پر پوءِ اسان کي ويڙل ڏسي، اهو لفافو کڻي پري ڪنڌ ۾ وڃي ويٺا.

ڪن دير بعد تارچ سان سئنيما جو ايشين مالڪ سئنيما ۾ آيو. سڌو اسان وٽ ٻيهي اسان کي چوڻ لڳو: "ڏسو سائين اها توهان جي ڀُالهہ درست ناهي." اسان يڪدم سمجهي وياسين تہ هو اسان کي سئنيما ۾ کائڻ، ڪچرو ڪرڻ لاءِ چئي رهيو آهي. خاص ڪري مون کي ڏاڍو افسوس ٿيو جو زيديءَ تہ منع پئي ڪئي پر منهنجي زور ۾رڻ تي هن ٻہ کاڌو. سو مون يڪدم کانئس معافي ورتي تہ اسان پنهنجي غلطي تي پشيمان آهيون.

"پر ڏسو نہ، هونءَ اسان کي تہ ڪو اعتراض ناهي پر هتي جا افريڪن جيڪي اسان تي اڇلهہ هونءَ ٻہ ڏمريا هلن، تن کي کاوڙ ٿي ونڃي." مالڪ چيو.

"We are Sorry" مون هڪ دفعو وري چيو.

"خير سائين مڙئي خير آھي. آئندہ خيال رکجو." ۽ ھو ھليو ويو. مون کي ڏاڍو افسوس ۽ تعجب لڳو جو ھتي کيترا دفعا اچڻ کري پاڻ کي افريکا جو سياڻو سمجھي رھيو ھوس. زيدي تہ پھريون دفعو آيو ھو. ھو تہ منھنجي پٽيان پٽيان سڀ کجھ کري رھيو ھو.

ٿوري دير مس گذري ۽ ھال ۾ ھيڈانھن ھوڈانھن نظر ڦيرائي تہ اڌ کن ھال جا ماڻھو تہ دستور موجب چونڙا کائي رھيا ھئا. کي ڳنڊيريون کائي چوپا ھيڈانھن ھوڈانھن اڇلي رھيا ھئا. بلڪ اسان جي پٽيان ھڪ سڪ ڦٽملي- ڦٽملي مان منھنجي مراد زال مڙس، سالا سالين، نڻان ۽ اڌ ڊزن ٻارن جو لشکر، ڪچوريون، انب ۽ الائي ڇا ڇا کائي رھيا ھئا. ايتري ۾ مون کي يڪدم ڳالھ سمجھ ۾ اچي وئي. زيدي کي چير استاد ڳالھ ٻي آھي. پاڻ مفت ۾ قرباني ۽ جا ٻکرا ٽيا آھيون. پر ھاڻ ترس تہ انٽرول ٿئي تہ پڪ کريون.

انٽرول ۾ ٻاھر انھن ٻن خلاصن جو اڳ ٻڌي پچير. "سڀنيما ھال ۾ اچڻ سان توھان کھڙو ڏڏو لڳايو؟" ٿورو منجھي آخر ھڪ ٻڌايو تہ "فلم شروع ٿيڻ وقت اسان کينيا جي قومي جھنڊي ۾ تي اڏي کونہ ٻيئا ھٿاسين سو گيٽ کيپر اسان کي اڏي ٻيھڻ لاء چيو تہ اسان چيس تہ کينيا اسان جو ملڪ ناھي، بکواس نہ کر. تہ ھن چيو تہ ترسو تہ پوليس جو بندوبست ٿو کريان. سو اسان پوليس جي ڊپ کان ٻاھر ڀڄي وياسين. پر پوء فلم کافي ھلي وئي تہ پري لکي وڃي ويٺاسين. ھونءَ ٻہ اسان جي سيٽن تي توھان اچي ويٺا ھٿائو."

"چڱو ھاڻ اڳتي ائين نہ کجو." مون نقلي رعب رکي

سمجھايومان، "پوليس جو ماڻھو اسان وٽ آيو ھو ۽ توھان جا نالا پڇي رھيو ھو. پر اسان کيس چيو تہ آئندي ائين نہ ٿيندو."

"سائين مھرباني." ھنن چيو.

۽ دل ۾ چيو، توھان کي کھڙي خبر تہ توھان بدران ذليل اسان ٿيا آھيون.

O

امريڪا ۾ انشورنس ملڻ جو وڏو چڪر آھي، ڪنھن جي ڪتي توھان کي چڪ ھنيو تہ يڪدم ان جو مالڪ (يا جي انشورنس ٽيل ھوندو تہ اھا ڪمپني) توھان کي پنج سؤ ڊالر ڪن ۾ ڏيندي. ڪنھن جي دڪان اڳيان برف تي ٽرڪي پيا تہ دڪاندار ڦاٽو، علاج ۽ مقرر ڏنڊ توھان کي ۾ ڏيندو. رستي تي ڪنھن جي ڪار توھان کي ڏڪ ھنيو تہ ھزارن جي تعداد ۾ ڊالر Claim ڪري سگھو ٿا. ھڪ اسان جي دوست جو ٻہ حادثو ٿي پيو. رستي تي ٻہ ڪارون ٽڪرائجي ويون. ھو فٽ پاٽ تان پٽي ويو- پوءِ ٽڪرايل گاڏيون ھن کي لڳيون يا ھو وڃي ھنن ۾ پيو. ھڏي وغيرہ ڪا پڃي پيس. (يا شايد مڙي پيس.) ڪورٽ ڪيس ڏيڻ لک رپيا ڏياريا.

جھاز تي ايندڙ امريڪن مزور ڪم ڪندا تہ ٻہ پوري حفاظت گھرندا. Life-Buoy رکيا ويندا متان ڪير ٽرڪي سمنڊ ۾ وڃي ڪري. مٿي تي لوھي ٽوپلو، ھٿن تي جوراب ۽ جي ڪنھن کي ان ھوندي ٻہ ڪم ڪندي ڪجھ ڏڪ يا زخم رسي ويو تہ انشورنس ھن کي ڳرا پئسا ڏيندي.

O

نيو اورلينس ۾ جهاز جي ڊيرڪ ۾ڇي پئي. لڳي ته ڪنهن کي ب ڪاڻ، پر هرهڪ شيدي مزور ٽنگ منڊڪائڻ لڳو ڇڻ ته ڪيس ڏڪ لڳي ويو هجي. پر پوءِ سيني جو ڪوڙ ثابت ٿيو. هڪ ته Claim ڪيو ته ڪيس ڀڳل ڊيرڪ ته ڪاڻ لڳي پر ڊيرڪ ڪرڻ تي ڊپ ۾ پنتي جو ڀڳو ته ڪائين جي ڊير تي ڪِري پيو ۽ هڪ ڪائي چيلهه ۾ لڳي وئي ۽ سائين چيلهه کي جهلي ويهي رهيو ته اندر زخم رسيو اٿر. هاڻ ڪليم جا پُسا الڳ، روز جو پگهار الڳ ملندو رهندس، جيسين هو ٺيڪ ٿي پورهئي لائق ٿئي ۽ هتي جي مزور جو روز جو پگهار ب چاليهه ڊالر- يعني چار سؤ روپيا- مطلب ته عياشي ٿي ويس.

O

بالٽيمور - آمريڪا

بالٽيمور اسٽريٽ ۾ ڪيتريون ئي هٽ ڏسڻ واريون اسپينش ۽ پورٽوريڪن جوڳياڻيون شيشي جي ڪمرن ۾ ٽيبل اڳيان رکي، ويڙل نظر ايندیون. ٽيبل تي وڇايل ريشمي ڪپڙي مٿان هڪ عدد دنيا جو گولو، ڪنهن ميڊيڪل ڪاليج مان چورايل انساني کوپڙي، مختلف هٽن جي ليکن جا چارٽ، ڊارا ۽ ٻيون ان قسم جون شيون رکيل هوندیون. ڪوب ان رستي تان لنگهندو آهي ته سندن ۾ ڪن چمچيون ان کي زوريءَ ڇڪي اندر وڃي ايندیون ۽ پُسا ڦريندیون آهن.

هڪ اهڙي جوتشياڻيءَ منهنجو هٽ ڏسي وڏي غور ۽ انڪٽنگ سان، ڪجهه دير چپ وانگر اکيون بند ڪري (شايد مستقبل ۽ ماضيءَ جي ڪڙين ۾ جهاتي پائي) اکيون ناز سان کولي هٽ ڏي ئي گهوريندي ٻوليو.

"تون اداس آھين،" ھن ٻڌايو، "تنھنجي گرل فرينڊ مان ڇاڻ ته جان ڇٽي. توکي جلدي ھڪ ٻي بلونڊ Blonde ڇوکري ملندي جا ڊانسنگ ۾ پنھنجو مٽ پاڻ ھوندي، ۽ اڳتي ھلي ان جو ڪار ڊرائيونگ ۾ ائڪسيڊنٽ ٿيندو. مون کي ڏسڻ ۾ صاف پيو اچي ته سندس حادثو فورڊ، پونٽڪ يا مستنگ ڪار ھلائيندي ٿيندو. ان ڪري کيس اھي گاڏيون ھلائڻ کان پرھيز ڪرائجانءِ، ۽ ھا جلد ڪار ريس ۾ توکي ڪافي ڊالر ملڻ وارا آھن ۽ ايندڙ ڪرسمس ڊي تي توکي ھڪ پراڻي دوست وٽان تمام پراڻو شراب ملندو، جو حاصل ڪري توکي خوشي ٿيندي..."

ھوءَ لڇاتار ھٿ ۾ اکيون ڪپائي ڇالھائيندي وئي. مون مٿي پٽ تي لڳل نوٽيس تي سندس ھٿ ڏسڻ جي ڦي پڙھي، ٻي ھٿ سان کيسي مان ٻہ ڊالر ڪڍي کيس ڏنءِ پنھنجو ھٿ ڇڏائي ڇيومانس:

"مونکي معاف ڪر، فقير! ڪجھ اکيون مٿي کڻ ۽ پنھنجي اپر چئمبر کان ڪم وٺ ته ھٿ ڪنھن امريکن يا يورپين جو پٽي ڏسين يا ھڪ ڪنگال ايشين جو. تنھنجي اھڙن ڪوڙن تي امريکن ته ضرور اعتبار ڪندو پر ڪھڑو پاڪستان، ھندستان، سلون، برما، تائلنڊ، نيپال يا افغانستان جو ڪندو؟ ڪوڙ ئي ھٿو اتئي ته انھن ڇالھين کان ھي ٻڌاءِ ته منھنجي بيمار ماءُ ڪڍھن چاق ٿيندي، منھنجي پوڙھي پيءُ جو قرض ڪيئن ۽ ڪڍھن لھندو، منھنجي بيروزگار ڀاءُ کي ڪڍھن نوڪري ملندي، ڪوٽ جي وڏيري يا صوبيدار جيڪا منھنجي مامي جي گھران چوري ڪرائي آھي سا واپس ملندي يا نہ؟ منھنجي پيٽ جي شاديءَ لاءِ ڏاج جو خرچ ڪٿان ايندو، منھنجو چاچو، جيڪو دشمني ھيٺ ڪوڙي ڪيس ۾

جيل کاڻي رهيو آهي سو کڏهن ڇٽندو...؟"

جوڳياڻي- جنهن جو منهن خزاني مان نڪتل نئين سکي وانگر چلکي رهيو هو ۽ ميڪ اپ ۾ پکڙلي جي ڪنهن ٿيٽر ائڪٽريس کان گهٽ نه هئي، سا وائڙي وچ وانگر وات کولي ٻڌندي رهي ۽ جنهن وقت ويڙ لاءِ اٺڻ لڳس تہ هن ڏکندڙ هٿن سان منهنجا ٻئي ٻالر کڻي منهنجي هٿ تي رکيا.

O

ڪنهن ڪار جو ڪو اسپيئر پارٽ گهرجي يا ڪو سيڪنڊ هئنڈ ٽپڙ، تہ ان لاءِ بهترين جڳهہ جنڪ يارڊ آهي. جنڪ يارڊ- جنهن کي يورپ پاسي ڊمپ هائوس سڏين، ۾ ڪيترين ئي ائڪسيڊنٽ ۽ قتل ڪارن جو ڊير ٽيل هوندو. در وٽ مالڪ کان پانو ۽ پيچ ڪش وٺي ضرورت واري ڪار ڳولهي اهو گهربل ٽپڙ- ڪاربيوريٽر، بتي، هب ڪئپ، ريڊيو يا ڪجهہ ٻيو ڪڍي سگهجي ٿو جنهن لاءِ ٻہ ٽي ٻالر مس ڏيڻا پوندا آهن.

جنڪ يارڊ وارن کي اهي پراڻيون ۽ حادثي واريون ڪارون ڏري گهٽ مفت ۾ پون. ڪنهن گهرجائو جو ڪر ٿو ٽئي ان کان مٽائين ريت پئسا الڳ وڻن، پر جنهن جي گاڏي ائڪسيڊنٽ ٿي پوي يا گهر مان کو سامان: ڪپڙ، ڪرسي، ريفريجريٽر وغيره خارج ڪرڻ ٿو چاهي تہ ان کان سامان کڻي اچڻ يا ڪار ڇڪي آڻڻ جو ياڙو الڳ وڻن ٿو جو هو در کان ٻاهر اڇلي نٿو سگهي جو ان لاءِ سخت ڏنڊ آهي. يا ڪنهن جي ڪار سپر هاءِ وي تي ايڪسيڊنٽ ٿي پئي تہ اتي ڪنهن وٽ ايترو وقت ڪٽي آهي جو وتي مستري ڳولينڊو ۽ صحيح ڪرائيندو. جي وقت ٻہ هجيس تہ مستري کان

کا شيءِ ٺهرائڻ کان بهتر آهي ته نئين خريد ڪجي جو ههڙن ملکن ۾ Repair بدران Replacement کي ترجيح ڏيڻ بهتر آهي. نتيجي طور جنڪ ياردِ وارن کي فون ڪري اهو بيڪار سامان يا گاڏي هٽائڻي پوندي آهي ۽ جنڪ ياردِ وارا ٽرڪ رستي يا Towing رستي اهو بيڪار سامان جنڪ ياردِ ۾ اڇي اڇلين. ان پورهئي لاءِ جنڪ ياردِ وارا سامان جي مالڪ کان ڪٽائي جا پئسا الگ وٺن. ڪيترا ماڻهو ته ان ڪٽائي جي پئسن کان بچڻ خاطر هلڪيون ڦلڪيون شيون رات جي سانت ۾ ماڻ ماڻ ۾ ٻاهر اڇلي ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ اهي نڏڪيون شيون صبح جو رستن جي صفائي وقت سرڪاري ٽرڪ ۾ ڪچي وڃن.

نيويارڪ ۾ جيسين جهاز هوندو آهي ته موڪل وارا ڏينهن آئون پنهنجي پراڻي ڪاليج (ڪئٻٽ ڪاليج) جي دوست نوراحمد نظاماڻي ۽ جهڏي جي مير مبارڪ ٽالپر وارن جي فليٽ ۾ رهندو آهيان. نيويارڪ ۾ پهرين دفعي صبح جو نوراحمد نظاماڻي سان گڏ سندس فليٽ مان نڪتاسين ته هيٺ ڪنهن جو ائين اڇلايل نڏڪو ايئرڪنڊيشنر پيو هو. سرڪاري ڪچري جي ٽرڪ اڃا نه آئي هئي. ايئرڪنڊيشنر اهڙي خراب حالت ۾ نه هو پر شايد ڪنهن نئين ماڊل جي شوق ۾ هن کي ردي ڪري اڇلايو هو. لفٽ ۾ رکي مٿي ستين ماڙ تي گهر ڪٽي آياسين ۽ ٿورو ئي ٽهل ٽڪور ڪرڻ سان اڄ تائين هلي رهيو آهي.

اها ڳالهه ان ڪري ياد آئي جو نيويارڪ ۾ رهندڙ هڪ همراهه عبدالرزاق شيخ، سندس گهر بدلجڻ تي هڪ نئون پلنگ اسانکي مٿين جاءِ ۾ ڏئي ويو ۽ پراڻي کي اڇلڻ لاءِ اسان پئسا ڏئي ٽرڪ

گھرائڻ نٽي چاھي. سو آڏي رات جو مٿن ھٽن (نيويارک) جي چند ساعتن جي ماڻ ۾، اھو پلنگ ھيٺ رستي تي وڃي ڦٽو ڪري آياسين. صبح جو ستين بجي جھاز تي وڃڻ وقت ڏسون تہ ٻہ پورٽريکن ھمراھہ ان پلنگ کي کلھو ڏئي کڻي پئي ويا. نظاماٽي کي جھازي زبان ۾ چيم: "استاد کارگو جي Transhipment پئي ٿئي."

○

عربن اڇکلھہ امريکن، يورپين وغيرہ جو تيل بند ڪري ڇڏيو آھي. ان ڪري رستي تي جنھن ٻہ ملک مان جھاز لنگھيو ٿي اتي تيل جي بچت جي لڳي پئي ھئي. گرميءَ ۾ ٻہ ايئرڪنڈيشنر نہ ھلائڻ جي نصيحت. ٿڌ ۾ ھروپرو ڪمرو گھٽو گرم رکڻ لاءِ جھل. ڪارون، گاڏيون، جھاز تکي اسپيڊ تي ھلائڻ لاءِ منع، ايتري قدر جو گرم پاڻي بچائڻ لاءِ اڪيلي سر وھنجڻ بدران، گڏ وھنجڻ جي صلاح- پوسٽرن، رسالن، ريڊيو ءِ ٽيليويزن ذريعي ڏني پئي وئي.

امريڪا پھچڻ کان اڳ چيف انجنير اڪبر غازيءَ اڳ ئي چيو تہ امريڪن تي ان Oil-Crisis جو ڪو خاص اثر نہ ٿيو ھوندو.

واقعي ھو ٻہ ائين. امريڪا پھچڻ تي ھر ڳالھہ نارمل لڳي. ساڳيون وڏيون ڪارون. دڪانن، آفيسن ۾ بسن ۾ دل کولي ماٺھو Air-Conditioners ھلائي رھيا ھٿا ۾ دروازن جا ٻئي طاق ڪليل.

وائڙو ٿي چيف انجنيئر کي چيم تہ ھن کان وڌيڪ تہ پنھنجي ملک ۾ بصر، پٽاڻي، گاسليٽ ۾ اٽي جا Crisis آھن.

○

سوانا (ورجينا رياست)- امريڪا

رات اڇکلھہ جي ٽاپ فلم Exorcist ڏٺيسين. جڏھن اسان وٽ

جنن، پوتن ۽ بدروحن جون ڳالھيون ذري گھٽ ختر ٿي ويون آھن ته ھيڏانھن ثابت پيون ٿين ته انھن ۾ ڪيتريقدر حقيقت آھي. ان جو مثال متين فلر آھي جيڪا آمريڪا ۾ God-Father فلر کان ب وڌيڪ رش ڪٽي وئي آھي ۽ اڄ ڏينھن تائين کاب ايڏي مشھور فلر نہ ٿي جنھن کي ڏسڻ لاءِ نانگڙ جھڙيون قطارون سئنيما گھرن اڳيان ڪلاکن جا ڪلاڪ اڳ نھي وڃن. ۽ Exorcist ڪتاب، جنھن تان اھا فلر نھي آھي، ان جون ھڪ ڪروڙ کان ب متي ڪاپيون ھيستائين وڪامي چڪيون آھن.

Exorcist فلر ۾ ڏيکارين ٿا ته ھڪ نندڙي ٻارھن سالن جي ڇوڪري ريگان (Linda-Blair) کي جن پوي ٿو- جيڪو پوءِ اڳتي ھلي ثابت ٿئي ٿو. پر شروع ۾ اوچتو ئي اوچتو ڪلندي ڪڏندي، بنا ڪنھن سبب جي ڇوڪريءَ جي حالت غير ٿي وڃي ٿي، بستر سان گڏ پاڻ ب اڇلندي رھي ٿي ۽ سندس ڪمري جو فرنيچر ڪڏھن ڪڏھن چرندو نظر اچي ٿو.

فلر ۾ ڪٽڻن محسن مون سان گڏ ھو. تنھن کي مون ان وقت ئي چرچي ۾ چيو ته ھن ڪر لاءِ ڪپي ته ڏندي ٽوڙھي جو جھاڙ ڦوڪ وارو جيڪو درا ھٿي منجھائنس جن کڏي. ريگان جي ماءُ (ايلن برسٽائين) پنھنجي ڏيءَ جي اھا حالت ڏسي پھرين دماغي سرجن (Brain-Specialists) وٽ وڃي ٿي، جيڪي ھن جو علاج دوائن ۽ آپريشن ذريعي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، پر ڪو فائدو نڪو ٿئي. ان بعد ھوءَ ڏيءَ کي ماھر نفسيات وٽ وٺي وڃي ٿي. پر 'مرض وڌندو رھيو، جيئن جيئن دوا ٿي' وانگر ڇوڪريءَ جي حالت ويتر خراب ٿيندي وئي. ڦٽڪڻ، ڏندڻ پوڻ، جوش ۾ اچي وڃڻ ۽

ڪچيون گاريون ڏيڻ. ڪڏھن ڪڏھن سندس منھن رت سان يا چيڙ سان پرجي ويو ٿو. ھڪ دفعي ته Psychiatrist کي سوگھو ڪٽي جھليائين. سندس ماءُ جيڪا فلم ۾ ائڪٽريس ڏيکاري وئي آھي ۽ فلم جي شوٽنگ ڪري رھي آھي، ان جي ڊائريڪٽر کي دريءَ مان ٻاھر اڇلي ڇڏيائين. ھڪ پادريءَ دعا ٿي پڙھيس ته ان مٿان ٿيون ڪري ڏنائين. سڀ کان عجيب خوفناڪ يا فاحش سين ڏيکاري وئي آھي تنھن ۾ چوڪري Crucifix (عيسائين جو منڊيڙي جھڙو پاڪ ڪراس) سان Masturbate ٿي ڪري.

سڀ ڊاڪٽر، ماھر نفسيات وغيره ھڪا ٻڪا رھجيو ويڻ ۽ شڪست محسوس ڪن ٿا ته ھنن کان ھن چوڪريءَ جو علاج ٿي نٿو سگھي. آخر ۾ سڀ اھا صلاح ڏين ٿا ته ھن کي بدروح جو اثر آھي ۽ جِن ڪيڻ واري کي سڏايو ويڻ.

پھرين ته جھاڙ پڑھڻ وارو 'فادر ڪاراس' (جئمسن ملر) ان لاءِ انڪار ٿو ڪري، ۽ فادر ميرن (ماڪس وان سائڊو) ذري گھٽ جِن ڪيڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ وارو ھو ته ڪيس بنا ڪنھن سبب جي دل جو دورو پوڻ ڪري موت ٿو ٿئي. ان بعد وري فادر ڪاراس اھو ڪم پنھنجي سپرد ڪري ٿو ۽ ايمان ۽ قرباني ۽ جي جذبي ھيٺ بدروح کي پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏئي ٿو ته معصوم ٻار کي ڇڏي ڪيس ڇڏي، جيئن ٻار ھن دنيا ۾ جيئرو رھي سگھي. جِن اھا دعوت قبول ڪري ٿو ۽ ٻار کي ڇڏي فادر ڪاراس ۾ اچي ٿو ۽ عين ان وقت فادر ڪاراس ماڙيءَ جي دريءَ مان ٽپ ڏئي خودڪشي ڪري ٿو ۽ چوڪري ڇڻ ته ڪنھن خوفناڪ خواب مان سجاڳ ٿي ٿئي ۽ ھيترو عرصو ھن تي ڇا وھيو واپريو ان جي ھن کي ڪا خبر ناھي."

بهرحال متين کهاڻي ته فلم جو تت آهي. صحيح معنيٰ ۾ هن فلم کي کهاڻيءَ کان وڌيڪ Cinematic-Effects ئي خوفناڪ ۽ ڊيجاريندڙ بنائين ٿا. جڏهن کان هيءَ فلم امريڪا جي ہاويهن شهرن جي مختلف سئنيمائن ۾ هلڻ شروع ٿي آهي، ڪيترا اهڙا واقعا ٿيا آهن جو ڊپ کان ماڻهو فلم ڏسندي بيهوش ٿي ويا آهن، الٽيون ڪيون اٿن، دانهون ڪري ٻاهر ٻڌا آهن.

فلم بابت مختلف نقادن جو مختلف رايو آهي. ڪي هن فلم کي فاحش سڏي رهيا آهن، ڪي Horror فلم، ڪي مذهبي، ڪي افسانوي وغيره. ۽ جن ڪيڏ جو علم- آرٽ، جادو، رسم يا جو ڪجهه به سمجهيو ويڃي، جيڪو آهستي آهستي گهٽجي ڇڪو هو سو هڪ دفعو وري ظاهر ٿي رهيو آهي. اهي مذهبي عالم جيڪي ان قسم جون ڳالهيون پهرين سئڪوٽراپيءَ جو ڪيس سمجهي سئڪاٽرسٽ يا نيوروسرجن ڏي رجوع ڪندا هئا، سي هڪ دفعو وري جهاڙ ۽ جن ڪيڏ جي ڇاڻ جي اهميت بابت سوچي رهيا آهن.

فلم جي شروعات ہانگ سان ٿئي ٿي ۽ ڊيڪارين ٿا ته عراق جو شهر آهي، ۽ اڃٿين نماز جو وقت آهي. هڪ دڙي جي کوٽائي Excavation هلي رهي آهي، جتان اهو بدروح جو بت ٿو نڪري ۽ بلڪل ان وقت امريڪا ۾ لاس اينجلس ۾ ان ڇوڪريءَ تي ان بدروح جو اثر ٿو ٿئي. عراق واري سين ۾ ڊيڪارين ٿا ته گهٽين ۽ دڪانن ۾ عرب ڊگهن جبن ۾ هلي رهيا آهن. ڪٽٽن محسن چيو ته هن وقت فلم ۾ آيل سڀ امريڪن اهو سوچي رهيا هوندا ته هي آهن اهي بدو عرب جن اڄ کلهه تيل بند ڪري باقي دنيا جي زندگي زهر ڪئي آهي. واقعي ان وقت سڄي هال ۾ سُس پُس ٿيڻ

لڳي. اسان جي ير ۾ ويڙل نوجوان جوڙي عربن کي گار ڏني. ٻين ير وارن اڳين پوين ٻڌي، ٽھڪ ڏنا.

بالنيمور ۾ رھندڙ لاڙڪاڻي جي ڊاڪٽر نسرين قاضيءَ سان ان رات ٽيليفون تي ان فلر جي ڳالھ ڪيم. تنھن ٻڌايو تہ ھن پڙ ان بابت ٻڌو آھي تہ اھا ڳالھ حقيقت آھي ۽ اھو واقعو آمريڪا ۾ ويجھڑائيءَ ۾ درپيش آيو ھو. ۽ چوڪريءَ بدران چوڪري کي جن پيو ھو، ۽ چوڪرو واشنگٽن جو رھاڪو آھي.

"ڇا ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ تون جنن ۾ يقين رکين ٿي-؟"

"ھا. ۽ ھتي جا ماڻھو ٻہ ڪن ٿا. قرآن ۾ ٻہ ان بابت آھي تہ جن Exist ڪن ٿا." ڊاڪٽر نسرين وراڻيو.

ھڪ لطيفو يا ڪھاڻي ياد پئي اچي. جنھن بابت چيو ويي ٿو تہ دنيا جي ننڍي ۾ ننڍي Short-Story (افسانو) آھي:

ھلندڙ گاڏيءَ ۾ ھڪ مسافر ٻئي کان پڇيو، "ڇا تون جنن ۾ يقين رکين ٿو-؟"

"نہ." ٻئي وراڻيو ۽ اکين کان غائب ٿي ويو.

○

آمريڪا جي ڪٺو ڪري سيني بندرگاھن ۾ جھازن جي سھوليت ۽ وندر لاءِ "سي- مين ڪلب" ٺھيل آھن، جيڪي ان شھر جي ميونسپل ڪميٽي، چرچ يا پراڻن جھازين جي مدد ۽ آڌار تي ھلي رھيا آھن. انھن ڪلبن ۾ جھازين جي دلچسپيءَ لاءِ راندين، سستي اگھ تي تحفن جو دڪان، ھوٽل، ريڊيو، ٽي وي، رسالا ھوندا آھن. انھن Sea-Mens ڪلبن ۾ ڪٺو ڪري پاڪستان، ھندستان، سلون، انڊونيشيا، فلپين ۽ ٻين غريب ملڪن جي جھازن

جا خلاصي نظر ايندا، جو ھو ھڏن مھانگن ملکن ۾ ٿوري پگھار تي ہيو کيڏانھن وڃن. کي کي 'سي- مين کلب' ۾ جھازين لاءِ مفت ۾ يا ٿورن پئسن تي ٽوئر، پکنڪ يا دعوتن جو ۽ بندوبست ڪن ٿا.

رات ديرسان گھمندا ڦرندا سي- مئن کلب ۾ اچي نڪتاسين. کلب جي ہاھران Home away from home لکيل آھي. اسان اندر وڃڻ بدران ہاھران دريءَ مان ڏسڻ لڳاسين. زيديءَ چيو تہ اندر ھلبو تہ خلاصين جو مزو خراب ٿيندو.

جھاز جو ٽوپس (ينگي) پيانو وڄائي رھيو ھو، جيئن پاڪستاني فلمن ۾ ھيرو، ھيروئن جي برٽ ڊي تي غمگين گانو ڳائيندو آھي- جھاز جو ھي ٽوپس جنھن جي Eye Sight ايتري تہ گھٽ آھي جو ٽانوَ ڏوئندي چمچا، ڇريون پٽ تي ڪِري پوندا آھن تہ انھن جو فقط آواز ٻڌي سگھندو آھي، گھٽ نظر ڪري ڪٽي نہ سگھندو آھي. ۽ منھنجو 'ڪئپٽن بٽاءُ' قاسر جنھن کڏھن قوالي يا ڊولک ۾ Appreciate نہ ڪيو ھوندو، سو آرام ڪرسيءَ تي بالر ٽي، اکيون بند ڪري سگريٽ جا ڊگھا ڪَش ۾ ھٽي رھيو ھو تہ سرور مان پيانو ۾ ٻڌي رھيو ھو. ڪاہي ھٽ جي آگرين سان ڪرسيءَ جي ڪاہي ٻانھن تي انڊيشنل ميوزڪ پڙ رکي رکي Supplement ڪري رھيو ھو. جھاز جو ڊيڪ ڪسب (اسٽور ڪيپر) ۽ چپي (وايڊو) ہن گورين چوڪرين سان غلط سلط انگريزي ڳالھائي رھيا ھئا. ۽ پياني مان دم جي مريض جيان نڪتل ميوزڪ تي ٽلھو پئنٽري مئن ڪمپليٽ سوٽ ۾ ھڪ اڌڙوٽ عمر جي عورت سان ڊانس گھٽ پاڪر وڌيڪ پائي رھيو ھو. انجڻ سرنگ، جنھن جي چال (چاھي نشي ۾ ھجي يا ھوش ۾) شطرنج جي گھوڙي وانگر آھي (يعني ۽ قدم اڳيان تہ اڌ

قدم کاپي يا ساڃي پيو پير ويندس) ھڪ نيگرو (شيدي) ڇوکريءَ کان شطرنج جي راند سکي رھيو ھو. ان شيدياڻيءَ جو سڃو مٿو پُنيل ھو ۽ وار ائين وکوڙيل ۽ ڳنڍيون ڏنل ھٿا ڇڻ ڇنڊالي ٽيل ھجي. زيديءَ ہڏايو تہ اڇکلھ امريکا ۾ وارن ٺاھڻ جو اھو فئشن ھلي رھيو آھي ۽ آرٽ ۾ شمار ٿئي ٿو.

○

موبائيل - امريکا

اڄ وارسڪ جھاز وارن اسان جي جھاز وارن کي دعوت ڪئي. وارسڪ جھاز پڻ اسانجي جھازران ڪمپني- نئشنل شپنگ ڪارپوريشن جي ٽيھارو ڪن جھازن مان ھڪ آھي. وارسڪ جھاز جو چيف آفيسر ڏاڍيون مزيدار ڳالھيون ہڏايون. پاڻ ھٿو ڪٽو ڇھن فوٽن جو جوان آھي. ڏسڻ ۾ ملھ، پھلوان يا جپاني ساموري لڳي ٿو. گھر جون ڳالھيون ڪندي چوڻ لڳو:

"منھنجو پيءُ ڏاڍو ماريندو ھو. بس ڪاسائي ھو ڪاسائي. ھڪ ڏينھن وڏي ياءُ کي ماريائين. ھو موچڑن جي ڊپ کان ڪلڪتي ڀڄي ويو. بابي لکي موڪليس: "ڇورا موٽي اڄ نہ تہ قيمون ٻڌائي ڇڏيندوسانءِ."

"ھونءَ جن جا پيءُ ظالم ٿين،" ڪپٽن محسن خان چيس، "انھن جون مائرون نرم دل ٿين."

"ماءِ-!" چيف آفيسر دانھن ڪري تعجب مان چيو، "اسان جي ماءُ تہ بستر مرگ تي بہ اسان کي ماريو. ٻنھي پائرن کي ويجھو سڏائي، ٽکا ڪٽي ويڙھو ھنيائين."

○

نيو جرسي - امريڪا

امريڪا ۾ ڪي ڪي .T.V پروگرام تمام دلچسپ اچن ٿا. هڪ ڊين مارٽن شو نالي آهي. جنهن ۾ هر دفعي ڪا تاريخي هستي ڊيڪاريندا آهن ۽ ان جو تعارف ڪرائي ان کان سوال ڪندا آهن.

هن هفتي جي شخصيت جارج واشنگٽن هو، جنهن جهڙو شڪل ۽ ڊريس ۾ هڪ همراهه ويهاريو ويو. ڪجهه دلچسپ ڳالهيون ان بابت:

- هي ويچارو (جارج واشنگٽن)، اڇڪلهه جي صدر نڪسن وانگر اڳين حڪومتن تي ڏوهه ٽاڦي نٿي سگهيو.
- هي امريڪا جو صدر ٿيو ڇاڪاڻ جو هن کي اڇڪلهه وانگر گهٽن صدرن جا نالا ياد ڪرڻا ڪونه پيا هئا.
- جڏهن هن کان پڇيو ويو ته وڻ ڪنهن ڪٽيو ته هي ڪوڙ ڳالهائي نه سگهيو- ڇاڪاڻ جو ڪهاڙي ايجا تائين هن جي هٿن ۾ هئي.
- هن جو پيءُ ڪيس ڪجهه به ان لاءِ ڇڻي نه سگهيو- ڇاڪاڻ جو ڪهاڙي ايجان تائين هن جي هٿن ۾ هئي.

ان بعد جارج واشنگٽن جي زال اڇي سنڊس مزاحيه تعارف ڪرايو.

- منهنجي مڙس کي ملڪ ڏاڍو پسند هو. هن کي ورجينا تمام گهڻي پسند هئي. (ورجينا ڇوڪرين جو به نالو آهي ته امريڪا جي هڪ رياست جو به.) ورجينا جو تيسين هڪ انچ پسند ڪندو هو، جيسين ورجينا جي مڙس هن کي موچڑا نه هنيا.
- جارج ڪڏهن به نڪسن وانگر Scandal ۾ ڦاٿو ڪونه- تمام ذهين هو.
- جارج کي رعيت جو ڏاڍو خيال هو. چمڙا پوش ڪري رعيت جي

ڏکن سورن جي خبر لھندو ھو ۽ جوڳي مدد ڪندو ھو. مثال طور ھڪ ڏينھن مينھن ۾ ھڪ جوان عورت پڪاري رھي ھئي ته ڪيس مارڪيٽ مان ٻاجي گھرائڻي آھي ۽ ھن وقت سنڊس مڙس بہ گھر ۾ نہ آھي. سو جارج ھن سان سنڊس گھر ھليو ويو.

- اسان ھنھي فلائڊليفيا ۾ 'ھني مون' ملھايو ۽ اتي ڪجھ بہ نہ ٿيو، ۽ اڄ ڏينھن تائين اتي ڪجھ نہ ٿيو آھي.

○

اڄ نيويارڪ جي سب-وي ۾ گاڏي بدلائيندي ھڪ پوڙھي عورت ملي. پاڻ ٻڌائين ته ھوءَ فقط ٽيھ سالن جي آھي (شايد سنڊس عمر 'U' يو ٽرن ڪري اتي پھتي ھجي.) پاڻ ڪنھن اسڪول ۾ ٽيچر آھي.

- خبرچار ڪندي چوڻ لڳي: ماٿو (فارينرس) امريڪا ۾ ڏينھن اڏ لاءِ اچن ٿا ۽ نيويارڪ جي 42-Street ٻائيتالھين گھٽيءَ جو چڪر ڏئي اھو ئي اثر وٺن ٿا ته سڄو امريڪا (U.S.A.) اھڙو آھي.
- امريڪن ۾ خرچڻ جي ڏاڍي عادت آھي. بس ھروپرو خرچڻ. ڪيڏو بہ ڪٽي پگھار ھجين تڏھن بہ بچت ڪجھ بہ نہ، ويتر قرضي. ڪيترين اھڙين ڪمپنين ۽ دڪان آھن جتي Take Now Pay Latter وارو حساب آھي. تن ته ھٿي ھتي جي ماٿھن کي ھٿين خالي ڪري ڇڏيو آھي.
- آءٌ پاڻ کي ڪڏھن بہ پوڙھو محسوس نٿي ڪريان. دراصل اھا عمر ناھي جيڪا ماٿھوءَ کي پوڙھو ڪري ٿي پر اھا نفسياتي Feeling آھي، جيڪا وڌيڪ پوڙھو ڪري ٿي. جي آءٌ چپ چاپ گھر اچي ويھنديس ته ظاھر آھي ڪيڪي ٿي ويندیس.

○

نيويارک - امريڪا

سليم شاھ جي گھر ڪالھ لنچ ھئي. ڊاڪٽر اي. ڊبليو. قاضي، سندس ڪنوار، آغا ۽ انور مجيد شيخ پڙ آيل ھئا. اٽيڪا کان لطيف شيخ ٻہ آيو ھو. عبدالقدوس علوي ٻہ ھتي نيويارک ۾ ھو پر اچي نہ سگھيو. سليم شاھ جي زال- پروين پاپيءَ چکن برياني ۽ پاوا ناھيا ھئا- جي ھتي لاءِ وڏي ڳالھ آھي. (ڪجھ تہ مدد ضرور سليم شاھ ٻہ ڪرائي ھوندي. ٻيو نہ تہ بصر ڪٽيو ھوندائين، پاڙ پچايا ھوندائين ۽ ڪسٽرڊ ناھيو ھوندائين- ائين ئي ھتي امريڪا ۾ ھر گھر ۾ ٿئي ٿو.)

پاوا سيني کي ڏاڍو پسند آيا. لطيف شيخ چيو تہ پاوا جيڪڏھن ھر آچر تي ناھيو تہ اٽيڪا کان ٻہ اچان. پاون لاءِ اھي ايدائي سؤ ميل ڊرائيونگ جا ماريندا ڪونہ.

ڊاڪٽر قاضيءَ چيس تہ چو توھان جي گھر پاوا ڪونہ ٺھن ڇا-؟

وات مان چباڙيل ھڏا ڪڍي لطيف وراڻيس: "نہ ادا. اسان جي گھر ۾ ڪٽ ئي ڪانھي، پاوا وري ڪٽان ايندا."

"پر ھي آھن تہ ٻکري (حلال)جا پاوا نہ-؟" انور پڇيو.

"تہ ٻيو سوئر جا ٻہ ٽيندا آھن ڇا-؟" سليم وراڻيس.

"جي ھوندا تہ ٻہ .M.K ھوندا." لطيف ٻڌايس.

"يار لطيف تون فيلسوف وري ڪڍھن کان ٽپو آھين؟"

"بس ادا جڏھن کان ڪوئيتا جا صوف ڪاڍا اٿم."

آءُ ھنن پراڻن يارن ۾ نئون، چپ چاپ سندن ڳالھيون ٻڌي ڪلندو رھيس. چيومان تہ ڪيترن ڏينھن کان پوءِ سنڌي ٻڌي اٿم.

لطيف چيو تہ اڃا تو عبدالرزاق جي سنڌي نہ ٻڌي آھي. ان ڏينھن ايئر ھوسٽس کي ڪار ۾ لفٽ ڏنائين. گرمي ڏاڍي ھئي سو چيائين تہ ڪانچ ھيٺ ڪري ويھو. ھن جو مطلب 'ڪانچ' مان دريءَ جو شيشو ھو، پر ھوءَ ماڻھين ڪاوڙجي ڪار مان لھي ٽيوب ذريعي ھلي وئي.

سليم شاھ چيو، "لطيف جا مزا اڃا دکان تي نہ ڏٺا اٿئي. جن ڏينھن ۾ ھتي نيويارڪ ۾ دکان ھوس، امريڪي گراھڪن تي ڏاڍا نالا رکيا ھئائين. ڪولمبيا يونيورسٽي جي آرٽ ڊپارٽمنيٽ جون ھڪڙيون چار چوڪريون ٽلنديون ايندیون ھيون. چوندو ھو تہ اھي قاضياڻيون پيون اچن. يا ٻين نالي چوندو ھو ميمناڻيون پيون اچن. ھي عرس شيدي آھي، ھيءَ قائمان مڪٿار آھي. ھي چاچو ۔ ڏتو پيو دکان تي چڙھي- ٻہ شيون کيسي ۾ وجھندو تہ ھڪڙي خريد کندو. 'ڪجھ تورايو گھٽو چورايو' وارو اصول اٿس.

ڀر ھڪ ڏينھن لطيف شيخ کي ھڪ اھڙو ڏاڏو (شيدي) دکان تي ڦري آيو جو جيسين سوچي ان جو نالو رکي، ڏاڏي کوڙو ڏھين ڊالر جو نوٽ اڇلي چيس تہ ھي بدلائي ڏي، ڏنو ئي تو آھي. لطيف چيس تہ بکواس بند ڪر نہ تہ پوليس کي فون ٿو ڪريان. تہ ماڻھين ڏاڏي ٻاڻ فون ڪٽي پنھنجي آفيس ۾ ڪرڻ لڳو تہ، 'آفيس دير سان پھچندس جو دکاندار ڏڏو پيو ڪري.' سو ھتي جا کي اھڙا بہ ڏنگا ماٹھو آھن. ھونءَ تہ خير اسان جو لطيف پنھنجو مٽ ٻاڻ آھي...

"پر يار ان ڏينھن مٽ بدران دلو ٽي پيس." لطيف اڌ ۾ ڳالھہ ڪٽي چيو.

پروين پاپيءَ کان پارن جي پڙهائيءَ جو حال پڇيم تہ هتي جي اسکولن ۾ امريڪي پارن جو مقابلو ڪري سگهن ٿا يا نہ.

"ننڍو ڇوڪرو تہ هتي رهي منهنجا ۾ ڪن ٿو ڪتري. هڪ ڏينهن چيومانس تہ:

"Why are you laughing?"

چوڻ لڳو امان 'لافنگ' نہ چئہ 'لئفنگ' چئہ.

واپار بابت پروين پاپيءَ ٻڌايو تہ ماڻهو سمجهن ٿا تہ واپار آسان آهي- جو ٻاهران ائين ٿو لڳي. پر حقيقت ۾ ان ۾ تمام گهڻي محنت ۽ جوکم آهي. خاص ڪري اڇلهه جي زماني ۾ جڏهن چپي چپي تي Competition آهي. اسان جي ملڪ جا ماڻهو گهٽو ڪري Risk نٿا ڪٿن ۽ نہ چڱيءَ طرح ان بابت پروڙ رکن ٿا تہ مارڪيٽ ۾ ڪهڙي شيءِ گهرجي. انڊين سياڻا آهن. هو اڌار (Credit) تي ۾ مال ڏئي ويندا. جيئن ئي ڪو فئشن بدلبو تہ انڊيا کان Fly ڪري اچي چيڪ ڪندا ۽ ان مطابق سامان موڪلينداِ. هو خرچ ڪن ٿا تہ ڪمائين ۾ ائين ئي ٿا. اسان کي هتان نيويارڪ مان ئي انڊين کان ڪريڊٽ تي ونڊ ۾ فائدو آهي جو ڪين واپس ۾ ڪري سگهون ٿا ۽ پئسا ۾ اڳواٽ ڏيڻا ڪونہ ٿا پون. سو پاڪستان مان ڪيئن گهرايون. جو ان لاءِ پئسا اڳواٽ ڏئي مال ڇڏايون. پوءِ اسان کي يا گراهڪن کي پسند نہ اچي تہ ڪيڏانهن ڪريون. هڪ همراهہ پاڪستان کان اهڙو سامان موڪليو جنهن جو هتي فئشن نہ هو. اهو سامان Basement (بهري) ۾ ئي هن اچلي ڇڏيو."

" ڪراچي جي 'شهزادي' دڪان جو سامان ڪيئن آهي؟" مون پڇيومانس.

"اهو تمام اوچو ۽ ميناڪاري وارو آهي. اهڙو سامان ڪراچي

ٻر ئي هلي سگھندو جو مھانگو ٻہ ڏاڍو آھي. اسان جي دکان تي هلکو ڦلکو شاگردن لاءِ ٿو هلي. هي ڏسو سوسيءَ جون ڏھين ٻارھين ڊالرن واريون آڏيون، ابتيون سبتيون سبيل قميصون ۽ کڏڙ جا اسکرٽ وغيرہ. هتي کولمبيا يونيورسٽي جي ويجھو ھجڻ کري اسانجون نوي سيکڙو گراھڪ شاگردياٽيون آھن. ۽ هتي آمريکا ٻر جيسين امريکن شاگرد آھن، ان قسم جا کپڙا فئشن طور پائين. چون تہ Materialism يا اوچا کپڙا پائڻ اجايا آھن.

اسان جو چوکرو ٻہ کالیج جي ٻين چوکرن کي ڏسي پنھنجي نئين پتلون ٻر چتي ھٽي رھيو ھو. چيومانس تہ جي چتي ئي ھٽي اٽئي تہ بلو رنگ جي جين تي بلو ئي ھڻ. کاري چو ٿو ھٽين. چوڻ لڳو: "امان پوءِ ماٺھن کي کيئن خبر پوندي تہ چتي لڳل آھي."

سو اھو آھي اڄ کلھ جي شاگردن جو فئشن (Trend) يعني چتين لڳل ۽ ڦاٽل کپڙا پائڻ! ٻئي پٽ وري پتلون کي کپ سان گوڏي وٽان کرچي کرچي ڦاڙي ڇڏي آھي. ھاڻ ڏيو منھن! جيتوٽيڪ اھي ساڳيا شاگرد تعليم بعد جڏھن Executive-Post تي اچن ٿا تہ ساڳيا اعليٰ کپڙا پائين ٿا."

○

لنچ بعد شام جو کولمبيا يونيورسٽي ٻر انڊين فلم ڏسڻ لاءِ سڀ ھلياسين. اسان دير سان پھتاسين. مس مس جڳھ ملي. کولمبيا يونيورسٽيءَ جو ھڪ ڊئل ليکچر ھال ھو تنھن ٻر کنھن پاکستاني کميونٽيءَ فلم جو بندوبست کيو ھو. ھال جو پَٽ ھڪ ئي ليول تي ھجڻ کري پوين کي پڙدي بدران اڳين جا مٿا نظر اچي رھيا ھئا. ٻارن جو گوڙ، ہوسٹ ۽ گرمي، کوکا کولا جي

بوتلن ۾ ڏهن ڪلاڪ جا رکي رکي ٺڪاءِ، ماڻهن جي باٿ روم ۾ ٻاهر آئيس ڪريم جي دڪان ڏي اڇ وڃ، هر پندرهين ويهين منٽن کان پوءِ ڪو ٻار روئندو ماءُ کي پيو ڳولي يا ماءُ ٻار جا بوٽ هٿ ۾ ڪٽي کيس پئي ڳولي. بس پڙدي تي فلم ڏسڻ بدران هال ۾ جيئرن جو ميلو ڏسڻ وڃان هو. ان کان علاوه ڳالهه ڳالهه تي رکي رکي ماڻهن جو جهڳڙو. اسان جي به هڪ ڏر سان خوب ڏي وٺ ٿي. پر اسان جي نمائندگي لطيف تمام اثرائتي انداز ۾ ڪئي. مخالف ڏر ڪجهه مغز ماري ڪري تنهن کان اڳ ڏيگهه کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ اسان جي نمائندي اتندي ئي اهڙي ته ناقابل اشاعت کين گار ڏني جو سڀ چپ ٿي ويا. ڇو ته ان کان پوءِ مٿي جواب وات سان ته نه پر ٿري نات ٿري بندوق سان ئي ڏئي سگهجي ٿو.

بهرحال اهو ڏاڍو سٺو امريڪا ۾ تجربو هو. منهنجا ميزبان پريشان ضرور هٿا ته آئون ڇا سوچيندو هوندس. پر کين ڪهڙي خبر ته مون ان قسم جون فلمون ۾ ان ۾ آيل پاڪستاني ۽ هندستانين جو ميلو نه فقط نيويارڪ ۾ ڏٺو آهي، پر ساڳيو رنگ ڪيترا دفعا مانچسٽر، برادفورڊ، هل، لنڊن، ٽوڪيو، اوساڪا، بئنڪاڪ، بيروت ۽ يورپ ۽ افريڪا جي ڪيترن شهرن ۾ ڏسي چڪو آهيان.

فلم بعد موڪلائي جهاز تي پئي آيس. رات ڪافي گذري چڪي هئي. ڏاڍو ٽڪل هوس. جهاز تي پهچڻ لاءِ ايجان ٽائيمس اسڪوائر پهچڻو هو، اتان ٻي ٽرين جهلڻي هئي. ٻن استيشن بعد هڪ گهٽيءَ جو ويجهو اسٽاپ هو. مبارڪ ٽالپر جهڙي ويل هو، پر پڪ هير ته '319 West' ۾ ڪونه ڪو ضرور هوندو جو در

کولينڈو. نيويارڪ جي سڃي شھر ۾ اھا ئي ٿ ھڪ وڏيري جي اوطاق آھي.

حيدرآباد جي پروفيسر نذير مغل جو ٻاءُ بشير مغل نيويارڪ ڇڏي شايد شڪاگو ويل ھو. ھالا وارو عبداللطيف انصاري ويڪ- اينڊ جي موڪلن تي ميامي (فلوريڊا) ۾ ھو. ٽنڊو جان محمد جي يوسف ڏاھريءَ در کوليو. ٽن سالن بعد ٻہ گھر جو ساڻيو نقشو ھو. فرج مان بيضا ڪڍي پچائي، کائي، آئون ٿ اچي ليٽي پيس. يوسف امريڪا ۾ ڳوٺ جون خبرون ڪندو رھيو. نندَ اصل منھنجن ڇپرن تي ڇپ وانگر ويٺي ھئي. سو مونکي سندس ڪا ڳالھ سمجھ ۾ نہ پئي آئي. بس ايترو ياد اٿر ٿ ھن جي سيني ڳالھين جو اھو شارٽ فارم ھو ٿ ھن سان مسئلو ھي آھي ٿ ٽنڊو جان محمد ۾ آھي ٿ نيويارڪ ٿو ياد اچيس. جي ھتي نيويارڪ ۾ آھي ٿ ٽنڊو جان محمد جي سڪ ٿي ستائيس.

ٻئي ڏينھن صبح جو جھاز تي اچڻ وقت ڪيس ٻہ ساڻ وٺي آيس- رھيل خبرون وٺڻ لاءِ.

O